رنگ ۽ نقش



ڀگوان آٿلاڻي

رنگ ۽ نقش

(مقالن جو مجموعو)

ليکڪ :

پيُوان اَٽلاڻي

پرڪاشڪ :

ڪومل پرڪاشن

ڊي - ۱۸۳، مالوينگر

جئپور - ۳۰۲۰۱۷

اَرپيم

گهٽڪندي شخصيت

سلامتراءِ گرباڻيءَ

کي

Rang Ain Naqsh

(Collection of Resarch Papers)

Writer :
Bhagwan Atlani

Edition First, 2018

Copies - 500

Price : ₹ 300/-

Publisher :
Komal Prakashan
D-183, Malviya Nagar
Jaipur-302017
Mob. 9828400325

Computer Setting :
Bhagwan Raichandani
Alfa Computers & Prints
Hathi Bhata, Ajmer
Mob. 9460479037

Printers :
Tectnocrat Printers Pvt. Ltd.
F-24, Kartarpura Industrial Area,
Bais Godam, Jaipur-302006

رنگ ۽ نقش

(مقالن جو مجموعو)

ليکڪ :
ڀڳوان اَٽلاڻي

ڇاپو پهريون، ٢٠١٨

ڪاپيون - ٥٠٠

قيمت : -/٣٠٠ ₹

پرڪاشڪ :
ڪومل پرڪاشن
ڊي - ١٨٣، مالوينگر
جئپور - ٣٠٢٠١٧
موبائيل : ٩٨٢٨٤٠٠٣٢٥

ڪمپيوٽر سيٽنگ :
ڀڳوان رائچنداڻي
اَلفا ڪمپيوٽرس اَئنڊ پرنٽس
هاٿي ڀاٽا، اَجمير
موبائيل ٩٤٦٠٤٧٩٠٣٧

ڇپيندڙ :
ٽيڪنوڪريٽ پرنٽرس پرا.لميٽيڊ
ايف - ٢٤، ڪرتارپورا انڊ. ايريا،
بائيس گودام، جئپور - ٣٠٢٠٠٦

راجستان سنڌي اڪادمي، جئپور جي مالي مدد سان ڇپايل
राजस्थान सिन्धी अकादमी, जयपुर जी माली मदद सां छपायलु

پيش لفظ

مضمون انگريزي لفظ Essay جي حوالي ۾ ڪتب اچي ٿو. هن جو مطلب ڪوشش به ٿئي ٿو. البت ادبي صنف جي حوالي ۾ اُن جي معنيٰ Literary Composition or Treatise ٿئي ٿي. آڪسفورڊ ڊڪشنريءَ ۾ مضمون جي وصف هن ريت ڏنل آهي،

A composition of moderate length on any particular object or branch of subjcet, originally implying want to finish but now said of a composition more or less elaborate in style, though limited in range.

ليکڪ جي هر قسم جي ڄاڻ، گيان، ادبي پونجيءَ کي هڪ ئي وقت اِظهار ڏيڻ جي اهميت ۽ ضرورت مضمون ۾ ٿئي ٿي. ٻين لفظن ۾ چئجي ته ليکڪ پنهنجي مڪمل شخصيت جو هڪ ئي وقت تياڳ، نمائش ڪري ٿو. اديب جي شخصيت کي پنهنجي علحدگيءَ ۾ ظاهر ڪرڻ جو موقعو جيترو مضمون ۾ حاصل ٿئي ٿو اوترو ادب جي ٻيءَ ڪنهن صنف ۾ نٿو حاصل ٿئي.

مضمون نثر جي شاخ آهي، تنهن هوندي به هر ٻاشا ۾ مضمون، مقالا جهجهي انداز ۾ سنا، هر وشيه، هر ڏانوَ جا قلم بند ڪيا ويندا آهن ۽ اِئين ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيا ويا آهن. سنڌيءَ جي اعليٰ مضمون نگارن، محقق تنقيدنگارن ۾ شري پگوان اٺلاڻي باعزت اول صنف ۾ درج ٿيل آهي. هن جا مقالن، مضمونن جا ڪتاب ڪافي ادبي معيار رکندڙ آهن.

پڳوان اٺلاڻي پنهنجي ذاتي تجربي، مشاهدن، گهري اڀياس، آزمودن جي روشنيءَ ۾ زندگيءَ ۽ ادب جي جدا جدا موضوعن کي ڪٿي مقالن ۾ روشني وڌي آهي. مضمون داخلي دستڪ آهن، جن ۾ ڀڳوان اٺلاڻيءَ پنهنجي شخصيت، خيالات ۽ تصورات کي شدت ۽ صادق جذبي سان پيش ڪيو آهي. هنن ۾ گهرو فليسفانه رنگ، ربط شامل آهي.

فهرست

اخلاقي گوناگون ٻال ادب جو گهرائيءَ ۽ باريڪيءَ سان ذڪر ڪيو آهي، هڪ اپياسي، حوالائي مضمون آهي ۽ ٻال ادب تي مڪمل، نه صرف مڪمل روشني وڌل آهي، پر اُن جو سنڌي ٻال ادب، ادبين تي ڪهڙو اثر ڪهڙي نموني پريو جو سر چشمو رهيو آهي، جو بخوبي چٽ چٽيو آهي. هڪ سوال ڪڙو ڪيو ويو آهي ته ”ڪابلي والا“ کي ٻال ڪهاڻي سڏجي يا نه؟ سوال سان گڏ جواب به تلاش جي ڪوشش ڪيل آهي، ٽئگور ۽ شانتي نڪيتن جا وڏ ۾ وڏ اثر سدا حيات ڪرشڻ ڪتواڻيءَ جهنيا آهن ۽ پنهنجين رچنائن ۾ اُنهن کي چٽيو، اوتيو آهي. ٽئگور سنڌ جي زيارت ڪئي هئي، اُن جو حوالو ڏيندي مقالا نويس بلڪل صاف، چٽو، پختو، اثرائتو، وزندار رايو به پيش ڪيو آهي ته ٽئگور جي لکڻين جو اثر بخوبي سنڌي ادب تي پيل آهي.

ٻال ادب جي حوالي سان ٿي ”راجستان ۾ ٻال ناٽڪ، ماضي، حال، مستقبل“ مقالو پڻ درج ٿيل آهي. اديب ڄاڻايو آهي ته سنڌيءَ ۾ ٻال ادب کي توجه گهٽ ڏني وڃي ٿي. ٻال ناٽڪن جي نالي وڏن جا ناٽڪ ڪيڏيا وڃن ٿا، ٻارن جو شوشڻ ٿي رهيو آهي. اصلوڪن چاهي ترجمو ٿيل ٻال ناٽڪن جي ڪوٽ آهي. سنڌي ٻال ٿئيٽر طرف جوڳو ڌيان نٿو ڏنو وڃي، اِن صاف چٽي رايي ۽ بي باڪيءَ سان ڪيل ڄاڻا سان مان بلڪل شاملراءِ آهيان جو اِهي حقيقتون آهن. مقالا نويس سنڌي ڪلچرل سوسائٽي، جوڌپور جي حوالي سان ٻال ناٽڪن لاءِ ڪيل ورڪشاپن، ورتل ڪوشش، منچ ڪيل ناٽڪن جي وچور سان چنبڇاڻ ڪندي، تفصيل ڏيندي راجستان ۾ سنڌي ٻال ناٽڪن جي اوسر، وڪاس جي راهه ۽ تواريخ جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، اِهو به ڄاڻايو ويو آهي ته ٻال ناٽڪن جي عملي وڪاس ۾ يارت ير ۾ صرف راجستان ٿي آهي جيڪو اڳيرو آهي. باقي صوبن ۾ ورتل ڪوششون ٻاروتن ۾ آهن. ٻال ناٽڪ پيش ڪندڙن، هدايتڪارن، اديبن ۽ سنستائن جو به جائزو ورتل آهي ۽ اِن ڏس ۾ شري هريش ڏيوناڻيءَ جي ورتل عمدين، عملي، لاثاني ڪوششن ۽ اُن جي سنڌي ٻال ناٽڪن طرف گنڀيرتا جي رُخ جو به جائزو ورتل آهي.

سنڌي ٻال ساهتيه جي حوالي ۾ ٿي ”سنڌي ٻال ساهتيه جا موجوده مسئلا“ مضمون به ڌيان ڇڪائيندڙ آهي. ٻال ادب سامهون جيڪي به

اٿلاڻيءَ جا مقالا اندازي بيان ۽ اخلاق آهور هجڻ ڪري ڪافي مقبول ٿيا آهن. اُهي ڪافي ملهائتا ۽ معياري آهن.

هوُ ضرورت جيترو ڳالهائيندڙ، بي باڪيءَ سان پنهنجا ويچار پيش ڪندڙ، محدود تز سرل سپڪ سنڌي ٻوليءَ ۾ پنهنجا رايا، سجهاوَ، نتيجا، ويچار، مشاهدو نهايت غور سان ڏيندڙ، چڱيءَ طرح نظر، ڌيان رکڻ جو عمل ڪندڙ، سنڌيت جي شيدائي هندي، سنڌيءَ جو مايہ ناز، برک اديب، حساس دل شخص ادب جو اپياسو ۽ پارکو آهي.

هن جي تخليقي چاهي تحقيقي، تنقيدي رچنائن جا موضوع، ڪردار، اندازي بيان ادائگي، اظهار، لفظن جي چونڊ اهڙي آهي جو پڙهندڙن، ٻڌندڙن کي پاڻ سان جوڙي رکي ٿي، هر وشيہ سان نباهہ، اونهو وچڻ جي ڪوشش آجيان لائق آهي. فطرتن وهنوار، شخصي آزمودي، لکڻ جي قابليت، ڪٽ، تڪ تور جي مدي نظر ادبي ڏارائن سان هم قدم رهندي نت نون ماڻن، ماپن، ملهن سان نپائيندو پيو اچي. اڄ هو جديديت، بعد جديديت ڪٿا ساهتيہ جي باشعور سرجڪ ۽ سنجيدهہ مقالا نويس جي حيثيت ۾ اسانجي سامهون بيٺو آهي.

پيُوان اٿلاڻي سرجن عمل سان گڏ، فڪرانہ، جائزي ڪاريءَ، چنتن، منن جي راهہ تي مختلف وشين، پهلن کي کڻي اسانجي سامهون مقالن جو ڪتاب ”رنگ ۽ نقش“ کڻي آيو آهي. جيڪو هر لحاظ کان معياري گوناگونيت سان پرپور، جدا جدا ادبي سيمينارن ۾ پڙهيل، مڃتا حاصل ڪيل، منهنجي شاهديءَ سان سرشار ٿيل مقالن جو ڪتاب آهي.

”رنگ ۽ نقش“ مقالن جي ڪتاب ۾ جملي 13 مقالا درج ٿيل آهن ۽ ڪهڙو مقالو ڪهڙي سيمينار ۾، ڪهڙي تاريخ ۽ هنڌ تي پڙهيو ويو آهي، اُهو هرهڪ مقالي جي آخر ۾ جاڻايل آهي.

ڪتاب جو پهريون مقالو ”ٽئگور جي ٻال ساهتيہ جو سنڌي ترجمو ۽ سنڌي ٻال ساهتيہ تي اثر“ آهي. مقالي ۾ ٽئگور جي دنيا پر هاڪاري شانتي نڪيتن جي اِستاپنا، وڪاس، واڌاري جي ورتل ڪوشش ۽ ٽئگور جي صادق جذبي سان گڏ شانتي نڪتين ۾ ٻارن جي اِنتظام، قدرتي ماحول جو ڪهڙو اثر نمايان ٿئي ٿو، جي ذڪر سان گڏ ٽئگور جي اصل

ويا آهن. پنهنجي ناٽڪ ’پالتو‘ لاءِ صاف رايو ڏنو آهي تہ ناٽڪ ۾ منچ جون صلاحتون هونديون بہ هيءُ ناٽڪ عام درشڪن جو نہ آهي. ’پالتو‘ ڪي ڏانو وارو هدايتڪار ئي پيش ڪري سگهي ٿو. سنڌي ناٽڪن جي ڪنهن مخصوص اسٽائيل جي اٽاٽ طرف پڻ ھُن ڌيان ڇڪايو آهي.

”راجستان جي چپيل ناٽڪن جي وڪاس ياترا 2010-1990“ ۾ نون ناٽڪ نويسن جي شايع ٿيل ناٽڪن جو جائزو وٺي نتيجا ڏنل آهن. اِهو بہ جاٽايل آهي تہ ڪتاب گهٽ ڇپجن ٿا شايع ٿين. شايع ٿيل ناٽڪ منچ جي سونهن بہ گهٽ بڻجن ٿا تہ گڏوگڏ ناٽڪن جي ڏس ۾ ڪي بہ تجربا نٿا ڪيا وڃن. ”انواد پرڪريا جا رنگ روپ“ ۾ چٽو ڪيل آهي تہ من کي ڇهندڙ، اُڪير پيدا ڪندڙ گهرائيءَ سان ٿبي ڏيئي مؤج ماڻڻ لاءِ جيڪا رچنا آماده ڪري ٿي اُن کي عمدو، بهترين انواد/اُلٽو سڏيو وڃي ٿو. واسديو موهيءَ جي ڪهاڻين جي مجموعي ”چيڪ بوڪ“ جي حوالي سان انواد پرڪريا، انواد ڪرڻ جي حالتن، ڀاشا جي ايندڙ تڪليفن، ٻوليءَ جي پرڪرتيءَ جو ذڪر ڪيل آهي. اصطلاحن، پهاڪن جي ترجمي ۾ ٿيندڙ مونجهارن جو ذڪر ڪندي واضع ڪيو ويو آهي تہ ترجمو لفظن، ڀاونائن، احساسن جي گڏيل اثر سان گڏ پيشڪش ۾ ٿبي ڏيڻ آهي. ”سنڌي ٻوليءَ جي گهٽجندڙ واهپي“ جا انيڪ واجبي، حقيقي ڪارڻ تہ ٻڌايا ويا آهن پر گڏوگڏ آشاوادي نظريعو بہ ظاهر ڪيو ويو آهي تہ پنهنجي پختي اِرادي، سادق جذبي سان اُدم ڪنداسين تہ ٻڏندڙ ٻيڙي ڪناري ضرور لڳندي.

”سنڌي ساهتيہ جو وسامندڙ ڏيئو ۽ سنڌين جا فرض“ سنڌين جي احساس ڪمتري، ٻوليءَ طرف اُداسائي، حالتن ۽ سنڌيءَ ڪانسواءِ ٻين ڀاشائن ۾ لکندڙن جي محتاجي حاصلات ۽ گيان پيٺ اوارڊ جي ذڪر سان گڏ سداحيات صحافي هري تنواڻيءَ جو ڪيل ذڪر وقتائتو آهي. ڪتاب اخبارون، مخزنون خريد ڪري پڙهڻ جي جوڳي صلاح بہ ڏنل آهي. ”پرم ابيچنداڻيءَ جو ساهتيڪ نظريو ۽ هن سان وابسط وواد“ ۾ مقالا نويس پرم جي مٽيءَ سان پيٽ ڪندي، ننهن ڪان وٺي چوٽيءَ تائين گيان، چنتن، فلاسافي، پريوگ، سچ جي کوج، تلاش، ساهتيہ کي نچ

مشڪلاتون، رڪاوٽون، مسئلا آهن، اُنهنجي ڇنڊڇاڻ ڪري سمجهاوَ پيش ڪندي اِها بہ ڇنتا ظاهر ڪيل آهي تہ سنڌيءَ ۾ هڪ بہ اهڙو اديب ڪونهي جيڪو صرف ٻال ادب ئي رچيندو هجي. اِها بہ تقاضا ڪيل آهي تہ نئون ٻال ساهتيہ وقت جي گهرج، تقاضا ۽ ٻال منوو گيانڪ آڌارت هجڻ گهرجي ۽ اِن ڳالهہ تي بہ زور ڏنل آهي تہ آوازي ڪلچر کان وڌيڪ سنو، عمدو، باتصور ٻال ادب دائمي اثر پئدا ڪري ٿو، ٻارن ڪي چريتروان، سنسڪاري بڻائي ٿو ۽ سنڌي ڳالهائڻ، پڙهڻ، سمجهڻ ۾ واهر ڪري ٿو. سنڌي ٻال ادب ذريعي ئي ٻولي، ساهتيہ، سنسڪرتي، ثقافت جو آئينده وڌيڪ روشن ڪري سگهجي ٿو.

”ورهاڱي کانپوءِ غير افسانوي ساهتيہ - ناول جي تنقيد“ ناول جي اوسر، اِرتقا، وڪاس، ڦهلاءُ، معيار جي ڏس ۾ گهرو اڀياسي ۽ تحقيقي ۽ تنقيدي تنتوَن سان ڀرپور هڪ عالماڻو مقالو آهي. آنند کيماڻيءَ جي ناول ”اَڻ لتاڙيل پيچرا“ ۾ پس جدتي جي حوالي ۾ آنند ڪي کهڙين علحدگين جي مدي نظر جدايگانو درجو عطا ٿئي ٿو، اُن جو مثالن ۽ حوالن سان اهو ثابت ڪيو ويو آهي تہ نہ صرف سنڌي پر ٻين ڀاشائن جي اديبن کان پڻ جدا هڪ خاص مقام ٿو بخشي. مقالا نويس ڄاڻائي ٿو تہ آنند پس جدتيءَ جي رچنائن ۾ ڀرپور جيئڻ ۽ ماڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اِهو بہ چٽو ڪيو ويو آهي تہ شخص، واد، اِدارو، علائقو، ذات، ڀاشا، ڌرم، پنٿ، ڪجهہ بہ اِنهن مان سندس ساهت جو انش تنتو نٿو بڻجي. هو سياست جو بہ غلام نہ آهي. آنند پنهنجي فلسفي، چنتن جي ويچارڌارا ۾ چٽو آهي ۽ ذهني پاٺڪن کي همسفر ٿو بڻائي.

”سنڌي اصلوڪن وڏن ناٽڪن جي اوسر1981 کان 2013“ اصلوڪا وڏا ناٽڪ جوڙيل، شايع ٿيل ۽ منچ تي آيل آهن يا نہ، جي وچور ڏيئي ناٽڪن جي صلاحيت سان ناٽڪن جي سوچ فڪري لاڙن کي اڳيان آڻڻ جي ڪامياب ڪوشش آهي. ناٽڪ سڦل رهيا يا اسڦل بڻيا، سان گڏ ناٽڪن جي وشين کي ڇهيو آهي، مخصوص سنڌي سيٽاپ وارن ناٽڪن جي نشانديهي ڪندي جاچنائون بہ پيش ڪيون آهن ۽ اڀياس مي آڌار تي اُلڪو بہ پيش ڪيو آهي. ناٽڪ سرگرميون، ناٽڪ منڊليون گهٽجي رهيون آهن. ناٽڪ پنتي پوڻ جا سبب ۽ اُن کي وڌائڻ جا وسيلا بہ ٻڌايا

ٽئگور جي ٻال ساهتيہ جو سنڌي ترجمو ۽ سنڌي ٻال ساهتيہ تي اُنجو اثر

ربيندرناٿ ٽئگور سال 1901ع ۾ شانتينڪيتن ۾ پنهنجن خوابن ۾ وَسيل سکيا جو مرڪز برپا ڪيو. پوري طرح بيابان سڃي ايراضيءَ ۾ اڪيلي وڻن جي جوڙي ”ماڌوي لتا“ جي هيٺان ويهي ٻار پڙهندا هئا ۽ ٽئگور پاڻ کين پڙهائيندو هو. مدد ۽ صلاح جي خيال کان اهميت رکڻ وارن شخصن کي شانتينڪيتن گهرائي هُو پنهنجيءَ تامير کي وڌ ۾ وڌ سهڻو بڻائڻ جي ڪوشش ڪندو هو. اِسڪول شروع ٿئي سال کن گذري چڪو هو. هڪ ڏينهن بنگال جو هڪ ناميارو شڪشا شاستري شانتينڪيتن ڏسڻ آيو. ٽئگور سان گڏ هُو اُن وڻ وٽ پهتو جتي ماستر ٻارن کي پاڙهي رهيو هو. ڏسي کيس تعجب ٿيو. ڪجهہ ٻار تہ سانتيڪي نموني ويٺا پڙهي رهيا هئا، پر ڪجهہ ٻار اهڙا هئا، جيڪي راند ۾ مشغول هئا ۽ وڻ تي چڙهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. ڏِک پردو رکندي، چپن تي مُرڪ آڻيندي هن ٽئگور کي چيو، ”مهاشيہ، فقط هڪ سال جي عرصي ۾ توهان ڪجهہ ٻارن کي انشاسن جو سبق سٺي نموني سيکاري ياد ڪرائي ڇڏيو آهي. اُميد تہ ٻچيل ٻار بہ جلد هنن جهڙا ٿي ويندا.“ ربيندرناٿ ٽئگور زور سان ٽهڪ ڏيندي پهرين وڻ هيٺان ويهي پڙهندڙ ٻارن ڏانهن ۽ پوءِ مستي ڪندڙ ٻارن ڏانهن اِشارو ڪندي جواب ڏنو، ”ها، اُميد تہ جلد هي بہ هنن جهڙا ٿي ويندا.“

ربيندرناٿ ساهتيہ جي مشهوُر اڀياسي ليلا مجُمودار موجب، ”ٻارن سان کيس اپار پريم هو. ٻارن سان هُو پيار ئي نہ ڪندو هو،

ساهتيہ روپ ۾ ڏسڻ جي چاهنا جو فڪر ۽ ذڪر آهي. ڪميونس، پرڳتي وادي اديبن جي ڪشمڪش، نظريي، اِنعامنن، دوستي واد، ناتن، دشمني، پسندگي ناپسندگيءَ جو جواب چوپڙين ذريعي ڏيڻ جي سرگرمي پڻ درج ڪيل آهي. اِهو بہ ظاهر ڪيو ويو آهي تہ پرم جي آلوچنا جو آڌار دوستي واد، ناتا، دشمني، وير، پسند - ناپسند جي بدران ليکڪ جي رچنا شيلتا تي آڌارت آهي.

”نئين روايت جو ڪهاڻيڪار گلزار“ ڪوي، اسڪرين پلي رائٽر، گيتڪار، هدايتڪار گلزار جي ڪهاڻين جي منظرڪشي آهي. چتراتمڪتا هن جي ڪهاڻين جي وڏي سگهہ، شڪتي، طاقت تہ آهي ئي، پر مول مزاج بہ آهي. ورهاڱي جي وقت وحشت جا چٽ چٽيل آهن، هنجون ڪجهہ ڪهاڻيون نہ، شبد چتر آهن. زوريءَ زناءُ، ڌارمڪ جنون، نڪسلواد، هندو مسلم فساد وغيره جديد ترين مسئلا گلزار جي ڪهاڻين جا مول تنتوَ آهن.

ادل پڳوان اتلاڻي جا مقالا/مضمون سرجناتمڪ، کوجناتمڪ، تنقيدي، تواريخي ادب جي درجي تي پهتل آهن. ماهرن جي اِظهار جي چنتن سان پرپور واهڻ آهن، ويچار شئليءَ جي چمڪ جي لحاظ کان مقالا وڻندڙ، پڙهندڙن کي دماغي سڪون بخشيندڙ آهن. ويچار نشنا، پاو نشنا لياڪا پائيندي نظر اچي ٿي. وسيع، پڪي پختي جاچنا، ساڄ کان آجي نظر ۽ اِظهار جي ڏانوَ جي مالڪ پڳوان اتلاڻيءَ جي وڏي آورجا، صحتمند جيون لاءِ دعا گهري رهيو آهيان.

- جيتو لعلواڻي

لوھا ڪنن ڪنن، ندرا ۾ پڙا تا اچيتن، سِر ڪا سؤدا، وير، پُڄارِن ۽ پارس جھڙيون ٻال ڪويتائون لکي ٽئگور ٻال ساھت کي مالا مال ڪيو.

سنڌ ۾ سکر، ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ دنيا جي وڏن پرڪاشن اِدارن ۽ خانگي سطح تي ڪيل ڪوشش سبب ڪؤڙومل چندمل کلناڻي، مرزا قليچ بيغ، ديارام گدومل، پرمانند ميوارام ۽ لعل سنگھہ اجواڻيءَ جھڙا ليکڪ سنڌي ساھتيہ جڳت جا سورج ٿي اُڀريا. ڪويتا لکڻ وارن ۾ ھوندراج دکايل، حيدربخش جتوئي ۽ شيخ اياز، ناٽڪ لکڻ وارن ۾ لالا رامسنگھہ ولد شيواسنگھہ اجواڻي ۽ ايم.يو. ملڪاڻي، ڪھاڻي لکڻ وارن ۾ ڪؤڙومل چندنمل کلناڻي، پيرومل مھرچند، فتح محمد ۽ اين. آر. ملڪاڻي، مضمون لکڻ وارن ۾ چينمل پرسرام، ڊاڪٽر ايچ. ايم. گُربخشاڻي ۽ پرمانند ميوارام جي رھنمائيءَ ۾ ليکڪن جي وڏي فؤج ھوندي بہ ٻال ساھتيہ ڏانھن ڌيان ڪجھہ گھٽ رھيو. مؤل سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ بيت تہ لکيا ويا پر ھريسنگھہ ۽ پوڪرداس پبلشرس، عل وحيد پريس، مسلم اَدبي سوسائٽي، التاق پريس، ڪھاڻي پبليڪشنس، رتن ساھتيہ مالا، سندر ساھتيہ مالا ۽ ڀارت جيون پبليڪشنس جي سرگرم ھئڻ ڪانپوءِ بہ بين ڀارتيہ ڀاشائن ۾ چپيل ٻال ساھتيہ کي ترجمو ڪري سنڌيءَ ۾ آڻڻ جي گھٽ ڪوشش ٿي. ربيندرناٿ جي فقط ھڪ ٻال ڪويتا سنگرہ ’بالچندر‘ (Crescent Moon) جو ’ٻال چندرما‘ عنوان سان ارجن ايسراڻيءَ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري آڪٽوبر 1940۾ ڇپارايو. ھيءُ ترجمو بيحد وڻندڙ ۽ سليس آھي.

ساھتہ اڪاڊميءَ 1961۾ ربيندرناٿ ٽئگور جي جنم جا سؤ سال پورا ٿيڻ تي ڪتاب ۽ 1986۾ سوا سؤ سال پورا ٿيڻ تي 820 صفحن ۾ ’رويندر رچنا سنچين‘ ھنديءَ ۾ شايع ڪيا ھئا. اِن کان اڳ ۾ بہ ٽئگور جي 500 ڪويتائن جو ھنديءَ ۾ ترجمو ’رويندر پنچشتي‘ ساھتيہ اڪاڊميءَ ڇاپيو ھو. 1961۾ شايع ڪيل ھند جي انن ڪتابن ۾ سندس چونڊيل ساھتيہ پڙھ ٻن ڀاڱن ۾ ھنديءَ ۾ پڌرو ڪيو ويو ھو. پر ساھتيہ اڪاڊميءَ انھن مان ڪنھن بہ ڪتاب جو

هنن تي ڀروسو ٻه ڪندو هو ۽ سندن عزت پڻ ڪندو هو. ڪين نادان، ناسمجهه ۽ بيوقوف نه، سياڻو مڃيندو هو. سندس وشواس هو ته جيڪڏهن سولي نموني سمجهائجي ته ٻار ڏکين ڪان ڏکيا وشيه سکي سگهن ٿا. رڙيون واڪا ڪري، دڙڪا ڏيڻ جي جڳهه تي جيڪڏهن راند ڪندي ڳالهيون ڪجن ته ٻارن جا گُڻ اُڀري پروان چڙهي سگهن ٿا.''

رٻيندرناٿ ٺاڳور جو سمورو ٻال ساهتيه اِنهن ويچارن جي پوئواري ٿو ڪري. ساڍن ٻارهن سالن جي ٻاراڻي عمر ۾ پرٿويراج جي هار تي لکيل ڪاويه ناٽڪ سان ڪيل سرجڻ جي شروعات ديش لاءِ ٺاڳور جي من ۾ هلندڙ اُٿل پٿل جو نتيجو هئي. ڪويءَ کي احساس هو ته ٻارن لاءِ لکڻ ڪان اڳ ۾ ذهني سطح تي ٻارن سان مشابهت ضروري آهي. شايد تنهنڪري ئي ٻارن لاءِ پهرين ڪويتا ٺاڳور ويهن سالن جي عمر ۾ لکي، ''وِشٽي پڙي ناپُر ٽُپرُ''. اڳتي هلي ٻارن لاءِ لکيل سندس ڪويتائن جا مجموعا 'شِشوُ' ۽ 'شِشوُ پولينات' شايع ٿيا. جانورن جي ٻَليءَ تي ٻڌل دل دهلائيندڙ پنهنجي لکيل ٻال اُپنياس 'راجرشي' کي ٺاڳور 'وسرجن' عنوان سان ٻال ناٽڪ جي روپ ۾ پيش ڪيو. 'ڀانوسنگهه ڪي پتراولي' ۾ شامل ٽيون ۽ پنجون خط، توتا ڪهاڻي، ڊاڪگهر، مُنشي، جادوئي گهر، اَبدل ماجهي ڪي گپ، سوديش، اَنڌڪار پرويش ۽ اِڇاپورڻ، ڪابليوالا ۽ ڪشدت پاشاڻ جهڙيون ٻال ڪهاڻيون؛ گپت ڌن ۽ اڳ ۾ ذڪر هيٺ آيل راجرشي جهڙا ٻال ناول؛ مُڪُت ۽ پرسِڌي ڪؤتُڪ جهڙا ٻال ناٽڪ؛ چاتريرپرِيڪشا جهڙيون ٻال ايڪانڪيون؛ لڪشمي پريڪشا جهڙا سنگيت ٻال ناٽڪ؛ او ميري ديش ڪي مٽي، راجا ڪا محل، نام اُسڪا موتي جهيل، وَنواس، قول، انوکي چاهه، چڪاچونڌ سي ڍر اُسکو هئه، پرائي پير، مورک، راهه ڀولا، ديدي، نقلي گرهه، چوٽي سي هماري ندي، اگني ڪانڊ، جهان چت ڀيه شوُنيه، جسي پتاڪا اَپني تُم ديتي هو، وپدائون سي رکشا ڪرو يهه نه ميري پرارٿنا، سپي ڪهين ميرا گهر هئه، تم وهان پوکر کي تٽ پر، پرانا نوڪر، هم تو کيت ڪرين مگن مگن، جوُتا آوشڪار،

تي ’ربيندرنات لٽريري ائنڊ ڊراميٽڪ ڪلب‘ جي اُدگهاٽن لاءِ 1923ع ۾ سنڌ آيل ربيندرنات ٺاڪور جي آجيان ۾ پيش سندس ناٽڪ ’چترا‘ جا چونڊ سين پڻ سنڌيءَ ۾ نه، انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري اِسٽيج ڪيا ويا هئا. ممڪن آهي، اِهو فيصلو اِنڪري ورتو ويو هجي ڇو ته ربيندرنات ڪي سنڌي نه ايندي هئي. سبب ڪو به هجي پر ربيندرنات جي مؤجودگيءَ ۾ سنڌيءَ جي درشڪن سندس ناٽڪ جا چونڊ درشيه انگريزيءَ ۾ ڏنا ۽ سندس هڪ ناٽڪ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو پڻ پاڻڪن جي سامهون نه اچي سگهيو.

ڪنهن به ڀاشا جو ٻال ساهتيڪار ٻارن جي ساهتيه سان گڏ ٻين ڀاشائن ۾ پڻ لکي ٿو، ٻين ڀاشائن ۾ سرجيل شاهڪار رچنائن جا ترجما پڙهي ٿو. ڄاڻندي - اڻڄاڻندي اُنهن جا اثر ڪٺي ٿو. اُهي اثر ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ سندس رچنائن ۾ نظر ٿا اچن. ٻين مشهور ليکڪن سان گڏ ربيندرنات ٺاڪور جي ناولن ۽ ڪهاڻين جا ترجما سنڌيءَ جي ٻال ساهتيڪارن پڙهيا. چوهڙمل ڏياريومل هندوجا جا ترجمو ڪيل ربيندرنات ٺاڪور جا ناول ’اَک سُور‘ (مُول ’چوکير بالي‘) ۽ ’سنجوڳ‘ (مُول ’جوڳاجوڳ‘) ۽ فتحچند واسواڻيءَ جون ترجمو ڪيل ’ربيندرنات جون آکاڻيون‘ مختلف اثر ڪٺي سنڌيءَ جي ٻال ساهت ۾ نمُودار ٿيا.

ڇوته ربيندرنات ٺاڪور نِلهو ليکڪ ۽ ڪلاڪار نه هو. صحيح ڪرڻ لاءِ جنگ جوٽڻ جو جذبو به هن ۾ هو، تنهنڪري سندس لکيل ساهتيه هڪ الڳ ڇاپ ڇڏڻ ۾ سمرٿ هو. پُريءَ واري خانداني جڳهه ۽ زال مرڻالني ديويءَ جا زيور وڪڻي ربيندرنات شانتينڪيتن برپا ڪيو. نوبل پرسڪار ۾ مليل 1لک 20هزار رپين سان شانتينڪيتن جي ڀرسان ڳوٺاڻن جي ڀلائيءَ لاءِ هن ڳرام سهڪاري بئنڪ کوليو. شانتينڪيتن جي ويجهو سُرل ڳوٺ ۾ شري نڪيتن نالي سان مرڪز ٺاهي پئداوار کي سگهارو ۽ فائديمند بڻائڻ لاءِ وگيانڪ تجربا ڪرايا. راڄنيتيءَ ۾ ڀهرو وٺي غلاميءَ خلاف آواز بلند ڪيو. جليانوالا باغ جي

سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرائڻ مناسب نہ سمجھو ھو.

ورھاڱي ڪانپوءِ ڀارت ۾ جڳت آڏواڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي، داس طالب، گوبند مالھي، سندري اُتمچنداڻي، چندرسين خوبچنداڻي، جيوَت چاولا ۽ ٻھاري چاڀڙيا وغيرہ ڪيترن ئي غير سنڌي ڪتابن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. اِن ڏس ۾ سرگرم ساھتيہ مالھا ۽ سھڻي ڪتابگھر پڻ سرگرم رھيا. سنڌي ساھتيہ جو مختصر جائزو 1980 ۾ ڇپيو ھو. منگھارام ملڪاڻيءَ اِن جائزي ۾ سنڌيءَ ۾ ڇپيل ترجمي جا حوالا پڻ ڏنا آھن. پر اُنھن ۾ بہ ٻال ساھتيہ ندارد آھي.

سال 1938 ۾ رتن ساھتيہ مالھا پيرومل مھرچند جو ناول ’آزاديءَ جي ڪوڏي‘ شايع ڪيو. پاڻ ليکڪ ذڪر ڪيو آھي تہ ڪتاب جو مواد ربيندرناٿ ٽئگور جي ’ڏاڪ گھر‘ تان کنيل آھي. فتحچند واسواڻيءَ جي 1963 ۾ شايع ٿيل ترجمي ’ربيندرناٿ جون آکاڻيون‘ ۾ شامل ايڪويھن کھاڻين ۾ ٽئگور جي فقط ھڪ ٻال کھاڻي شامل ڪيل آھي. ’ڪابليوالا‘ احمدآباد جي مقبول ٻال ساھتيڪار ڊاڪٽر ھوندراج ٻلواڻيءَ جي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل مجموعي ’دنيا جون بھترين ٻال کھاڻيون‘ ۾ بہ الڳ الڳ ليکڪن جي کھاڻين ۾ ربيندرناٿ ٽئگور جي ’ڪابليوالا‘ کي شامل ڪيو ويو آھي. سال 1926 ۾ جڳت آڏواڻيءَ ’پٺاڻ‘ عنوان سان ’ڪابليوالا‘ جو ترجمو ڪيو. گرڌاري ڪرپالاڻي ۽ ٻھاري چاڀڙيا ’ڪابليوالا‘ عنوان سان ’ڪابليوالا‘ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. اِھا ڳالھہ الڳ آھي تہ ’ڪابليوالا‘ کي ٻال کھاڻي مڃجي يا نہ، اِن مدعي تي ماھر ۽ نقاد شاملراءِ نہ آھن. ھڪ پاسي بي.اي. ۽ ايم. اي. جي ساھتيہ جي درسي ڪتابن ۾ ’ڪابليوالا‘ کي بالغن جي کھاڻيءَ جي روپ ۾ پڙھايو ٿو وڃي ۽ گُوگل تي ميسر ڄاڻ موجب ٻئي پاسي ھڪ مشھور بين اَمُلڪ پبلشر طرفان انگريزيءَ ۾ شامل ڪيل ربيندرناٿ ٽئگور جي چونڊ ٻال کھاڻين جي ترجمو ٿيل مجموعي جو عنوان ئي ’ڪابليوالا‘ آھي.

غور طلب آھي تہ منگھارام ملڪاڻي ۽ خانچند درياڻيءَ جي نينڊ

۽ بنگالي ڪردارن کي ڪنيو آهي، ضروري ڪانهي تہ اِها شاملات ربيندرنات ٽئگور جي اثر سبب هجي پر اِن قسم جي اِمڪان کان اِنڪار پڻ نٿو ڪري سگهجي. ربيندرنات ٽئگور ٻارن کي جيترو سمجهو، هوشيار ۽ پروسيمند مڃيندو هو؛ اِنٽرنيٽ، ٽيليويزن ۽ موبائيل جهڙن اڪيچار وسيلن سبب اجوڪا ٻار اُنکان گهٽا وڌيڪ سياڻا ۽ سمرٿ آهن. پوُت پريت، ديو پريون، راجا راڻيون تہ هنن لاءِ اڳ ۾ ئي بي اثر ٿي چڪا هئا، هاڻي جو ناٿن سو فٽ جو ’گليوَر ٽريولس‘، ڊينيل ڊيفو جو ’رابنسن ڪروسو‘، ڪپلنگ جو ’جنگل بُڪ‘ ۽ گراهم جو ’د وِنڊ اِن د ولوز‘ پڻ جاسوسي ڪهاڻين جهڙا ٿا لڳن. تنهن وقت موجوده دؤر جي ضرورتن سان وابستہ ٻال ساهتيہ جي گهرج ربيندرنات ٽئگور جو ٻال ساهتيہ بخوبي پوري ڪندڙ هو. سنڌيءَ ۾ ٻال ساهتيہ جا ليکڪ خواه ڪوي سندس ڪم کي اڳيان وڌائي رهيا آهن. ڊاڪٽر هوندراج ٻلواڻي، ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي، ڪيمن مولاڻي، ڊاڪٽر ديال آشا، واشديوَ سنڌوُ ڀارتي، ڊاڪٽر جينو لعلواڻي، ڊاڪٽر ومي سدارنگاڻي، هري دلگير، وشڻو ڀاٽيا، واشديوَ نرمل ۽ اِنکان اڳ لتا جيناڻي، جيوت گوگيا، گوورڌن ڀارتي، ايشور چندر وغيره سڄاڳ يا سُتل نموني وقت جي تقاضن کي ڌيان ۾ رکي ٻارن لاءِ لکندا رهيا آهن. ظاهر يا پوشيده روپ ۾ سنڌيءَ ۾ ٻال ساهتيہ رچيندڙ ليکڪ اُن رستي جا پانڌيئڙا آهن جنهن تي هلي ربيندرنات ٽئگور توتا ڪهاڻي، ڊاڪگهر، مُڪٽ ۽ وپدائون سي رکشا ڪرو يھ نہ ميري پرارٿنا هئہ جهڙيون معنيٰ ڀريون ٻال رچنائون خلقيون ۽ شايد اُن راھ کي ڏينهون ڀوءِ وڌيڪ روشن ڪري رهيا آهن.

(دهلي سنڌي اَڪادميءَ پاران دهليءَ ۾ 7-6 آگسٽ 2011 تي ٿيل سيمينار ۾ پڙهيل پيپر)

قتلي عام جي ورونڊ ۾ 1919 ۾ سَر جي پدوي واپس موٽائي ڇڏي.
ربيندرناٿ ٽئگور جي ساهتيه جو اثر سندس وهنوارڪ آدرشن سبب ليڪڪن لاءِ روشنيءَ جي مناري مثل هو. هوندراج دکايل جهڙا ڪوي جيڪڏهن سنڌي عوام کي پنهنجين ڪويتائن توڙي سپائن ۾ ڪنجڙيءَ تي ٻاڌل گيتن معرفت جوش سان پيري سگهيا ته ڪليل يا لڪل نمونې ربيندرناٿ ٽئگور جو فن ۽ شخصيت اِنجي پنيان هئا. مرزا قليچ بيغ، ڪشنچند بيوس، هري دلگير، ڪيئلداس فاني سان گڏ عبدل ڪريم گدائي، آغا صوفي، حافظ محمد ۽ شيخ اياز جي ساهتيه تي ربيندرناٿ جي ديش ڀڳتيءَ جو چٽو اثر نظر اچي ٿو. ڪيئلداس فاني، رام پنجواڻي، جادوگر هاسانند، ارجن سڪايل، پوپٽي هيراننداڻي ۽ نوريءَ جيڪي رچنائون سماج ۾ اوڻاين تي آڱر رکندي لکيون اُهي به ربيندرناٿ ٽئگور کان متاثر آهن. سچ آهي ته ڀاشا، شئلي ۽ پيشڪش جي سطح تي ڪرشن کٽواڻيءَ کي ڇڏي ڪنهن به سنڌي ليکڪ ربيندرناٿ جي ڏارا ۾ نه پير وڌو ۽ نه اُن ۾ ترڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪرشن کٽواڻيءَ چو ته شانتينڪيتن ۾ سکيا ورتي هئي، تنهنڪري ربيندرناٿ ۽ سندس ساهتيه جو سندس رچنائن تي اثر سپاويڪ آهي.

سنڌي ٻال ساهتيه تي ربيندرناٿ جي ٻال ساهتيه جي اثر کي موهن ڪلپنا جي ٻارن لاءِ لکيل ناول 'سرڳ جي ڳولها' ۾ بخوبي ڏسي سگهجي ٿو. ناول ۾ انن سالن جي ٻار سرگم معرفت وندرايندڙ نمونې زندگيءَ جون حقيقتون پيش ڪيو ويون آهن. ٽئگور جي ٻال ڪهاڻي 'جادو ڪي ڪيل' جو پروفيسر، موهن ڪلپنا جي ٻال ناول 'سرڳ جي ڳولها' جو ڀڳوان ٿو محسوس ٿئي. ساڳئي نمونې ٽئگور جي ته فصلي ٻال ناٽڪ 'لڪشمي کي پريڪشا' جي مکيه ڪردار ڪشِيرو موهن ڪلپنا جي ٻال ناول جي سرگم سان مشابهت رکندڙ آهي. ڪلا پرڪاش جي ڪهاڻي 'ممتا جون لهرون' ۾ 'ڪابليوالا'جو حوالو آيو آهي. دوارڪا پرساد شرما 'اِنقلاب زنده باد' ۾ ڪلڪتي ۽

ڪي پوريءَ طرح سچ ثابت نہ ڪري سگهندو. پاڻ کي مٽائي ڪري ڪردار کي حاصل ڪرڻ ممڪن آهي. فقط ٻاهران نہ، اندران سوچڻ ۽ ڀاونائن جي سطح تي پاڻ ڪلاڪار لاءِ ڪردار سان هڪ ٿيڻ ضروري آهي. هندي ناٽڪ جو مشهور ڊائريڪٽر ڀانوُ ڀارتي ٻئين ويچار جي حمايت ڪندي چوي ٿو تہ جيڪڏهن ڪلاڪار سڄاڳ نہ رهندو تہ ڪردار ۽ سندس نجي شخصيت جي وچ جو فاصلو ڪامياب ڪردار نگاريءَ ۾ رخنو وجهندو. تنهنڪري ڪلاڪار کي ناٽڪ کي سچ نہ، ناٽڪ سمجهي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي.

ٻار سڀاويڪ اداڪار هوندا آهن. رانديون ڪندي هوُ ماءُ پيءُ بڻجي، چور سپاهي بڻجي، گهوٽ ڪنوار بڻجي يا ڊاڪٽر مريض بڻجي ڊائريڪٽر جي نگاھ بنا بہ پنهنجي ڪردارن کي ڏنل محسوس ڪيل ڍنگ سان لڳ ڀڳ مقبول انداز ۾ نڀائيندا آهن. سچپت ۾ جاڳروڪ ڪلاڪار روئڻ ۾ اوچنگارن جا آواز ڪڍي سگهي ٿو، ساڪيات ڳوڙها نٿو ڳاڙي سگهي. ٻارن جي سڀاويڪ اداڪاري ۾ ضرورتن موجب ڪلاڪار جي اکين مان سچ پچ وهندڙ لڙڪ ڪلاڪار ۾ ڪردار جي هڪ ٿي وڃڻ جا ثبوت آهن.

ٻارن کي جڏهن اسان سڀاويڪ ڪلاڪار تسليم ڪريون ٿا تہ وڏن لاءِ لکيل ناٽڪ هنن تي چسپا ڪرڻ جي ڪوشش ڇو ٿا ڪريون؟ بنگلا، مرهٽي ۽ هنديءَ ۾ بہ ٻارن لاءِ لکيل ناٽڪن جو تعداد گهٽ آهي، وري جيڪي ڳاڻ ڳٽيا ٻال ناٽڪ لکيا ويا آهن، اُنهن مان ڏاڍا گهٽ معياري آهن. سنڌيءَ ۾ تہ اصلوڪا ٻال ناٽڪ ڳولهڻا پوندا. اصلوڪن ٻال ناٽڪن جي ڳالھ ڇڏي ڏيون تہ ترجمو ڪيل ٻال ناٽڪ بہ سنڌيءَ ۾ ڏاڍا گهٽ آهن. ٻارن جي ڀاونائن جي نمائندگي ڪندڙ، ٻارن کي سنسڪارتہ ڪندڙ ۽ ٻارن جي معصوميت کي پيش ڪندڙ ترجمو ڪيل ناٽڪن جو سنڌيءَ ۾ اڃا بہ اِنتظار آهي. سنڌيءَ ۾ ٻال ناٽڪن جي اهڙي مسڪين حالت سبب اِسٽيج تي پڻ سنڌي ٻال ناٽڪ عيد جي چنڊ مثل ٿا اچن. اهڙي قياس جهڙي دؤر ۾ جوڌپور جي سنسٿا

راجسٿان ۾ ٻال ناٽڪ :
ماضي، حال ۽ مستقبل

ساهتڪ جڳت ۾ ٻال ليکڪ کي ٻين ليکڪن جي مقابلي ڪمتر ليکيو ويندو رهيو آهي. ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻيون هجن، چاهي ناٽڪ آلوچنا جي ڪيتر ۾ اُنهن تي ويچار يا تہ ٿئي ئي نٿو يا بيحد سطحي نموني ٿو ٿئي. ڪهاڻيون جيڪي ٻارن لاءِ لکيون ٿيون وڃن ۽ ڪامڪس جيڪي ٻارن لاءِ تيار ڪيا ٿا وڃن، اُنهن کي پڙهڻ وارن وڏن جي تعداد ٻارن کان وڌيڪ هوندي آهي، تنهن هوندي بہ ٻارن لاءِ لکيل رچنائون ٻارن جي ڳالهين جيان ڪلي رد يا درگذر ڪرڻ جي روايت عام آهي

ٻال ناٽڪن کي تہ ايترو هلڪو درجو حاصل آهي جو اِسڪولن ۾ ساليانہ جلسن ۾ اِسٽيج ٿيندڙ تواريخي ناٽڪن ۾ چندرگپت، شواجي مهاراڻا پرتاپ يا جهانسي ڪي راڻي لڪشمي بائي جو ڪردار ادا ڪندڙ ٻار کي نڪلي مُڇون لڳائي يا ساڙهي پائي تلوار هٿ ۾ کڻي گهمائ ڄڻ تہ معمولي نظارو ٿي پيو آهي. ٻار جڏهن ٻاراڻي آواز ۾ لڙائيءَ جي ميدان ۾ سئنڪن جي سامهون تلوار وارو هٿ مٿي کڻي جوشيلي انداز ۾ مرڻ مارڻ جون ڳالهيون ڪندا ڏسڻ ۾ ايندا آهن تہ محسوس ٿيند آهي، وڏا ٻارن کان ناٽڪ نٽا ڪرائين سندن شوشڻ ٿا ڪن.

ناٽڪ پرڪايا پرويش جو اِسم مڃيو ويو آهي. ساهت جي ٻي ڪنهن بہ وڌا ۾ اداڪار جيان ڪردار کي ساڪشات جيئڻ ۽ ڀوڳ وارو جزو ڀرپور نموني سامهون نٿو اچي. ناٽڪ شاسترين جو هڪ طبق ڪردارن ۾ جزب ٿيڻ جو حامي آهي جڏهن ڪِ ٻيو طبقو جاگروڪ سچيت روپ ۾ ڪردارنگاريءَ جو پکشڌر آهي، پهرئين ويچار موجب جيستائين ڪلاڪار ڪردار ۾ گم نٿو ٿي وڃي، تيستائين هو ڪرد

ڊاڪٽر مدن موهن ماٿر، دلپت پريهار، شبير حسين، رميش بوهرا، مدن بوراڻا، سشيل ماٿر، گريش ورما، وشنو دت جوشي وغيره پڻ پنهنجو سهڪار ڏنو. ورمل هيمناڻي، پرمانند ڪارواڻي ۽ اشوڪ ڪرپلاڻي جو سهڪار پڻ اِنهن شِورن ۾ مليو. ماڊرن اِسڪول جا ٻار ته هرهڪ شِور ۾ زور شور سان ڀاڱ وٺندا رهيا. ڏهه سال اڳ ۾ شروع ٿيل اِنهن ڪوشش سبب راجسٿان ۾ ٻال ناٽڪ ڪجهه قابلي ذڪر حاصلاتون درج ڪيون آهن.

(1) هر سال 9 کان 14 سالن جي عمر جا 25 کان 30 سنڌي ٻار ٻال ناٽڪ شِور ۾ شرڪت ڪندا رهيا آهن. جيڪڏهن هرسال 10-12 ٻار نوان هجن تڏهن به هن عرصي ۾ اٽڪل سوا سؤ ٻار ناٽڪ جو سنسڪار پرائي سگهيا آهن.

(2) هريش ديوناڻيءَ کي 91-1990 ۾ راجسٿان سنگيت ناٽڪ اڪادميءَ طرفان اَداڪارا سليا ديشپانڊي جي ڊائريڪٽرشپ ۾ ڪرايل ٻال ناٽڪن جي ڊائريڪٽرن کي ڏنل پرشڪشڻ شبر ۾ حصيداري ڪرڻ کانپوءِ سنڌي ٻال ناٽڪن جي ڏس ۾ ڪجهه ڪرڻ جي پريرڻا ملي. سندس ڪوشش سان جوڌپور جا ٻه نوجوان گوبند ڪرمچنداڻي ۽ سشيل منگلاڻي اڳيان آيا. هنن ٻنهين گذريل سالن ۾ ڪيترائي سنڌي ٻال ناٽڪ ڊائريڪٽ ڪيا آهن. سال 2001 ۾ لڳايل ٻال ناٽڪ شِور ۾ هڪ ٻي ٻه جوت نروار ٿي. 1992 کان سيني شبرن ۾ لڳاتار شرڪت ڪندڙ جئه گدواڻي 2001 ۾لڳايل ٻال ناٽڪ شبر ۾ بطؤر گائيڊ ٻارن کي ناٽڪ سيکاريو.

(3) سنڌيءَ ۾ اصلوڪن توڙي ترجمو ڪيل ٻال ناٽڪن جي اڻاٺ کي دُور ڪرڻ لاءِ سنڌيڪلچرل سوسائٽي طرفان مهيش سنتاڻيءَ جي سمپادن ۾ پنجن ٻال ناٽڪن جو سنڌي ترجمو ’جادوءَ جي ٽوپي‘ شايع ڪيو ويو. ديوناگري سنڌيءَ ۾ ڇپيل هن ڪتاب ۾ شريڪانت بداوڪر جي ناٽڪ ’جادو ڪي ٽوپي‘ جو ترجمو اُشا چانڊواڻيءَ، ريکا جئن جي ناٽڪ ’ديالو راڪشس‘ جو ترجمو گوبند ڪرمچنداڻيءَ، انوراڌا ڪوٽ جي ناٽڪ ’پاڏو پموءَ جو‘ جو ترجمو ناڪر منگلاڻيءَ، رميش ياڻيءَ جي ناٽڪ ’ڪمڇور‘

سنڌي ڪلچرل سوسائٽي ٻال ناٽڪن تي سيمينار تي ڪرائي ته اِها همت جي ڳالهه ڇئبي. اِن ڏس ۾ نيشنل ڪائونسل فار پرموشن آف سنڌي لينگويج طرفان سوسائٽي کي مليل سهڪار پڻ ساراه جوڳو آهي. اِها وري ڏيان ڏيڻ جوڳي ڳالهه آهي ته اِن موقعي تي راجستان جا گروپ ناٽڪ ته پيش ڪن ٿا، پر اِهي سڀ ناٽڪ ٻال ناٽڪ نه آهن.

راجستان ۾ سنڌي ٻال ناٽڪ سنڌيءَ ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪجهه ورهين کان شروع ٿي آهي ۽ اُها به محدود دائري ۾ شروع ٿي آهي. سڀ کان اڳ ۾ سال 1991ع ۾ سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ معرفت هريش ديوناڻيءَ ٻال ناٽڪ لکڻ ۽ اِسٽيج ڪرڻ تي هڪ ورڪشاپ جوڌپور ۾ ڪرائي. ڌهن ڏينهن جي اِن ورڪشاپ ۾ هريش ديوناڻيءَ پاڻ بطور گائيڊ شرڪت ڪئي. هن ورڪشاپ ۾ هريش ديوناڻيءَ جي ڊائريڪشن ۾ ٻارن کان تيار ڪرايل هندي ناٽڪ 'پيڙيا اوَر ميمنا' جو سنڌي ترجمو سماپن جي موقعي تي پيش ڪيو ويو. ڌڳهي نظر رکي هريش ديوناڻيءَ گيت، ناچ ۽ سنگيت سان سينگاريل اِن ٻال ناٽڪ ۾ ماڊرن اِسڪول، جوڌپور جي ڪجهه ٻارن کي پڻ اِسٽيج تي آندو. درشڪن هريش جي پيشڪش کي پسند ڪيو ۽ اُتساهت ٿي 1992 کان سنڌي ڪلچرل سوسائٽي، جوڌپور جي زير سايع هريش پاڻ يا سندس دوستن ٻال ناٽڪ شور لڳائڻ جو سلسلو شروع ڪيو. 1991ع ۾ لڳايل ٻال ناٽڪ شِور جو چيف ڊائريڪٽر هريش ديوناڻي پاڻ هو ۽ سماپن جي موقعي تي شبر ۾ حصيداري ڪري ٽريننگ وٺڻ وارن ٻارن به سنڌي ٻال ناٽڪ درشڪن کي ڏيکاريا. 1993، 1994، 1997، 1998، 1999، 2000 ۽ 2001ع ۾ پڻ سنڌي ڪلچرل سوسائٽي جوڌپور ۾ سنڌي ٻال ناٽڪ شبر لڳايا. هڪ مهنو هلڻ وارا اِهي شبر سماپن جي موقعي تي ٻال ناٽڪ پيش ڪري ڪاميابيءَ جو ثبوت ڏيندا رهيا آهن. اِنهن شبرن ۾ هريش ديوناڻي، گوبند ڪرمچنداڻي ۽ سيشل منگلاڻي ته گائيڊ جي روپ ۾ ٻارن کي ناٽڪن جي الڳ الڳ پهلن جي ڄاڻ ڏيندا ئي رهيا؛ جوڌپور جي ڄاتل سڃاتل ڪلاڪارن ۽ ڊائريڪٽرن

تجربي مان نراش ٿيو هوندو. تنهن هوندي به ناٽڪ لاءِ پنهنجا سُک قربان ڪرڻ جي ڀاونا رکڻ وارو سريش سنڌو اُميد ته سنڌي ٻال ناٽڪ شبر لڳائي سنڌي ٻال ڪلاڪارن کي جوڳو روپ ڏيڻ جي ڏس ۾ ناٽڪ جڳت جي اُميدن کي پاڙي ڏيندو.

ٻال ناٽڪ ڪرڻ ۾ سڀ کان وڏي مشڪلات ماضيءَ ۽ حال جو تالميل ويهارڻ آهي. سال اڳ ۾ شبر لڳو. ٻارن ناٽڪن ۾ ڪم ڪيو. محنت ڪري، ڪميُون ڪڍي ڪين تيار ڪيو ويو. ڏهه سال اڳ جيڪو ٻال ڪلاڪار فقط ڏهن ورهين جو هو، اڄ ويهن ورهين جو آهي. سندس پڙهائي، سمجهه، نفعي نقصان جي ٻوجهه جنهن مقام تي اڄ آهي، اُن ۾ ڏهه سال پراڻا عڪس ڏسڻ ۾ بي سوُد ٿيندو. هو ناٽڪ سان ڳنڍيل رهندو، پهرين ته اُن ۾ ئي شبهو آهي. جيڪڏهن جڙيل هوندو، تڏهن به هوُ هينئر ٻال ڪلاڪار نه آهي. نت نوان ٻال ڪلاڪار ٻال ناٽڪ کي زنده رکڻ لاءِ پئدا ڪرڻ ضروري آهن. اِهو ڪم لڳاتار ڪارائتا ٻال ناٽڪ شبر لڳائي ۽ لڳاتار ٻال ناٽڪ اِسٽيج ڪري ئي انجام ڏيئي سگهجي ٿو. چنتا جي ڳالهه اِها آهي ته ٻال ناٽڪ ڪرڻ يا ٻال ناٽڪ شِور لڳائڻ ڏانهن ڪنهنجو خاص ڌيان نه ويو.

سنڌي ڪلچرل سوسائٽي جوڌپور جي ضرور مرضي هئي پر ٻن ڏينهن ۾ راجستان جو سنسٿائون ست اٺ سنڌي ٻال ناٽڪ اِسٽيج ڪري سگهن ته ٻال ناٽڪ تي سيمينار ۾ ٿيل ڳالهه ٻولهه کي، پيش ڪيل ناٽڪن جي پسمنظر ۾ ڏسجي. ڪڏهن سنڌيءَ ۾ ناٽڪ ڪرڻ وارا گروپ سنڌي ناٽڪ ڪن ٿا، اِها ڳالهه به ننڍڙي ڪانهي. نتيجي طور سوسائٽيءَ جو ٻال ناٽڪ ڪرائڻ جو سپنو پورو نه ٿي سگهيو. هن ڳالهه کي اکل ڀارت سطح تي وستار ڏيئي چئجي تڏهن به غلط نه چئبو. ملڪ ۾ سنڌيءَ ۾ ٻال ناٽڪ ڪرائڻ وارا گروپ آهن به ڇا؟ جيڪي سنسٿائون يا گروپ لاڳيتا ناٽڪ ڪن ٿا، اُنهن مان ڏاڍا گهٽ هوندا جن سنڌيءَ ۾ ٻال ناٽڪ ڪيا هجن.

سچ چئجي ته ٻال ناٽڪ وڏن جي ناٽڪ لاءِ پيڙه جو ڪم ڪري

جو ترجمو ورمل هيمناڻيءَ ۽ وجيہ تيندولڪر جي ناٽڪ ’بابيءَ جي آڪاڻي‘ جو ترجمو گوبند ڪرمچنداڻيءَ ڪيو آهي. هريش ديوناڻيءَ بہ هڪ ٻال ناٽڪ شايع ڪرايو آهي، ’قتل جي رات‘ ۾ شامل ’محنت جو ڦل‘.

(4) سوسائٽيءَ طرفان ارڙهن کان وڌيڪ ٻال ناٽڪ اِسٽيج ڪيا ويا آهن. اِنهن ٻال ناٽڪن ۾ اٽڪل ڏيڍ سؤ ٻال ڪلاڪارن ڪردارنگاري ڪئي. ڪجهہ ناٽڪن راجسٿان سطح تي ڪرايل ناٽڪ چٽاڀيٽين ۾ اِنعام پڻ حاصل ڪيا آهن. ’بابيءَ جي آڪاڻي‘ کي بيڪانير ۾ ٿيل چٽاڀيٽيءَ ۾ بهترين ناٽڪ ۽ بهترين ٻال ڪلاڪار جو اِنعام مليو.

’بابيءَ جي آڪاڻي‘ جوڌپور، جئپور، اجمير ۽ بيڪانير جا درشڪ پڻ ڏسي چڪا آهن. ساڳئي نموني اجمير ۾ ڪرايل سنڌي ناٽڪ چٽاڀيٽيءَ ۾ ٻال ناٽڪ ’جادوءَ جي ٽوپي‘ کي بهترين اداڪار اِنعام حاصل ٿيو. اِها ڳالهہ ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ هي اِنعام سنڌي ٻال ناٽڪن جي چٽاڀيٽيءَ ۾ نہ، سنڌي ناٽڪن جي چٽاڀيٽيءَ ۾ حاصل ڪيا ويا. راجسٿان سنڌي اڪادمي سال 1998 ۽ 1999 ۾ بيڪانير ۽ جئپور ۾ سنڌي ناٽڪ ورڪشاپ لڳايا. اِنهن ورڪشاپس ۾ ڪل 50 کان وڌيڪ شرڪت ڪرڻ وارن مان اٽڪل 40 ٻار هئا. ساڳئي نموني اڪادميءَ 1997، 1998 ۽ 1999 ۾ اجمير، بيڪانير ۽ جئپور ۾ سنڌي ناٽڪ چٽاڀيٽيون ڪرايون. چٽاڀيٽين ۾ پيش ٿيل ڪل 34 ناٽڪن مان 13 ٻال ناٽڪ هئا، جن مان هڪ ’بابيءَ جي آڪاڻي‘ کي تہ هڪ سال بهترين ناٽڪ جو اِنعام پڻ مليو. لڇمڻ ڀمڀاڻيءَ جو سنڌي ٻال ناٽڪ ’ممي موٽي آءُ‘ احمدآباد ۾ ٻال ناٽڪ سيسوتيول ۾ پيش ڪيو ويو.

جيوتي ڪلا سنسٿان جي ڪرتا ڌرتا سريش سنڌوءَ پڻ 2001 ۾ جئپور ۾ ٻال ناٽڪ شبر لڳايو هو. حالانڪ اِهو شبر فقط سنڌي ٻارن لاءِ ڪونہ هو پر اِنجو آيوجن اهڙي اُميد جاڳائيندڙ هو تہ سريش سنڌوءَ جهڙو ڪرمٺ ڊائريڪٽر ۽ ڪلاڪار اڳتي هلي سنڌي ٻال ناٽڪ شِور پڻ لڳائيندو. پندرهن ٻارن سان شروع ٿيل هن شبر جي سماپن تائين شرڪت ڪندڙ ٻار پنج رهجي ويا هئا. ظاهر آهي تہ سريش سنڌو هن

آزاديءَ کانپوءِ ڀارت ۾
سنڌي ٻال ناٽڪ
(1947-2015)

ٻارن نسبت سنڌيءَ ۾ ٻه مشهور چوڻيون آهن. 'ٻار مُڇ جو وار، جيئن موڙ تيئن مڙي' ۽ 'اڄ جو ٻار، آئينده جو اَبو'. ٻار سياويڪ اداڪار هوندا آهن. رانديون ڪندي هو ماءُ پيءُ بڻجي، چور سپاهي بڻجي، گهوٽ ڪنوار بڻجي يا ڊاڪٽر مريض بڻجي، ڊائريڪٽر جي نگهبانيءَ بنا به پنهنجي ڪردار کي ڏنل محسوس ڪيل ڍنگ سان لڳ ڀڳ مقبول انداز ۾ نڀائيندا آهن. دنيا ۽ دنياداريءَ کي باريڪبينيءَ سان سمجهڻ ۽ ذهن نشين ڪرڻ واري ٻار کي مُڇ جو وار ٿو چئي سگهجي. هن ئي ٻار کي اڳتي هلي ڪري ڪنهن ٻار جو پتا بڻجڻو آهي تہ اڄ کيس ويچارو ڪيئن ٿو مڃي سگهجي؟ 'بال ساهتيہ رچنا ۽ سميڪشا' جي باب 'بچون ڪي ناٽڪ' ۾ سرويشور ديال سڪسينا لکيو آهي. ''ٻارن کي حقيقي رنگمنچ جي ضرورت نہ آهي. ٻار ۾ جيتري ڪلپنا شڪتي ۽ سوجهي هوندي آهي، اوتري وڏن ۾ نہ هوندي آهي.'' هونئن بہ جيڪي مسئلا وڏن جي نظر ۾ بي مطلب آهن، ٻارن لاءِ بيحد اَهم آهن. اُپديش ۽ هدايتون ڏيڻ وڏن کي حق محسوس ٿيندو آهي، ٻار اِنهنکان نفرت ڪندا آهن. تکي گرهڻشيلتا ۽ ياداشت کين زندگيءَ جي جنگ لاءِ تيار ڪندي آهي. وڏن کي لڳندو آهي، مُڇ جي وار وانگر مروڙي سروڙي هو ٻار کي اَبو بڻجڻ جي سکيا ڏيئي رهيا آهن. سچ اِهو آهي تہ ٻار جي اندر ويٺل سياويڪ ڪلاڪار سندس سڀ کان وڏو رهنما هوندو آهي.

سگهي ٿو. ٻال ڪلاڪار جي روپ ۾ اِسٽيج تي ڪم ڪيل ڪلاڪار وڏو ٿي اِسٽيج تي ڪم ڪندي ٻين ڪلاڪارن جي مقابلي وڌيڪ سمجهُو وهنوار ٿو ڪري. هن ۾ ناٽڪ جي سمجهه ۽ آتم وشواس پڻ ٻين ڪلاڪارن جي ڀيٽ ۾ سوايو ٿو هجي. گهٽيءَ ۾ ناٽڪ وجهي، ناٽڪ جي تامير ڪي ٿي نه، ناٽڪ جي منارن کي پڻ خوبصورت ٿو بڻائجي.

راجسٿان جا ڪجهه ڪلاڪار ۽ ڪجهه سنسٿائون هن سچ کي سمجهن ٿيون، اِها سنتوش جي ڳالهه آهي. هئڻ اِهو گهرجي ته ڪنهن نه ڪنهن ناٽڪ گروپ جا ٻه حصا گڏوگڏ ڪم ڪن. ٻال ناٽڪ معرفت نئين پوڙ کي ناٽڪ سان ڳنڍڻ جو ڪم هڪ حصو ڪري ۽ ڪلاڪارن کي عمر ۾ وڏو ٿيڻ ڪانپوءِ اِسٽيج ڏيڻ لاءِ ٻيو حصو سرگرم رهي. سنڌي ناٽڪ ۽ سنڌي درشڪن جي محدودگين کي ڌيان ۾ رکندي راجسٿان لاءِ چئي سگهجي ٿو ته اِئين ڪرڻ ممڪن نه آهي. پر سنڌي ڪلچرل سوسائٽيءَ جهڙي هڪ ٻه سنسٿا جيڪڏهن سمرپڻ ڀاوَ سان سنڌي ٻال ناٽڪ تي ڌيان ڏئي ٿي ته مستقبل جي مد نظر نراش ٿيڻ جو ڪو سبب نظر نٿو اچي. هت ته جيوتي ڪلا سنسٿان پڻ اُميدن جو مرڪز آهي. جيڪڏهن اجمير ۾ رميش نارواڻي نينگر ۽ سريش ببلاڻي، بيڪانير ۾ سريش هندستاني ۽ ناٽڪ هندستاني، اُديپور ۾ ڪشن ٻجاج، ڪوٽا ۾ ڪشن رتناڻي، بياور ۾ ڪمل چنچلاڻي جهڙا سنڌي ناٽڪ لاءِ ذميواري محسوس ڪرڻ وارا ۽ رت ست ڏيڻ وارا شخص اڳيان اچن ته هريش ديوناڻي، گوبند ڪرمچنداڻي، سشيل منگلاڻي ۽ سريش سنڌوُ پاڻ کي اڪيلو نه سمجهندا. پنهنجي پنهنجي شهر ۾ هر سال سنڌي ٻال ناٽڪ شبر جي شروعات جيڪڏهن هي دوست ڪن ٿا ته پروسي سان چئي سگهجي ٿو ته فقط سنڌي ٻال ناٽڪ ئي نه سنڌي ناٽڪ پڻ ملڪ جي ڪيترين ئي ڀاشائن لاءِ مثال بڻجي ويندو.

(3 ۽ 4 نومبر 2001 تي نيشنل ڪائونسل فار پرموشن آف سنڌي لينگويج، بڙودا ۽ سنڌي ڪلچرل سوسائٽي طرفان جوڌپور ۾ ٿيل سيمينار ۾ پڙهيل پيپر)

هري همٿاڻي، ڏولڻ راهي وغيره سندس ٻانهن ٻيلي هئا. اِسڪولن ۾ آڪاشواڻي جئپور تان سندس ٻال ناٽڪ تنهن دؤر ۾ ايترا وڏيڪ، مقبول نموني، سهڻي ۽ اثردار ڍنگ سان سنڌي لوڪن جي سامهون پيش ٿيندا هئا جو گووردن ڀارتي ٻال ناٽڪ جو بيتاج بادشاھ ڀاسندو هو. چيتني لعلواڻي ۽ هوندراج بلواڻيءَ احمدآباد ۾ اِن سلسلي کي اڳيان وڌايو.

ڀارت جي مختلف شهرن ۾ گوبند مالهي ۽ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي برجستي رهنمائيءَ ۾ ڪرايل ناٽڪ ڇتاپيتين ۾ ٻال ناٽڪ پڻ ڀهرو وٺندا هئا. دهليءَ ۾ ايم. يو. ملڪاڻي، جيون گرساهاڻي، نارايڻ شيام جو ڀاءُ هيم ناگراڻي، هريڪانت جيٺواڻي وغيره ڳاهي بڳاهي ٻال ناٽڪ لکندا ۽ اِستيج ڪندا هئا. بنيادي طور شاعر هوندي بہ لڇمڻ ڀاٽيا ڪومل پڻ ٻال ناٽڪن ۾ دلچسپي وٺندو هو. جئپور ۾ سندر اگناڻيءَ سان گڏجي واسديو سنڌو ڀارتي ۽ لڇمڻ ڀمڀاڻي ٻين سنڌي ناٽڪن سان سرگرم رستو رکندي سنڌي ٻال ناٽڪ سان نڀائيندا هئا. مکيہ روپ سان سماجڪ ۽ وندرائيندڙ ناٽڪن سان وابستا هوندي بہ ايس. پي. مينگهاڻي وغيره ممبئي ۾ ٻال ناٽڪ ڪري رهيا هئا. خاص ڳالهہ اِها هئي تہ گووردن ڀارتي، گوبند مالهي، جيون گرساهاڻي، ايس. پي. مينگهاڻي وغيره جا ٻال ناٽڪ گهٽ تعداد ۾ صحيح، پر سڄي ملڪ ۾ گهرائي منچت ڪرايا ويندا هئا.

احمدآباد ۾ ايم.جي. هاءِ اِسڪول، ڊاڪٽر سي.جي هائي اِسڪول، سنڌ ماڊرن هائي اِسڪول وغيره ٻارن جا ناٽڪ سالاڻي جلسن کان سواءِ پڻ پيش ڪندا هئا. نيو ايرا اِسڪول وغيره اُلهاس نگر ۾ تہ جئہ هند اِسڪول پمپريءَ ۾ اُتساھ سان ٻال ناٽڪ ڪندا هئا. آدرش اِسڪول، هري سندر ٻالڪا وديالیہ، سنت ڪنوررام اِسڪول وغيره اجمير ۾ سنڌي ٻال ناٽڪ جي پوک لٽي رهيا هئا. ممبئيءَ ۾ ڪملا ٻائي اِسڪول ۾ سرگرميءَ سان ٻال ناٽڪ ٿي رهيا هئا. گڏوگڏ ٻئراڳڙہ، گانڌيڌام، ڪٽني، ٻڙودرا، ڀاونگر، نڙياد، اِندور، جئپور، رائپور، جبلپور، ڪولڪاتا سميت ڀارت جي ڪيترن ئي ننڍن - وڏن شهرن ۾

اِسڪول جي سالاڻي جلسي ۾ اِستيج ٿيندڙ تواريخي ناٽڪن ۾ ٻار کي مُڇون لڳائي، تلوار ڪٽي چندرگپت، شواجي ۽ مهاراڻا پرتاپ جي ڪردار ۾ سامهون اچڻ ۾ بلڪل هبڪ نہ ٿيندي آهي. جهانسي کي راڻي لڪشمي بائيءَ جي روپ ۾ ساڙهي پائي تلوار گهمائڻ ۾ ٻارن کي مزو ايندو آهي. عمر ۽ حيثيت جا فاصلا نہ ڄاڻ ڪيڏانهن گم ٿي ويندا آهن. سپاويڪ اداڪاري اِهائي تہ آهي.

جنهن ناٽڪ ۾ ٻار وڏن جو ڪردار ٿو نڀائي، اُتي بہ هوُ ڪامياب آهي ۽ ٻال ڪلاڪار جي روپ ۾ بہ سندس ڪردار وڻندڙ آهي. ڪنهن ناٽڪ، فلم، ٽي.وي. ايپيسوڊ يا وگياپن ۾ ٻارن جي ڪردارنگاريءَ کي ناپسند ڪرڻ جو هڪ بہ مثال نظر نہ ايندو. تنهن هوندي بہ ٻال ناٽڪ کي اَهم تہ ڇڏجي، ساهتيہ جي ٻين اِسمن جي مقابلي هلڪو درجو ڏنو ٿو وڃي. ٻارن کي سنسڪارت ڪرڻ جي لحاظ کان، گڏجي ڪم ڪرڻ سبب سماج توڙي ڪٽنب ۾ هرهڪ سان رابطو قائم ڪرڻ ۽ تالميل ويهارڻ جي لحاظ کان، اِنوشاسن جا وهنوارڪ سبق سکڻ جي لحاظ کان، آتم وشواس ۾ اِضافي جي لحاظ کان، سنويدنشيلتا جي لحاظ کان، ڀاشا گيان جي لحاظ کان ۽ صحيح اُچار توڙي وقت تي پنهنجي ڳالهہ تز لفظن ۾ پيش ڪرڻ جي لحاظ کان جيتري سگهہ ٻال ناٽڪ ۾ آهي اوتري ٻئي ڪنهن وسيلي ۾ شايد ئي ملندي.

هن حقيقت کي ساهتيہ سنسار ۾ پلي واجب نموني تسليم نہ ڪيو ويو هجي پر هر دؤر ۾ ڪجهہ سجاڳ ليکڪن ٻال ساهتيہ ۽ ٻال ناٽڪ کي اهميت ڏني آهي. ٿڙي پکڙي ويل سنڌين ٿائينڪو ٿيڻ ۾ ڪجهہ سال ضرور لڳايا پر تنهنکان پوءِ ناٽڪ، ساهتيہ سرجڻ ۽ سنگيت جي کيتر ۾ سرگرم ٿيڻ لڳا. اجمير، جئپور، دهلي، احمدآباد، گانڌيڌام، ٻڙاڳڙه، اُلهاس نگر، ممبئي ۽ پٽي جهڙين جڳهين تي سنڌي اِسڪولن، جلسن ۽ آڪاشواڻي معرفت سنڌي ٻال ناٽڪ لکيا، منچت ۽ نثر ڪيا ويا. گوورڌن ڀارتي اجمير ۾ ٻال ناٽڪ، ٻارن لاءِ نرتيہ ناٽڪائون، ناٽڪ ۾ ٻال گيت جهجهي انداز ۾ لکيا ۽ پيش ڪيا.

شريڪانت بداوڪر جي مؤل مراٺي ناٽڪ جي ڪيل سنڌي ترجمي 'جادوءَ جي ٽوپي' جي مکيہ ٻال ڪردار کي بهترين اداڪار ۽ نہ ڪِ فقط بهترين ٻال اَداڪار جو اِنعام مليو. اِنهن ٻنهي سنڌي ٻال ناٽڪن جو ڊائريڪٽر هريش ديوناڻي هو. گجرات سنڌي ساهتيہ اڪاڊميءَ هندراج بلواڻيءَ جي صدارت واري دؤر 2001-2005 ۾ نڙياد ۽ گانڌيڌام ۾ سنڌي ٻال ناٽڪن جي چٽاپيٽي ڪرائي هئي. دهلي سنڌي اڪاڊميءَ سنڌو پاڳيا مشرا جي سيڪريٽري جي روپ ۾ واڳون سنڀالڻ کانپوءِ سال 2008 کان گرمين جي موڪلن ۾ دهليءَ جي ٻارن جا الڳ الڳ ڪالونين ۾ ڪئمپ لڳائي 'ٻال اُتسو' جي شروعات ڪئي آهي. سنگيت، نرتيہ جي اِسمن سان گڏ اِن موقعي تي سنڌي ٻال ناٽڪ پڻ تيار ڪرائي منچت ڪرايا ويندا آهن. سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ جي تڏهن جي سنڌي سيل طرفان 1999 ۾ جوڌپور ۾ هريش ديوناڻيءَ جي رهنمائيءَ ۾ ڏهن ڏينهن جو سنڌي ٻال ناٽڪ ورڪشاپ ڪرايو هو. هن ورڪشاپ ۾ تيار ڪيل هندي ٻال ناٽڪ 'پيڙيا اؤر ميمنا' جو سنڌي ترجمو درشڪن آڏو پيش ڪيو ويو هو. اِن ناٽڪ ۾ ناچ ۽ سينگت پڻ شامل ڪيو ويو هو. راجستان سنگيت ناٽڪ اڪاڊميءَ ۽ نئشنل ڪائونسل فار پرموشن آف سنڌي لينگويج پڻ وقت وقت تي مالي مدد ڏيئي ورڪشاپ ۽ منچن ڪرائي سنڌي ٻال ناٽڪ کي همٿائيندي رهنديون آهن.

آديپور ۾ 1990 ۾ برپا ٿيل اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۾ منگهارام ملڪاڻي ڊراماٽڪ ڪلب جي زير سايع ناٽڪ منچت ڪيا ويندا آهن. اِهي ناٽڪ لکمي کلاڻي، پريم پرڪاش، صاحب بيجاڻي وغيره جي هدايتڪاريءَ ۾ ايشوري جيوَت گربخشاڻي هال ۾ پيش ڪيا ويندا رهيا آهن. رٿائتي نموني تہ نہ پر سنڌالاجي جيڪي سنڌي ٻال ناٽڪ اِسٽيج ڪيا آهن، تنهن ڳڻپ دل وڌي ڪندڙ آهي. سال 2011 کان جون 2015 جي وچ ۾ اڪيلي صاحب بيجاڻي 25 کان وڌيڪ سنڌي ٻال ناٽڪ منچت ڪيا آهن. اِنهن ۾ اصلوڪا

هلندڙ سنڌي اِسڪولن ۾ گهٽ يا وڌيڪ تعداد ۾ سنڌي ٻال ناٽڪ منچت ٿيندا هئا. دهليءَ جي بابا نيپراج اِسڪول پڻ اِن ڏس ۾ چڱو پاڻ موکيو. اِهو چوڻ ۾ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ آزاديءَ کانپوءِ پارت ۾ شروع ٿيل پنج سؤ کان وڌيڪ سنڌي اِسڪولن سنڌي ٻال ناٽڪن کي فقط زنده ئي نہ رکيو، اُنهنکي وڌائڻ ۽ ويجهائڻ ۾ اِهم ڪردار نڀايو.

آڪاشواڻيءَ جي احمدآباد، ممبئي، جئپور، پيج ۽ دهليءَ ۾ تيار ٿيل سنڌي ٻال ناٽڪن کي هر عمر جا سنڌي دلچسپيءَ سان ٻڌندا هئا. گوورڌن پارتي، واسديو سنڌو پارتي، هوندراج بلواڻي، چينو لعلواڻي، ڪيرت مهرچنداڻي، چندرسين ناواڻي، پوپٽي هيراننداڻي، هريش ڪڪواڻي، رام پاڳچنداڻي، پريم پرڪاش، واسديو نرمل وغيره تہ اِستيج لاءِ ٻال ناٽڪ لکيا ئي پر آڪاشواڻيءَ تان نشر ٿيل سندن سنڌي ٻال ناٽڪن جي تعداد پڻ جهجهي آهي. چندرسين ناواڻي، ويڙهو رفيق، موهن مهرچنداڻي، هريش ڪڪواڻي تہ آڪاشواڻيءَ سان وابستا هئا، پر جيٺي لعلواڻيءَ، هوندراج بلواڻي ۽ ڪيرت مهرچنداڻي جهڙن ليکڪن ملازم نہ هوندي بہ آڪاشواڻيءَ تان نشر ٿيل ڪجهہ ٻال ناٽڪن کي پروڊيوس ڪيو. اِها ڳالهہ الڳ آهي تہ ٻين ناٽڪن جيان آڪاشواڻيءَ تان نشر ٿيڻ وارن سنڌي ٻال ناٽڪن جي حالت هاڻي پتلي آهي.

سرڪاري اِدارن ۾ راجستان سنڌي اڪاڊميءَ ۽ گجرات سنڌي ساهتيہ اڪاڊميءَ ٻال ناٽڪن کي همٿائڻ جي ڏس ۾ ذڪر جوڳو ڪم ڪيو آهي. هنن ٻنهي اڪاڊمين طرفان ٿيندڙ ناٽڪ جي چٽاپيٽين ۾ ٻال ناٽڪ پڻ ٿيندا رهيا آهن. مثال طور راجستان سنڌي اڪاڊميءَ سال 1997، 1998 ۽ 1999 ۾ اجمير، بيڪانير ۽ جئپور ۾ جيڪي ناٽڪ چٽاپيٽيون ڪرايون، اُنهن ۾ اِستيج ٿيل ڪل 34 ناٽڪن مان 13 ٻال ناٽڪ هئا. خاص ڳالهہ اِها آهي تہ اِنهن مان هڪ سال وجيہ تيندولڪر جي مؤل مراٺي ٻال ناٽڪ جي گوبند ڪرمچنداڻيءَ جي ڪيل سنڌي ترجمي ’بابيءَ جي آڪاڻي‘ کي پهريون اِنعام مليو.

هريش ديوناڻيءَ جڏهن 'سنڌي ڪلچرل سوسائٽي' شروع ڪئي ته صاف مقصد ۽ پختا اِرادا سندس سرمايو هئا. ڪيس پروسو هو ته سنڌي ڀاشا، سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ جو بچاءُ فقط ناٽڪ ۽ سنگيت معرفت ممڪن آهي. جيڪڏهن ٻارن کي ناٽڪ سان جوڙجي ته جڙ مضبوط ٿيندي ۽ سنڌيت کي محفوظ رکي سگهبو. هندي ناٽڪ هوُ اڳ ۾ ئي ڪندو هو. ٻال ناٽڪ لاءِ باقائدا ڪجهه ڪئمپن ۾ شرڪت ڪرڻ ڪانپوءِ هريش سنستا ناهي ٻارن کي ناٽڪ سيکارڻ، نؤجوانن کي ٻال ناٽڪ سان جوڙڻ ۽ موُل نوَن توڙي ٻين ڀاشائن جي ناٽڪن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو شايع ڪرائڻ شروع ڪيو. 'سنڌي ڪلچرل سوسائٽي' ٺاهڻ کان نون سال پوءِ 1991 ۾ هن ٻال ناٽڪ جا ڪئمپ لڳائڻ شروع ڪيا. فقط 17ٻارن سان ٿيل شروعات 2014 تائين 50 جو انگ پار ڪري چڪي هئي. هنن ڪاريه شالائن ۾ حصيداري ڪرڻ واري کي ناٽڪ، سنگيت ۽ نرتيه سڪاريندا آهن. گوبند ڪرمچندڻاڻي، سيشل منگلاڻي ۽ ورمل هيمناڻي جهڙن نؤجوانن جي ذهن ۾ آهستي آهستي هريش اُهي چڻگون اوتيون جيڪي ڪيس بي آرام ڪري رهيون هيون. هيل تائين، 'سنڌي ڪلچرل سوسائٽي'، 40 کان وڌيڪ ٻال ناٽڪ منچت ڪري چڪي آهي ۽ 300 کان وڌيڪ ٻال ڪلاڪار اِنهن ٻال ناٽڪن ۾ ڪردار نڀائي چڪا آهن. وڻندڙ ڳالهه اِها آهي ته 'سنڌي ڪلچرل سوسائٽي' هڪ شخص جي ٻوتي تي نه هلي، ٽيم جي طاقت سان ڦلجي ڦولجي رهي آهي. سچ چئجي ته اهڙيون سنستائون ئي وڏي عمر حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿينديون آهن.

'وِزن سنڌو چلڊرن اَڪيڊمي' جو احمدآباد ۾ پايو وجهندڙ هريش ڪڪواڻيءَ کي آڪاشواڻي، دوردرشن، اداڪاري ۽ هدايتڪاريءَ جو وسيع تجربو آهي. اڪيڊميءَ کي سندس تجربي جو نچوڙ چئي سگهجي ٿو. يقين کي ساڀيا ڪرڻ لاءِ برپا ڪيل هن اِداري کي رت، ست، وقت، ناڻو ۽ مهارت ڏيئي ڪڪواڻي سنڌي ٻارن کي سنڌيت جو پهريدار بڻائڻ ۾ جنبيل آهي. ناٽڪ، گيت، سنگيت سيکاري هوُ انب

۽ ترجمو ڪيل يا ڪهاڻين تي آڌارت سنڌي ٻال ناٽڪ ’قابلي والا‘ (روپانترڻ گوبند مالهي)، ’اِنصاف جو فرشتو‘ ۽ ’ذهين جو نوٽ‘ (ٻئي هوندراج بلواڻي)، ’انڌير نگري چوپٽ راجا‘ (ڀارتيندو هريش چندر)، ’صاحب، برو نہ ڪريو‘ (پنچتنتر جي ڪهاڻي) ڪانسواءِ ’لالچ بري بلا آهي‘، ’اَپني گهوٽ تو نشا هوءِ‘، ’منڊي ڪير پائي‘ ۽ ’ماتا پتا سڌار سپا‘ شامل آهن. سنڌالاجيءَ ۽ صاحب بيجاڻي جي محنت ۽ سنڌي ٻال ناٽڪ کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ڪيل سمرپت جفاڪشيءَ جو نتيجو آهي جو اڪيلي 2015 ۾ سنڌن سنڌي ٻال ناٽڪن ۾ ڀرو وٺڻ وارن 18 ٻال ڪلاڪارن کي آڪاشواڻي، پنهنجي پينل تي منظور ڪيو آهي.

سنڌي ٻال ناٽڪ لاءِ سرگرم سڀ کان پراڻو اِدارو آهي، ’ٻالڪن جي ٻاري‘. دادا شيوڪ ڀوڄراج طرفان 1 آڪٽوبر 1926 تي سنڌ جي ڪراچي شهر ۾ وجود ۾ آيل ’ٻالڪن جي ٻاري‘ ٻين اِسمن سان گڏ ٻال ناٽڪ کي اڳيان وڌائڻ جي ڏس ۾ هميشه سرگرم رهي آهي. هينئر اِنترراشٽريہ سطح تي ديش وديش ۾ ڦهليل ’ٻالڪن جي ٻاري‘ جي اَهميت اڄ بہ جيئن جو تيئن قائم آهي. ٻار ۾ سنگيت، ناٽڪ ۽ ٻين ڪلائن کي ٻج جيان ڇٽي سنسڪارت ڪرڻ سبب اُسريل ڪيترائي نامچين ڪلاڪار ’ٻالڪن جي ٻاري‘ کي پنهنجو سرجنهار ۽ ٻانيڪار مڃيندا آهن.

احمدآباد ۾ هوندراج بلواڻيءَ جو برپا ڪيل ’ٻال سنڌو سرڪل‘، جڳديش شهداڊپوريءَ جو برپا ڪيل ’رنگڪرم ٿئيٽر‘ ۽ پريم پرڪاش جو برپا ڪيل ’سنڌي ڊراما ورڪشاپ‘ ٻال ناٽڪ کي پنهنجي پنهنجي نموني سنڌي درشڪ تائين پهچائيندا رهيا آهن، پر جوڌپور جي سال 1982 ۾ برپا ڪيل ’سنڌي ڪلچرل سوسائٽي‘ ۽ احمدآباد جي 2003 ۾ برپا ٿيل ’وزن سنڌو چلڊرن اڪيڊمي‘ جون لاڳيتيون سرگرميون سنڌي ٻال ناٽڪ کي جيترو فيض رسائي رهيون آهن، سو اڻميو آهي، بيبها آهي ۽ ڪنهن بہ جاتيءَ لاءِ فخر جو باعث آهي.

جي اِشاعت دلگير ڪندڙ آهي. ڊاڪٽر هوندراج بلواڻيءَ ’سنڌي ٻال
ساهتيه (ورهاڱي کان وٺي 1992 تائين، ۾ مونولاگس، ريڊيو رُوپڪ ۽
منچ جي ٻال ايڪانڪين جي ٻارهن مجموعن جو حوالو ڏنو آهي.
انهن کان پوءِ فقط ٻه مجموعا دليپ نانڪرام ٽيڪچنداڻيءَ جا ٻال
ناٽڪ ’سدا جيئي سنڌ‘ 2005۾ ۽ جيني لعلواڻيءَ جا ريڊيو ٻال ناٽڪ
’مچر مامو‘ 2006 ۾ شايع ٿيا آهن. آزاديءَ کانپوءِ سنڌي رسالن ۾
اٽڪل 25 ٻال ناٽڪ پڌرا ٿيا آهن. منچن تي آيل ٻال ناٽڪ گهڻي
ڀاڱي مجموعي جي روپ ۾ نه ڇپيا آهن. ممڪن آهي هت ڏنل ڄاڻ
اڌوري هجي پر اِشاعت هيٺ آيل ناٽڪن جي سقيم حالت دل شڪتو
ڪندڙ آهي.

هريش ڪکواڻي، هريش ديوناڻي، صاحب بيجاڻي، آشا چاند
وغيره سنڌي ٻال ناٽڪ کي منچ، آڊيو ۽ ويڊيو ذريعي پختو ڪرڻ لاءِ
ڪٺڪ جفاڪشي ڪري رهيا آهن. هينئر وارو سنڌي ليکڪن، خاص
طور سنڌي ٻال ساهتيه ليکڪن جو آهي. اِن ڳالهه جي پرواهه نه ڪري
ته ساهتيه ۾ ٻال ساهتيه کي ڪهڙو درجو ڏنو ٿو وڃي، سنڌي ٻال ناٽڪ
کي، پڌرو ڪرائڻ وقت جي تقاضا آهي. اِئين نه ٿئي ته سياڻي
چوڻي ’مُدعي سست، گواهه چست‘ سنڌي ٻال ناٽڪ ليکڪن تي لاڳو
ٿي وڃي. ٻارن لاءِ مفيد ناٽڪ نه لکيا ويندا ته سنڌي ٻال ناٽڪ کي
مجبورن اوڌر تي ورتل ويساکين تي هلڻو پوندو.

(سنڌو جوت، دهليءَ جي آڪٽوبر - ڊسمبر 2015 ۾ ڇپيل
شماري لاءِ خاص نينڊ تي لکيل ليک)

جي ٻوليءَ کي بيحد نشنا سان پاڻي ڏيئي رهيو آهي، جيئن سنڌيت جو آئيندو سياڳو ٿي سگهي. وِزن پاران اهم سنڌي شخصيتن تي ٻڌل نرتيه ناٽڪا ’گُرو ڳان‘، سنڌي ڀاشا جي تاريخ تي ’اڄا مان جيئري آهيان‘، سنڌو نديءَ جي مهانتا تي ’سنڌ رِوَر‘ ۽ سنڌيت جي خوبين تي ’مان سنڌي آهيان‘ ڪانسواءِ ٻه ٻال ٿـ فصلا ناٽڪ ’گپتدان‘ ۽ ’ شريمان ڦيرو ڦرڪي‘ (اُلٿو چينو لعلواڻي) گجرات ۽ مهاراشٽر سميت ديش وديش ۾ ڪيترن ئي شهرن ۾ منچت ٿي چڪا آهن. ڪاريشالائن ۾ ٻارن ڪان تيار ڪرايل ناٽڪ ’پڪنڪ‘، ’وڏو ڦيرو‘، اِنسانيت‘، ’مصيبت ماسيءَ جي‘، ’چلڊرن يونين‘، ’سک دک‘، ’اڄ ڪالهه جا ڇوڪرا‘، ’عجائب گهر‘، ’چور مچائي شور‘، ’پارت‘، ’مهامُورک‘، ’اڪرم پيشنٽ چڪرم ڊاڪٽر‘، ’اڪرم هوٽل چڪرم ويٽر‘، ’عدالت‘ ۽ ’هڪ هو ڏاهري‘ (ناٽيه روپانترڻ چينو لعلواڻي) سنسٿا ڳاهي بڳاهي پيش ڪندي رهندي آهي. ٻارن جا آڊيو ڊراما ’چنڊ تي چڙهائي‘، ’نراسائيءَ لاءِ نسخا‘، ’جڏهن ٻليءَ چشمو پاتو‘، ’مرغارام طوطارام‘، ’ڪُوُ ڪُوُ‘ ۽ ’راجوءَ جي چالاڪي‘ سان گڏ دوردرشن لاءِ ’اڪرم هوٽل چڪرم ويٽر‘، ’مصيبت ماسيءَ جي‘، ’مهامُورک‘، ’راند‘ ۽ ’هڪ هو ڏاهري‘ پڻ تيار ڪيا ويا آهن. اِنهن اِستيج توڙي آڊيو ۽ ٽيليويزن جي ٻال ناٽڪن ۾ گووردن ڀارتي، منوهرداس ڪؤڙومل، ايشور چندر، هوندراج ٻلواڻي، جيوَت ترنگ جيوت ۽ واشديو سنڌو ڀارتيءَ جي رچنائن کي ناٽڪ جو روپ ڏنو ويو آهي. چيني لعلواڻيءَ جو هرسطح تي سهڪار وٺي اڪيڊميءَ گووردن ڀارتيءَ، واسديو موهي، ڍولڻ راهي ۽ ڪيمن مُولاڻي جا لکيل گيت؛ گهنشيام واسواڻي ۽ پون ڪمار جي سُرن ۽ انيلا سندر جي نرتيه نرديشن ۾ سهڻي نموني پيش ڪيا آهن. هريش ڪڪواڻيءَ جنهن نشنا ۽ سمرپڻ سان سنڌي ٻال ناٽڪ کي زندگيءَ جو مقصد بڻايو آهي، اُهو سچ پچ لاثاني آهي.

آزاديءَ ڪانپوءِ ڀارت ۾ سنڌي ٻال ناٽڪ جي منچن جي اِسٿتي ڀلي خوش ڳوار هجي پر سنڌيءَ ۾ ٻال ايڪانڪين ۽ ٿـ فصلي ناٽڪن

اجان خون نہ ٿيو آهي، تنهجي ٻهرجن کي ڌيان ۾ رکي اَندر جي آسمان جي ٻاراڻي حصي کي جيڪي بچائي رکي سگھيا هجن؛ اُنهن حساس ليکڪن جي پڻ کوٽ ٿيندي ويئي آهي. ٻارن لاءِ لکڻ وارن ليکڪن جي عمر جا شروعاتي سال بہ تہ ٻالپڻ جو سِر قلم ڪرڻ وارن حادثن جا شڪار ٿيل آهن!

اِنسان جي دک درد تائين پهچڻ لاءِ ٻار کي ڪانگ، جهرڪي، ڪتي، ٻلي، ڳانءِ، مينهن ۽ باندر جهڙن پکين، جانورن وٽ وٺي پوندو. عمر کان اڳ ۾ بالغ بڻائي، قدرت جي دوستيءَ کان محروم ڪري، معصوميت کسي مائٽ پنهنجي ٻار کي اِنسانيت جي برخلاف بيهڻ لاءِ تيار ٿا ڪن. ٻال ساهت ٻالپڻ کي قائم رکڻ جي خيال کان اثردار وسليو آهي. پنهنجي عمر موجب نهڪندڙ ٻال ساهتيہ پڙهڻ جي عادت وجهي ٻار کي ڪتابن سان دوستي ڪرڻ جو عمدو موقعو ڏيئي سگھجي ٿو. ساهتيہ جي سنسڪار جي بنياد ٻال ساهتيہ ئي وجهندو. ٻال ساهتيہ پڙهڻ وارو اڄ جو ٻار، ايندڙ وقت ۾ ذميدار ناگرڪ، اِنسانيت جو حمايتي، ملهن ۾ عقيدو رکڻ وارو حساس دل نوجوان پڻ بڻجي پنهنجا فرض پورا ڪندو. مائٽن جي نظريي سبب ٻار کي ٻال ساهتيہ کان پري رکي ڪيس جلد بہ جلد ڪامياب دنيادار شخص بڻائڻ جي تڪڙ موجود دؤر ۾ ٻال ساهتيہ جي سامهون سڀ کان وڏي للڪار آهي.

مائٽن جي اِن ڪوشش کي اِسڪول چڻ تہ هوا ڏيڻ جو ڪم ڪري رهيا آهن. ماحول ۾ رچيل هر ڳالهہ، هرڪو ڪم، هرڪو فيصلو، ٻالپڻ مخالف آهي. رٽا، انوشاسن ۽ پروگرام موجب ٻار اِسڪول ۾ وقت گذاريندو. نهيل ٽُڪيل طئہ شده ليڪ تي جيڪڏهن ٻار نہ هليو تہ سزا ملندس. دماغ هلائي، نوان نوان طريقا ڪڍي ڪو ٻار شرارت يا شيطاني ڪندو تہ نِندي، لوئي، ڏنب وجهي، مائٽن کي ڳهرائي ڏنب ڏيئي اُنکي وڏو، پابند، بالغ ۽ سمجهو بڻائيندا. ٻار جي اُڏام، ڪلپناشڪتي ۽ اَلمستيءَ کي قيد ڪري سندس ٻالپڻ کي سياٽپ ۾ مٽڻ ۾ لڳي ويندا. ٻارن لاءِ لکيل ڪتاب، مخزنون نہ اِسڪول جي لئبريريءَ ۾

سنڌي ٻال ساهتيہ جا موجود مسئلا

ندا فاضلي جي لکيل ۽ جگجيت سنگهہ جي ڳايل غزل جو هڪ شعر آهي:

बच्चों के छोटे हाथों को चांद सितारे छूने दो,
चार किताबें पढ़कर वो भी हम जैसे हो जायेंगे।

زندگي بجاتي خود ۽ زندگي جيئڻ خواهہ گذارڻ جون تياريون ڪرائيندي وڏا پنهنجن ٻارن کي جيڪي سُتيون پيارن ٿا، اُنهنجا ڪيميائي جزا هر سطح تي نمايان آهن. آهستي آهستي ٻار جو ڪومل سنسار سختين ۾ بدلجي ٿو. ٻار جي معصوميت دنياداريءَ جي نقاب پنيان غائب ٿيندي ٿي وڃي. ٻار جي ڪلپنا ڪرڻ جي طاقت، سندس اُڏام، چنڊ تارا ڇهڻ جو سُک، پرين ۽ پکين وانگر پرواز ڪرڻ جي قوت، گلن جي خوشبو، پوپٽن جا رنگ وهنوارڪتا جي تيز تپت ۾ مُڏا ٿيندا ٿا وڃن. ٻار جي ويهڻ سکڻ، بانبڙا پائڻ، اُٿي بيهڻ، پنڌ ڪرڻ ۽ ٻڪ پائڻ سان گڏ مضبوط ٿيندڙ جسم ۽ وڌندڙ قد؛ عمر جي ڳهاٽي وڻ ڇانوَ ۾ ٻال من جي سرلتا ۾ ڪاٽ ٿو هڻي. وقت جا وڌندڙ دٻاءَ ايترا هاوي ٿي ويا آهن، جو ننڍي عمر ۾ ئي من جي سطح تي ٻار وڏا ٿي رهيا آهن. سندن وڏا پڻ اِن ۾ خوش آهن. زندگي جيئڻ لاءِ مڇيل حيواني مارڪُٽ ۽ لتاڙڻ لاءِ آمادا چتايپتيءَ سبب مائٽ هرممڪن ڪوشش ڪري ٻار کي جلد بہ جلد بالغ بڻائڻ ۾ رڌل آهن.

اِن قسم جي ناسازگار ماحول ۾ ٻال ساهتيہ جي اَهميت ڏينهون ڏينهن وڌندڙ آهي. نرم تندون ٽوڙڻ جي لاڳيتي ورزش سڌي سنواٽي نموني نقصان ڪيا آهن. ٻارن لاءِ لکيل ساهتيہ کي پڙهڻ ۽ پسند ڪري مزو ماڻڻ وارا ٻار گهٽجندا ويا آهن. جن ٻارن جي ٻالپڻ جو

ليڪڪ، پاٺڪ ۽ سرڪاري اِدارا ٻال ساهتيه کي ڪهاڻي، ڪوتا، ناٽڪ، مضمون آلوچنا وغيره جي مقابلي گهٽ اهميت ٿا ڏين. سچ اِهو آهي ته ساهتيه جون ٻيون سڀ شاخون يا ته سوچ کي وستار ڏيون ڏين يا گيان ۾ اِضافو ڏيون آڻن جڏهن ته ٻال ساهتيه منورنجن ۽ سنسڪار ڀنهي خيالن کان اهم آهي. پنچتنتر جي ڪهاڻين معرفت پنڊت وشڻو شرما راجا جي گهٽ سمجهدار ٻارن کي ڳالهين ئي ڳالهين ۾ جانور ۽ پکي جڳت جا دل کي وندرائيندڙ قصا ٻڌائي راجگدي سنڀالڻ لائق بڻايو هو. اِها طاقت ساهتيه جي ڪابه ٻي شاخ ثابت نه ڪري سگهي آهي.

ڀهرين قطار ۾ جڳهه نه ملڻ سبب ٻال ساهتيه جي رچنا ڪرڻ وارن ليکڪن جو تعداد ٻين اِسمن جي مقابلي گهٽ آهي. جيڪي ليڪڪ ٻارن لاءِ لکن ٿا. اُنهن مان وڏيڪ اهڙا آهن جن گهرائيءَ سان اِن ڏس ۾ اڀياس نه ڪيو آهي. عمر جي سالن موجب ٻارن کي پڙهڻ لاءِ الڳ وشيه، جدا جدا پيشڪش ۽ علحدي لغت ۾ سرجڻ ضروري آهي. ستن سالن جي ٻار کي جن تشبيهن ۽ علامتن ۾ پوئي ساهتيه پڙهڻ لاءِ ڏنو ويندو، اُنهنکي پاسيرو رکي پندرهن سالن جي ڪشور لاءِ رچنا جي اُٽت مختلف نموني ڪرڻ پوندي. راجا، راڻي، پري، ديودُوت، جن، ڀُوت، راڪاس، محل ۽ قلع هاڻي ٻارن لاءِ ٻي سُوُد ڪردار آهن. ننڍا ٻار به مؤجود دؤر جي علامتن موبائيل، ڪمپيوٽر، ليپ ٽاپ، اِنٽرنيٽ، ويڊيو گيمس وغيره کان ڀلي ڀانت واقف آهن. نئون ٻال ساهتيه وقت جي سڏ کي اڻٻڌو ڪري گهٽي ڀاڳي ڪوئن، ڪتن ۽ ڀيلن جي سهاري ساهه کڻي رهيو آهي. ٻال ساهتيه جا ليڪڪ ذميداري محسوس ڪري وِک اڳتي نه وڌائيندا ته جيڪي ٿورا گهڻا ٻار سندن لکيل کي پڙهن ٿا، اُهي به اُداسين ٿيندا ويندا. زندگي هجي چاهي صنف، اَهميت معيار کي ملندي آهي. ٻال ساهتيه کي ڀهرئين درجي ۾ شامل ڪرائڻ لاءِ ليکڪن کي وقت جي نبض تي آڱر رکڻي پوندي. مؤزون لکندا ته ٻال ساهتيه کي مناسب حق به ملندا ۽ ٻال پاٺڪن جو به واڌُو پيار ملندو.

گهرائيندا ۽ نہ ڪيس ٻال ساهتيہ پڙهڻ لاءِ همٿائيندا. ظاهر آهي، ٻال ساهتيہ سميت ٻاراڻيپڻ کي زنده رکڻ ۾ مددگار هلچلن کان ڪناراڪشيءَ سبب اِسڪول ٻارن جي سکيا جا مرڪز هوندي بہ ٻارن کي مائٽن وانگر تڪڙو، عمر کان وڌيڪ وڏو بڻائڻ جي مُهم ۾ رڌل آهن.

گهرن ۾ ڪنهن بہ قسم جو ساهتيہ ۽ مخزنون خريد نٿيون ڪيون وڃن. ٻال ساهتيہ ۽ ٻال مخزنون گهرائي ٻارن کي پڙهڻ جو موقعو ڏيڻ جي ڳالهہ، اِن منورتيءَ سبب سوچڻ بہ گناه آهي. اِسڪول ۾ نہ هجي، مائٽ خريد نہ ڪن تہ ٻار ٻال ساهتيہ ڪيئن پڙهندو؟ خريد ڪري پڙهڻ وارا نہ هجن تہ ٻال ساهتيہ جا ليکڪ ڇو ڪتاب ڇپارائيندا؟ ڇو ٻارن جو مخزنون شايع ٿينديون؟ ڇوتہ سنڌي ساهتيہ جي اِشاعت ۾ ڀارت جو ڪو اِدارو سرگرم نہ آهي، پڙهڻ وارن جي اڻاٺ خود ليکڪن کي ٻال ساهتيہ جا ڪتاب ڇپائڻ کان اڳ ۾ بہ دفع سوچڻ لاءِ مجبور ٿي ڪري. ضروري آهي تہ اِسڪولن ۾ ۽ گهرن ۾ ٻال ساهتيہ ۽ ٻال مخزنون خريد ڪيون وڃن. ٻارن کي همٿائبو ۽ پڙهڻ لاءِ مواد سامهون هوندو تہ اُميد ڪري سگهجي ٿي تہ ٻار ٻال ساهتيہ پڙهندا.

ڪيترا پيرا مائٽ دليل ڏيندا آهن تہ ٻار جيڪڏهن اِسڪول سان واسطو نہ رکندڙ ڪتاب ۽ ساهتيہ پڙهندا تہ سندن مارڪن تي خراب اثر پوندو. آئيندي جي لحاظ کان تياري سٺي نموني نہ ڪري سگهندا. ڪڏهن ٻار صبح کان رات تائين ڪيئن وقت گذاريو، تنهنجو حساب لکي ڏسون. پتو پوندو، ٻار ڪيترا ئي ڪلاڪ سمهي، مستي ڪري، ٽي.وي. ڏسي، موبائيل يا ليپٽاپ تي رانديون ڪري برباد ڪيا آهن. اِسڪول جي ڪتابن کي پڙهڻ ۾ صرف ڪيل وقت ٻين ڪمن ۾ لڳايل وقت جي ڀيٽ ۾ گهٽو گهٽ آهي. برباد ڪيل وقت جو ڪجهہ حصو بہ جيڪڏهن ٻال ساهتيہ پڙهڻ لاءِ ڪتب آندو وڃي تہ ٻار کي آئيندي جي چُنوتيءَ لاءِ بهتر تيار ڪري سگهجي ٿو. هروقت فقط اِسڪول جا ڪتاب پڙهي اڀياس ڪرڻ ۾ من لڳي، اِها ڳالهہ هوڻ بہ ناممڪن آهي. ٻال ساهتيہ کي مکيہ ڌارا جو ساهتيہ شمار ڪرڻ ۾ هر سطح تي هٻڪ آهي.

انگريزيءَ کي ترجيح ڏا ڏين. نتيجي طور سنڌي گهرن مان به نيڪال
نيندي ٿي وڃي. ٻارن کي سنڌي پڙهائي نه ويندي، ٻارن سان سنڌي
ڳالهائي نه ويندي ته پوءِ ٻارن مان اِها اُميد ڪيئن ٿي رکي سگهجي
نه هوُ سنڌي ٻال ساهتيه پڙهندا؟ جيڪا ٻولي ٻارن کي پنهنجي لڳي
ئي نٿي، اُن ۾ رچيل ٻال ساهتيه هوُ ڪيئن ۽ ڇو پڙهندا؟

ٻار کي ساهتيه پڙهڻ جي پريرڻا اِسڪول ڏيندو آهي. اِسڪول ۾
نه سنڌي ٻولي پڙهائي ٿي وڃي ۽ نه سنڌي ٻال ساهتيه يا ٻال مخزنون
خريد ٿيون ڪيون وڃن. هنديءَ سبب هرهڪ ٻار ديوناگري لپيءَ ۾
سنڌي پڙهي سگهي ٿو. پر ديوناگريءَ ۾ ڇپيل سنڌي ٻال ساهتيه پڻ
اِسڪول خريدڻ ۾ چاهه نٿا وٺن. ڪتاب هوندا ئي نه اِسڪول ۾ ته
خواهش رکڻ وارو ٻار به سنڌي ٻال ساهتيه نٿو پڙهي سگهي. اِسڪول
ٻلي سنڌي ٻوليءَ جي سکيا نه ڏيندا هجن پر ڇا سنڌي ٻارن کي
سنڌي ٻال ساهتيه پڙهڻ جو وجهه اِسڪولن کي نه ڏيڻ گهرجي؟
پنهنجيءَ ٻوليءَ نسبت لاپرواهه سنڌي مائٽ ٻارن جي اِسڪولن جي
سامهون اِن قسم جي واجب گهر رکندا ته ممڪن آهي، ڪجهه اِسڪول
ديوناگري سنڌي لپيءَ ۾ ڇپيل ٻال ساهتيه خريد ڪن.

ڪجهه ودوان سنگيت ۽ ناٽڪ کي سنڌي ٻوليءَ جي بچاءَ لاءِ
وڌيڪ ڪارگر ڏا مڃن. گوبند مالهيءَ ته پڳونتي ناواڻيءَ جي گيت
سنگيت جا پروگرام ڪرائي پاڻ کي اِن طرح سان سنڌيءَ کي بچائڻ
لاءِ سمرپت ڪري ڇڏيو هو. قدم ڪهڙا به ڇونه کڻجن، اُنهنجو سواگت
آهي پر ڌيان ڇڪڻ واريون تصويرون ۽ مؤجود دؤر سان ٺهڪندڙ وشيه
لٽي تيار ڪيل ٻال ساهتيه پڙهي ٻار ٻوليءَ لاءِ پنهنجائپ محسوس
ڪندا. پنهنجائپ محسوس ڪندا ته آهستي آهستي سنڌي سندن
روزمره جي وهنوار جو حصو بڻجندي. ڊاڪٽر ستيش روهڙا ۽ لکمي
کلاڻيءَ جهڙا ودوان جيڪو ڪم سنڌي سنگيت ۽ ناٽڪ معرفت ڪرڻ
جا حمايتي آهن، ٻال ساهتيه اُهو ئي ڪم وڌيڪ دائمي نموني ڪندو.
هڪ دفعو ٻال ساهتيه جا ليکڪ اهڙي ڏانوَ جي ٻال ساهتيه جي رچنا

ڪتابن جي خريد ڪرڻ جا ذريعا محدوُد آهن. ڳاڻ ڳڻيا اِدارا ڪتاب خريد ٿا ڪن. ٻارن جا ڪتاب وٺڻ وارن جو دائرو ته اڃا به ننڍو آهي. ٻال ساهتيه جا ليکڪ جاکوڙ ڪري، خرچ ڪري ڪتاب ڇپارائن ٿا. جن پاشائن ۾ پرڪاشڪ آهن، اُهي به عام طور سان ليکڪ کان پئسا وٺي پوءِ ٻال ساهتيه ٿا ڇاپن. سنڌيءَ ۾ ڪنهن سرڪاري اِداري ٿوري گهڻي مالي مدد ڏني ته واهه واهه، نه ته سمورو خرچ ڪري ليکڪ کي پاڻ ٻال ساهتيه جا ڪتاب شايع ڪرڻا ٿا پون. ڪيل خرچ جي پورت لاءِ خريد ڪرڻ وارن ايڪڙ ٻيڪڙ سرڪاري اِدارن جي ڪميشن نسبت نيمن کي ڌيان ۾ رکي ڪتابن جي قيمت طئه ٿي ڪئي وڃي. ڪو مائٽ چاهي تڏهن به پنهنجي ٻار لاءِ ايترو وڌيڪ ملهه ڏيئي ڪتاب خريد ڪرڻ شايد ئي پسند ڪري. مٿان وري پڙهڻ جي عادت عدم موجود هئڻ سبب خريدي ڪري پاڻ ڪتاب پڙهڻ يا ٻارن کي ساهتيه ميسر ڪرائڻ ذري گهٽ ناممڪن ٿو بڻجي وڃي. مائٽ پاڻ ساهتيه پڙهڻ ۾ چاهه گهٽ ٿا وٺن. قيمت وڌيڪ هئڻ جو بهانو ڪري ڪتاب خريد نٿا ڪيا وڃن. آخر ٻارن جي هٿ ۾ ٻال ساهتيه ڪيئن پهچي؟ ڪنهن نموني پهچي به وڃي ته پڙهڻ جي چاهنا ۽ خواهش ڪٿان اچي؟ سرشتو، ليکڪ ۽ مائٽ گڏجي ڪري اهڙو ماحول ٿا ايجاد ڪن جيڪو ٻال ساهتيه مخالف آهي.

اِهي سڀ مسئلا سنڌيءَ سميت هرهڪ ڀارتيه ٻوليءَ جي لاءِ چنتا جو سبب آهن. ڀارت جي جوڙجڪ جي آئين شڊيول ۾ شامل ٻاويهن ٻولين مان ڇئن ٻولين وٽ پنهنجو ڪو صوبو ڪونهي. ڳالهائڻ وارن جي ٻوليءَ کي آذار بڻائي ٺاهيل صوبن ۾ سنڌي، اُردوُ، سنسڪرت ۽ نيپالي ڳالهائڻ وارا سنويڌان ۾ حاصل تسليم کان پوءِ به يتيم آهن. سنڌيءَ بابت ويچار ڪريون ته مناسب سرپرستيءَ جي اعلان کانپوءِ به ٻين ڪيترين اڻ ڏناين سان گڏ ٻارن کي مادري زبان ۾ سکيا حاصل ڪرڻ جي سهوليت ميسر نه آهي. سرشتي جي غير موجودگيءَ ۾ ٻار ۽ سندن مائٽ پنهنجي صوبي جي ٻولي هندي ۽

ٿيون. جيتوڻيڪ جڏهن به شايع ٿينديون آهن، اِنهن ٻال مخزنن ۾ ٻارن جي لحاظ کان معياري، وڻندڙ، سينگاريل ۽ دل ڇڪيندڙ مواد ڇپجندو آهي. پر اِنهن مان هڪ اڌ کي ڇڏي ليکڪ کي ڪابه مخزن معاوضو نه ڏيندي آهي. ضروري آهي ته ٻال ساهتيه جون وڌيڪ مخزنون، گهٽ وقفي ۾ شايع ٿين. غير سرڪاري سنڌي اِدارا پڻ اِن ڏس ۾ سرگرم ٿين.

مخزنن جيان ٻال ساهتيه جي ليکڪن کي ڀارت ۾ اِنعام به گهٽ ٿا ملن. ساهتيه جي ٻين شاخن جي مقابلي ٻال ساهتيه جي ليکڪن کي گهٽ همٿايو ٿو وڃي. ٻال ساهتيه کي مرڪز ۾ رکي، سنڌيءَ ۾ گوشٽيون، سيمينار ڪاريشالائون ۽ سميلن بيحد گهٽ ٿا ڪرايا وڃن. هڪ ٻئي سان دوبدوُ گڏجاڻيءَ جي عدم مؤجودگي، خيالن جي ڏي وٺ جي اڻاٺ ۽ همٿ افزائيءَ ۾ ڪميءَ سبب سنڌيءَ ۾ هڪ به ليکڪ نه آهي جيڪو فقط ٻال ساهتيه لکندو هجي. سمرپت ٻال ساهتيه جا ليکڪ گهٽ هئڻ سبب ڀارت ۾ رچيل ٻال ساهتيه ۾ وقت سان قدم ملائڻ ۽ حالتن سان مهان منهن ٿيڻ جي سگهه پئدا نه ٿي سگهي آهي.

چوندا آهن، سُرڳ پاڻ مرڻ کانپوءِ ئي ملندو آهي. پر سنڌي جاتيءَ کي ٻوليءَ کي اڳرائي ڏيئي سُرڳ سان جوڙڻ لاءِ مرڻ جي ضرورت نه آهي. سنڌي مائٽن کي سرڪار، اِسڪولن ۽ ٻين اِدارن جي پروسي صورت حال مٿڻ جي اُميد نه رکڻ کپي. پنهنجن وسيلن کي ڪتب آڻي جيڪڏهن مائٽ ٻارن کي سنڌي ٻال ساهتيه پڙهڻ جي پريرڻا ڏيندا ته سنڌي ٻولي ساهتيه ۽ سنسڪرتيءَ جو آئيندو روشن ڪندا. ٻال ساهتيه سنڌي ٻارن کي زنده رهندي سرڳ جا سُک پسائڻ لاءِ ڪاميابيءَ جي دروازي تي لٽڪندڙ تالي جي ڪنجيءَ مثل آهي. سنڌي مائٽ جيترو جلد اِن ڪنجيءَ کي اِستعمال ڪري ٻارن کي سنڌي ٻال ساهتيه ڏانهن مائل ڪندا، اوترو جلد ڀارت ۾ سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت تي ڇانيل ڪارن ڪڪرن کي دور ڀڄائي سگهندا.

(ساهتيه اَڪادميءَ پاران احمدآباد ۾ 8 فيبروري 2015 تي ٿيل سيمينار لاءِ لکيل پيپر)

ڪري تہ ڏسن، اِن قسم جي ٻال ساهتيہ کي خريد ڪري مائٽ ٻارن
کي مائل تہ ڪن، سُٺا نتيجا ضرور سامهون ايندا.

ڀارت ۾ عام سنڌي مالي سطح تي هوند وارا آهن. ٻارن جي پائڻ، چوڙڻ، کائڻ، پيئڻ، اُٿڻ، ويهڻ، آرام، سهوليت، ڪار، موٽر سائيڪل، ڪمپيوٽر، موبائيل نسبت هوُ فراخدليءَ سان خرچ ڪن ٿا. ٻارن جي سنڌي سکيا جي اهميت جو کين ڀرپور احساس آهي. مائٽ پنهنجن ٻارن جي آئيندي بابت ايترا سجاڳ آهن جو سنڌي ٻولي سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ سميت سڀ ڪجهہ قربان ڪري ٿا سگهن. اِهو ئي سبب آهي جيڪو مائٽن کي ٻارن لاءِ انگريزي اِسڪول چونڊڻ لاءِ پريرت ٿو ڪري. جيڪڏهن معياري سنڌي ٻال ساهتيہ ڪمپيوٽر ۽ اِنٽرنيٽ تي وڏو وڃي تہ 'مڪي مائوس' وانگر ٻار اُنکي ڏسڻ، پڙهڻ ۽ ماڻڻ چاهيندا. سنڌي ٻال ساهتيہ جا ليکڪ ذهني سطح تي پاڻ کي تيار ڪن، ڪمپيوٽر ۽ اِنٽرنيٽ تي وڌل ٻال ساهتيہ جا تقاضا ڇپيل ٻال ساهتيہ کان بلڪل جدا آهن. سنڌي يا غير سنڌي ٽيڪنوڪريٽ سنڌي ٻال ساهتيہ کي اِنٽرنيٽ تي آڻڻ ۾ سنڌي ٻال ساهتيہ جي ليکڪن جي مدد ڪري سگهن ٿا. هن وقت تائين ليکڪ اِن ڏِس ۾ جاڳروڪ نہ آهن. هن ڍنگ سان ٻال ساهتيہ کي سنڌي ٻارن تائين پهچائي ٻال ساهتيہ جا سرجڪ، سنسڪار سان گڏ سنڌي ٻارن کي سنڌي ٻولي سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ جا سبق پڻ سيکاريندا.

سنڌي ٻال ساهتيہ جون روئي پٽي ڀارت ۾ چار مخزنون شايع ٿينديون آهن. دهلي سنڌي اڪادمي 'جهرمهر'، اين.سي.پي.ايس.ايل. 'پوپٽڙا'، مڌيہ پرديش سنڌي ساهتيہ اڪادمي 'ٻال مشال' عنوان سان جيڪي ٻال مخزنون شايع ڪنديون آهن، اُهي سال ۾ هڪ دفعو ب ظاهر ٿين تہ وڏي ڳالهہ ڇئبي. گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادمي 'باغ بهار' عنوان سان، نالي ۾ ٽماهي پر وهنوار ۾ سال ۾ هڪ دفعو ٻال مخزن شايع ڪندي آهي. اِهي سڀ اِدارا سرڪاري آهن. مخزن جي ڪمي سنڌي ٻال ساهتيہ جي ليکڪن کي رچنائون ڇپرائڻ کان وانجهن

ڪويتا پشپ، آنند ڳولاڻي، داس طالب، جي.ڊي. آهوجا، لعل پشپ، ايشوري جوتواڻي، وشنو ڀاٽيا، ڪيرت مهرچنداڻي، شيام سچانداڻي، سگڻ آهوجا، گلاب هڱوراڻي، آسانند مامتورا، آنند ڪيماڻي ۽ ايشور ڀارتيءَ جو هڪ هڪ ناول.

ملڪاڻيءَ باريڪبينيءَ سان بي ريائُ تي ناول جي پئماني کي آڌار بڻائي مٿي ذڪر ڪيل ناولن جي وهڪ، ٻوليءَ جي رواني، بيهڪ جي نشانين، لفظن جون جوڪون، هجيئون، عبارت ۾ ميزان جملن جي پختگي، نظريي ۾ سامبواد، نعريبازي، اِصطلاحن جو اِستعمال، ڪردار نگاري ۽ غير سنڌي ماحول جهڙن پهلن جي ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي. موهن ڪلپنا جي ناول ’عؤرت‘ جي مهاڳ ۽ عبارت ۾ وروڌ کي ٻه هو درگذر نٿو ڪري. اِها ڳالهه ضرور سمجهه کان ٻاهر آهي ته ملڪاڻي هڪ پاسي موهن ڪلپنا جي رپورتاج ’اڃا رات باقي آهي‘ کي سندس ناولن ۾ شمار ڪيو آهي ۽ ٻئي پاسي ايشوري جوتواڻيءَ جي 1957 ۾ ڇپيل ناول ’اُلفت جي آڳ‘ کي فقط اِنڪري ناول نه مڃيو آهي ڇو ته مهاڳ موجب هن، ڊاڪٽر تيج جي ناول ’نراس‘ کان متاثر ٿي ڪري پنهنجو ناول خلقيو آهي.

تنقيد ۾ ملڪاڻيءَ پاڻ کي نه پڏايو آهي ۽ نه ماهر ظاهر ڪيو آهي. 1961 ۾ ڇپيل ناولن تي تنقيد ڪانپوءِ ملڪاڻيءَ سنڌيءَ جي پاٺڪ نسبت جيڪي ويچار ظاهر ڪيا آهن، اُهي اڄ ٻه جيئن جو تيئن صحيح آهن. هوُ لکي ٿو، ”سنڌي ساهت ۾ نون چڱن ڪتابن جي ڪمي ڪانهي. جيڪا ڪمي آهي سا آهي ڪتاب خريد ڪري پڙهندڙن جي، نه اُڌارو سڌارو وٺي مفتي پڙهندڙن جي. سنڌي ساهت جي واڌاري لاءِ هڪڙو ئي اُپاءُ اِهو آهي ته پنهنجا ڪتاب، پنهنجن پئسن سان ڳنهي پڙهڻ جي عادت پرايون.“

ملڪاڻيءَ اِن دؤر ۾ ترجمو ڪيل ناولن جو پڻ ذڪر ڪيو آهي. سٺن سالن ۾ 42 کان وڌيڪ چونڊ ناولن جو جڳت آڏواڻيءَ ترجمو ڪري ڇپارايو. اِهي ناول مکيه روپ سان يشپال، ڪرشنچندر، پريمچند،

ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌي غير افسانوي ساهتيہ : ناول تي تنقيد

نقاد معنيٰ ڇا آهي؟ اهڙو پاٺڪ جيڪو پڙهيل ڳڙهيل ۽ سنسڪارت هجي. جنهن وٽ لکڻ ۽ رائزني ڪرڻ جو ڏانءُ هجي. جيڪو ڪنهن لب لئاب يا پاسخاطريءَ بنا سرجڻ جي ڇنڊڇاڻ ڪري سگهي. جنهنجي نظر ۾ دوستيءَ، دشمنيءَ،، پنهنجي پرائي ڏڙي يا گروه جو لحاظ، شخصي نفعو نقصان يا دنياداري، تنقيد جي برعڪس ريتڻ جهڙا مدعا نہ هجن ۽ جيڪو نجي تعلقات کي تنقيد تي حاوي ٿيڻ نہ ڏئي. بيمروت ٿي پنهنجي نقطي نگاہ کي پيش ڪرڻ جي همت جنهن ۾ هجي. جيڪو نہ لکڻ، پڙهڻ يا ٻڌڻ وارن کان ڊڄي ۽ نہ اِمڪانن جي چنتا ڪري. هن مقالي ۾ ذري گهٽ اُنهن ڪتابن ۽ ليکن کي شامل ڪيو ويو آهي جن ۾ اِن قسم جا ماڻ واضع آهن.

1980 ۾ آيل منگهارام ملڪاڻيءَ جو ڪتاب ’پارت ۾ سنڌي ساهتيہ جو مختصر جائزو‘ ايمانداريءَ سان پنهنجي عنوان سان نيائي ٿو. ملڪاڻيءَ 1950 کان 1979 تائين ٽيهن سالن جي وقفي ۾ ڇپيل 82 ناولن جي وستار سان ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي. اِنهن ۾ شامل آهن گوبند مالهيءَ جا 13؛ موهن ڪلپنا ۽ چندولعل جئسنگهاڻيءَ جا 6-6؛ رام پنجواڻيءَ ۽ ڪرشڻ کٽواڻيءَ جا 3-3؛ پوپٽي هيراننداڻي، سندري اُتمچنداڻي، شوو رامناڻي، لڇمڻ ساٽي، ڪلا پرڪاش، ڊاڪٽر گنومل دوداڻي،ڪي. ايس. بالاڻي، ڪشنچند ناگراڻي، لڇمي اميسر، پرم ابيچنداڻي، ارجن سڪايل، سندر حشمتراءِ ۽ شيام جئسنگهاڻيءَ جا 2-2؛ تارا ميرچنداڻي، ڀڳوان کلناڻي، موتي پرڪاش، لعل ۽

لکيل پنجيتاليهن ناولن جي ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي. ’ڀارت جي قومي ٻولين جي ناول - نسبت ۾ سنڌي ناول جو درجو‘ ليک ۾ هيرو شيوڪاڻي 2002 تائين شايع ٿيل سنڌي ناولن جي ڳڻپ جو انداز 500 ٿو لڳي. 1950 کان 1976 تائين 27 سالن ۾ ڇپيا ناول 200 ڪن! 1977 کان 2002 تائين 26 سالن ۾ ڇپايل ناول 300 ڪن!! ڪاش، هيرو شيوڪاڻي اهڙي انومان جو آڌار ٻڌائي سگهي ها!!! ڪاش، هيرو شيوڪاڻي، منگهارام ملڪاڻيءَ جي ڪتاب ’ڀارت ۾ سنڌي ساهت جو مختصر جائزو‘ ۾ 1950 کان 1979 تائين لکيل 82 ناولن جي تنقيد کي ئي ياد رکڻ جي ڪوشش ڪري ها !!!!

هن مقالي لاءِ اڀياس هيٺ آيل 18 ڪتابن، ٻن مخزنن ۾ شايع ٿيل پنجن ليکن ۽ هڪ اڻڇپيل مقالي ۾ ڊاڪٽر ٻلديوَ مٽلاڻيءَ کي ڇڏي ڏجي ته فقط هيرو شيوڪاڻيءَ جي ’سنڌي ناول ڪنگهري ۾‘ محدود نموني سنڌ ۾ لکيل ناول ۽ ناولن تي ٿيل اوک ڊوک جا حوالا ملن ٿا. ماڌڪ جي ’ساهه مٺ ۾‘ ۽ ’لڙهندڙ نسل‘ محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي ’سانگهڙ‘ ۽ آغا سليم جي ’هم اوست‘، سندس ئي ٻن ننڍن ناولن روشنيءَ جي تلاش‘ ۽ ’اڌورو اِنسان‘، طارق عالم جي ’رهجي ويل منظر‘ اخلاق اِنصاريءَ جي ’اُڏوهي‘ سان گڏ شمس الدين عرسانيءَ جي ٿيسز ’آزاديءَ کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر‘ (1982) ۽ ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ جي ٿيسز ’سنڌي ناول جي اِرتقائي تاريخ‘ (1982) بابت هيري شيوڪاڻيءَ مختصر ۾ لکيو آهي.

پنهنجي تنقيدي ليکن جي مجموعي ’جائزو‘ ۾ هيري شيوڪاڻيءَ ’اجوڪي ساهتيه ۾ ڪردارنگاريءَ جو سوال‘ ۽ ’سنڌي ڪٿا ساهتيه ۾ سنڌي جيوَن‘ عنوان سان ليک شامل ڪيا آهن. گوبند مالهيءَ جي ’پکيئڙا ولر کان وڇڙيا‘، ’شرم ٻوٽي‘، ۽ ’ڏيهي پرڏيهي‘ سان گڏ موهن ڪلپنا جي ’جلاوطني‘ ۾ سنڌي جيوَن جي چٽ جا مثال ڏيندي هيري سنڌ جي ناول نويس ماڌڪ جي ’لڙهندڙ نسل‘ ۾ نئين سنڌي نسل جي مانسڪ ڪيفيت کي چٽو ڪيو آهي. هنن ليکن ۾

ڪانڊيڪر، ٽئگور، تارا شنڪر، لن يو ٿانگ ۽ ڏرموير پارتيءَ جا لکيل هئا. سرگم ساهتيه مالا طرفان تاراشنڪر بئنرجي، ڪانڊيڪر ۽ برين بسوُ ڪانسواءِ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جو ملڪراج آنند جي ناول جو ڪيل ترجمو ۽ داس طالب جو گوگل جي ناٽڪ جو ناول ۾ ڪيل روپانترڻ شايع ٿيو. چيتانند لعلواڻيءَ ٽالستاءِ جي ناول 'ماءُ' جو گوبند مالهيءَ جو ڪيل ترجمو، چندرسين خوبچنداڻيءَ، ڪيشو مالتيءَ جو 'ڪامني ۽ ڪتاب' ۽ سهڻي ڪتاب گهر ناروي جي ليکڪ هئمس جي نوبل پرسڪار مليل ناول 'بُک' جو جيوت چاولا جو ڪيل ترجمو ڇپارائي پڌرو ڪيو.

هيرو شيوڪاڻيءَ جو ڪتاب 'سنڌي ناول ڪنگهري ۾' اڪيلو مجموعو آهي، جنهن ۾ شامل سڀ ليک سنڌي ناول جي تنقيد تا ڪن. مقدمه پيش ڪندي هيري شيوڪاڻيءَ سنڌي ناول کي شاهد جي روپ ۾ ڪنگهري ۾ ڪڙو ڪيو آهي. جج جي ڪرسيءَ تي ظاهر آهي، هو پاڻ وينو آهي. ڪٿانڪ، حقيقتشناسي ۽ اِظهار ۾ خودمختياريءَ جي پروسي کي بنياد ۾ رکي هيرو درحقيقت هر ناول کي مجرم ثابت ڪندي چوي ٿو، ''عالمي سطح تي ناول جي اوسر ۽ معيار جي نسبت تہ دور جي ڳالھ آهي، خود ڀارتيہ ڀاشائن جي ناول ساهتيہ آڏو بہ اُهو هيٺو آهي.''

ڪتاب ۾ ڪل اٺ ليک آهن. اِنهن مان چار ليک هڪ هڪ ناول جي تنقيد تا ڪن. اِهي آهن شيام جئسنگهاڻيءَ جو 'ڪچا ڌاڳا'، پرم ابيچنداڻيءَ جو 'اِئين بہ....'، ڪرشڻ کٽواڻيءَ جو 'ترنڊڙ بادل' ۽ سنڌ جي ناول نويس ماڻڪ جو 'ساھ منڊ ۾'. هڪ ليک گوبند مالهيءَ جي تيستائين لکيل ناولن تي 1964 ۾ لکيل آهي. باقي بچيل ٽن ليکن مان هڪ ۾ سنڌي ناول مقدمه جي زد ۾ آهي. سموري سنڌي ناول تي مجموعي ۾ فقط بہ ليک آهن. 'ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ناول جي اوسر' هيري 1976 ۾ لکيو هو. ليک ۾ سندس مڃڻ آهي تہ ورهاڱي کانپوءِ 200 کن اصلوڪا سنڌي ناول شايع ٿيا آهن. تنهن هوندي بہ هڪ نہ ٻيو سبب ٻڌائي هيري ڪل ڏهن ناول نويسن جي

آهي. ’اَبو‘ کي سنڌيءَ جو پهريون راڄنيتڪ ناول شمار ڪندي هو جيونت پيشڪش جو لقب ڏنو ڏئي. ليک ۾ جوتواڻي ليکڪ پاران لفظن جي اڻپوري چونڊ ۽ ڪم آندل ٻولي مذڪور معنيٰ ۾ صحيح هوندي به غلط سنڪيت سرشتو جوڙي پاڻکن لاءِ مونجهارو پيدا ڪرڻ جا مثال ڏنو ڏئي.

’اَدب ۾ قدرن جو سوال‘ ۾ شامل ليک ’سنڌي جديد ناول‘ ۾ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ ڪئمپ جو چٽ چٽيندڙن ۾ گوبند مالهي، موهن ڪلپنا، موتي پرڪاش؛ سماجڪ مسئلن تي ناول لکڻ وارن ۾ گوبند مالهي، رام پنجواڻي، سندري اُتمچنداڻي، ڪلا پرڪاش، تارا ميرچنداڻي، ڳلي ڪرپلاڻيءَ جو ذڪر ڪيو آهي. وطن پرستي، سياسي حالتن، تخليقي حقيقتنگاري ۽ آتمواد خواه ڇاياوادي اثر هيٺ لکيل ناولن جي رچنا ڪرڻ وارن ۾ مٿي ڏنل ليکڪن سان گڏ ڪرشن کٽواڻي، لعل پشپ، رام هڱوراڻي، پرم اَبيچنداڻي ۽ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جا حوالا ڏيئي ڪيرت نتيجي تي ٿو پهچي ته اڃا تائين، سنڌيءَ ۾ نه ڪو شاهڪار ناول لکيو ويو آهي ۽ نه سنڌي جديد ناول اڃا تائين ڪنهن بلنديءَ تي رسي سگهيو آهي. پرم اَبيچنداڻيءَ جي آلوچنائن جي مجموعي ’تڪ تور‘ ۾ چار ليک ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ ناول بابت آهن. اِنهن مان هڪ ليک هوتچند گربخشاڻيءَ جي 1977 ۾ ڇپيل ناول ’نورجهان‘ جي چوٿين ڇاپي تي لکيل آهي. ليک ۾ هو نتيجي تي ٿو پهچي ته اعلان موجب ’نورجهان‘ نه تاريخي ناول آهي ۽ نه ڪا ڪامياب ڪوشش آهي. 1984 ۾ ڇپيل ڪتابن جي سروي ۾ پرم ڇئن ناولن جو ذڪر ڪيو آهي. هري همٿاڻيءَ جو ’گل جلن پيا‘، سندر حشمتراءِ جو ’نئين ليکڪا‘، آنند ٽهلراماڻيءَ جو ’بي داغ ديوتا‘ ۽ حضرت سائين راز جو ’هڪ، ٻه، ٽي‘. پرم جي ڪَٿَ موجب ”فارمولائي مواد سبب اِنهن مان هڪ به ناول آلوچنا جي اُتساه کي اُجاگر نٿو ڪري.“ 1985 ۾ ڇپيل ڪتابن جي سروي ۾ هوُ فقط ٻن ناولن کي ذڪر جوڳو ٿو سمجهي. تن مان به تيرٿ چاندواڻيءَ جي

هيري سنڌي ڪردارن ۽ سنڌي جيوَن کي ناولن ۾ چٽڻ جي مناسبيت کي غير ضروري ثابت ڪيو آهي.

جينت ريلواڻيءَ جي مضمونن جي مجموعي ’ڪناس پنيور ۾‘ ۾ هڪ ليک آهي، ’ريتا شهاڻي - تنقيدي صنف جو جائزو‘ ريتا شهاڻيءَ جي لکيل سنڌ جي ليکڪ آغا سليم جي تاريخي ناول ’هم اَست‘ جي تنقيد ۾ سندس ڌيان تان رهيل غلطين کي جينت هن ليک ۾ اُجاگر ڪيو آهي. ڪتاب ۾ شامل هڪ مضمون ۾ ڪلاڌر مُتوا جي ناول ’رڻ جو رنگ‘ جي مهاڳ کي پيش ڪندي جينت هن آنچلڪ ناول جي ڪردارن ۽ اُن ۾ اِستعمال ٿيل سنڌي بوليءَ جي هُڳاه جي کلي ڪري تعريف ڪئي آهي.

ريتا شهاڻيءَ جي تنقيدي ليکن جي مجموعي ’تبصرو‘ جي مضمون ’ڇا سنڌي ليکڪن اِستري ڪردارن سان نياءُ ڪيو آهي؟‘ ۾ پريمڪا ۾ پريمڪا، ماتا، داسي ۽ سکا جو روپ ڏسڻ وارن ناولن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ريتا جي انوسار گوبند مالهيءَ پريمڪا جي ڇئني روپن، لعل پشپ ماتا جي روپ ۽ موهن ڪلپنا ماتا سان گڏ داسي روپ کي ناولن ۾ ترجيح ڏني آهي. سندس مڃڻ آهي تہ اِستري ليکڪائن جي مقابلي پرش ليکڪن اِستري ڪردارن سان وڌيڪ نياءُ ڪيو آهي. سندري اُتمچنداڻيءَ جي ناولن مان هن مثال پڻ پيش ڪيا آهن. سنڌي ادب ۾ ليکڪائن جي لاڙن جو ذڪر ڪندي ريتا، پوپٽيءَ جي ناولن ۾ انياءَ جي مخالفت، سندري اُتمچنداڻيءَ جي ناولن ۾ ترقي پسند ويچارڌارا، تارا ميرچنداڻيءَ جي ناولن ۾ سنبنڌن جي بخوبي چٽ، ڪلا پرڪاش جي ناولن ۾ پرش ڪردارن جي من ڇيد، ايشوري جوتواڻيءَ جي ناولن ۾ محبت کان روحانيت جي سفر ۽ ريتا شهاڻيءَ جي ناولن ۾ من جي اندرين حالتن تي وڌيڪ زور هئڻ جي ڳالهہ ڇئي آهي.

پنهنجي ڪتاب ’ساهتيہ سنسار- 2‘ ۾ ڊاڪٽر موتيلعل جوتواڻيءَ هري موٽواڻيءَ جي ٻن ناولن ’اَبو‘ ۽ ’اَجهو‘ تي هڪ مضمون لکيو

لعل فقط اُهي ناول تنقيد هيٺ آندا آهن، سندس نظر ۾ جنهن جي ليکڪن ناول ڪلا کي گنڀير نموني ڪنيو آهي. سندري اُتمچنداڻيءَ جي 'ڪرندڙ ديوارون' کي لعل ڪلا ۽ پرچار جي ناجائز شادي ڇوڙ کان پوءِ بہ ترقي پسند دؤر جو بهترين ناول ٿو مڃي. گوبند مالهيءَ جي 'ديسي سيڻ ڪجن' کي پڙهڻ کانپوءِ هنجو رايو پختو ٿو ٿئي تہ سندريءَ جي هڪ ئي ناول سامهون مالهيءَ جا سڀ ناول ننڍا آهن ۽ هن ۾ ناول نويس جي هڪ بہ خوبي ڪانهي. ڪرشن کٽواڻيءَ جي 'اَمر پيار' ۽ 'ياد هڪ پيار جي' ۾ نزاڪت ۽ نفاست ڀري ٻولي، ويچار جو اِظهار، قدرتي ۽ اِنساني سونهن جي پوڄا لعل کي متاثر ٿي ڪري. موهن ڪلپنا جا ناول 'جلاوطني' ۽ 'ڪانءُ ۽ سمنڊ' کيس اُچاترا فيلسوفاڻا سوال اُٿاريندا محسوس ٿا ٿين. لعل کي وشنو ڀاٽيا ناولن ۾ صفا ۽ سچو بيجوابدار ٿو لڳي. 'هڪ شخص جي واسنا' ۾ آنند کيماڻي، 'نارنگي ٽرئفڪ لائيٽ' ۾ موتيلال جوتواڻي، 'جوڙ ۽ ڪٽ' ۾ نامديوَ تاراچنداڻي کيس ناول جي آخرين صفحي ۾ ٿاٻڙجندا ۽ ڪنيل نشانين کان ڀري هٽندا ٿا لڳن. جڏهن ڪِ 'ڪچا ڌاڳا' ۽ 'ڪاهيءَ جي چؤطرف' ۾ شيام جئسنگهاڻي لعل کي ڦهرئين کان آخري صفحي تائين سجاڳ ۽ ثابت قدم ٿو محسوس ٿئي. لعل جي ويچار موجب عالمگير سطح تي ڀارتيہ ڀاشائن جو ناول ننڍو ۽ سنڌي ناول اڃا بہ ننڍو آهي.

ڊاڪٽر ستيش روهڙا جي ساهتڪ مضمونن جي مجموعي 'ساهتيہ سرجڻ' ۾ هڪ ليک آهي، 'ڪرشن کٽواڻي جو انداز بيان'. ڪرشن کٽواڻيءَ جي ٻن ناولن 'ياد هڪ پيار جي' ۽ 'ست ڏينهن' جا ڦهريان پنج پيج کڻي ستيش روهڙا سندس ٻوليءَ ۽ عبارت جي ڪن نقطن کي اُڀاريندي لکيو آهي تہ کيس ڪجهہ خاص لفظن جي اِستعمال کان نہ پرهيز آهي ۽ نہ موهہ. ڪرشن سنيڪت بيانيءَ واري عبارت ڪم ۾ ٿو آڻي، بيان ۾ باريڪي ۽ سوکيمتا ظاهر آهي ۽ وقت سان ٻوليءَ تي هنجو دسترس گهٽيو آهي.

’سرخ ميندي‘ کي پرم دمدار ناول نٿو مڃي ۽ فقط ڪرشن کٽواڻيءَ جي ناول ’ست ڏينهن‘ کي معياري رچنا شمار ٿو ڪري. ’ٽي ناول‘ ليک ۾ هن لعل پشپ جي ’هُن جي آتم جو مؤت‘، ڪرشن کٽواڻيءَ جي ’ياد هڪ پيار جي‘ ۽ شيام جئسنگهاڻيءَ جي ’ڪاهيءَ جي چؤطرف‘ تي وستار سان تنقيد ڪئي آهي. لعل پشپ ۽ شيام جئسنگهاڻيءَ جي ناولن کي بهتر تسليم ڪندي ڪرشن کٽواڻيءَ نسبت پرم لکي ٿو، ”هيءُ ناول اُن ليکڪ جي رچنا آهي جنهن ۾ رچناتمڪ ياونا جي کوتاهي آهي.“

اَنند کيماڻيءَ جي مجموعي ’بدلجندڙ دؤر ۾ تنقيد‘ ۾ پرم اَبيچنداڻيءَ جي آلوچنا جي ڪتاب ’تڪ تور‘ جي حوالي ۾ هڪ ليک آهي، ’جينٽلمئن آلوچڪ - پرم اَبيچنداڻي‘. اِن ليک ۾ ’ٽي ناول‘ سري هيٺ ڪيل لعل پشپ جي ’هن جي آتم جو مؤت‘، شيام جئسنگهاڻيءَ جي ’ڪاهيءَ جي چؤطرف‘ ۽ ڪرشن کٽواڻيءَ جي ’ياد هڪ پيار جي‘ تي پرم جي تنقيد جي اَنند چنڊ ڇاڻ ڪئي آهي. پرم جي جاچنائن سان پوريءَ طرح خلافراءِ ٿيندي هو پرم تي اپ-ٽ-ڊيٽ نه هئڻ جو اِلزام به ٿو لڳائي ۽ ڪرشن کٽواڻيءَ تي اِهو جملو به چسپا ڪري ته هوُ ادبي تذڪري جي يوڳيه ئي نه آهي. نارايڻ شيام جي ادبي ليکن جي مجموعي ’سيمينار‘ ۾ هڪ ليک آهي، ’گوبند مالهيءَ جا ناول‘. ليک ۾ مالهيءَ جي ناولن ’آنسوُ‘، ’جيون ساٿي‘، پکيئڙا ولر کان وڇڙيا‘ ۽ ’شرم ٻوٽي‘ مان مثال ڪڍي هن نتيجو ڪڍيو آهي ته بهتر نظارا ڪشي، براين کي ٻنجهو ڏيڻ جي ڪوشش ۽ سنڌ جو ماحول تازه ڪرڻ ڪانپوءِ به مالهيءَ جي ناولن ۾ ڪردار نه، هرهنڌ خود مالهي نمايان آهي. پارتيءَ موجب، تنهنڪري ئي سنڌي ناول جي وڪاس ۾ اَهم يوڳدان هوندي به مالهي هڪ به اهڙو ناول نه ڏيئي سگهيو آهي جيڪو من تي هردم ياد رهڻ وارو اثر ڇڏي سگهي. لعل پشپ جي ڇهن ليکن جي مجموعي ’گذيل تنقيد‘ ۾ هڪ ليک آهي، ’ورهاڱي ڪانپوءِ جو سنڌي ناول‘. هن مضمون ۾

ڪيس پوپٽيءَ جي ڪنهن بہ ناول ۾ ڪا ڪمي نظر نٿي اچي ۽ ان ڪميءَ لاءِ بہ هوُ پريس کي ذميوار ٺهرائڻ جي ڪوشش ٿو ڪري. ٻلديوَ جو ليک ’گذريل ٻن ڏهاڪن ۾ سنڌ ۾ سنڌي ناول‘ اِسحاق سميجو جي مقالي جي سمالوچنا آهي. اِسحاق موجب گذريل ٻن ڏهاڪن ۾ سنڌ ۾ صرف 35 ناول ڇپيا آهن ۽ اُنهن مان هڪ بہ شاهڪار ناول نہ آهي. هن سان اَسهمت ٿيندي ٻلديو آغا سليم جي ناول ’اڌورو اِنسان‘، غلام نبي مغل جي ناول ’دونهاٽيل راتيون ۽ رولاڪ‘، اَمر جليل جي ناول ’نيٺ گونگي ڳالهايو‘ ۽ ماڻڪ جي ناول ’ساهہ مٺ ۾‘ جي حوالي ۾ ڪيس معيار جي سطح تي نراش نہ ٿيڻ جي صلاح ڏني آهي.

نامديوَ تاراچنداڻيءَ جي ڪتاب ’سنڌي ڪٿا ساهتيہ‘ جي 18 بابن مان 8 سنڌيءَ ۾ شايع ٿيل ناول تي آهن. ’سنڌي ڪٿا ساهتيہ ۾ نئين احساسداري‘ موجب لعل پشپ جا سڀ ناول ۽ شيام جئسنگهاڻيءَ خواه پرم ابيچنداڻيءَ جا ڪي ناول احساسداريءَ جو تکو احساس ڏنا ڪرائن. ٻڇيل سموري ڪٿا ساهتيہ کي احساسداريءَ جي لحاظ کان نامديوَ ٿلهي ليکي رد ٿو ڪري. ’سنڌي ناول جو تاج (محل)‘ ۾ پرم ابيچنداڻيءَ جي ناول ’ڪايا پلٽ‘ کي هو ملٽي ڊائمينشنل، بولڊ ۽ خوبصورت دنيا جي چمڪ ڏيکارڻ وارو ثابت ٿو ڪري. ’اڪيلائپ جي آئيني ۾ اندر جا اولڙا‘ ۾ ڪرشن کٽواڻيءَ جي ناول ’ست ڏينهن‘ کي نامديو اندر اندر ۽ ٻاهر ٻاهر جي اُبتي ڪوشش ۾ قاتل ٿو مڃي. هري موٽواڻيءَ جي ناول ’پاڙيارا پکي‘ کي ميزان وڃائي وهڻ واري ڪٿا قرار ڏيندي هوُ اِظهار، قدرت جي چٽ ۽ ڪردارنگاريءَ جي لحاظ کان ڪامياب ٿو ليکي. نرمل ماکيجا جي ناول ’ڇوليون‘ کي ڪيٻائيندي، نامديوَ سنڌيءَ جو پهريون آنچلڪ ناول تہ ڇوي ٿو پر ڪٿا ۽ ڀاشا جي ماڻ موجب مقبول ناول نٿو مڃي. آنند کيماڻيءَ جي ناول ’اَنتر ياترا‘ کي نئين چيتنا جي ڪور اِسٽوري عنوان ڏيئي نامديوَ گنڀيرتا ۽ سياويڪتا قائم نہ رکي سگهڻ جي ڳالهہ ڇوندي اِن قسم جي موضوع تي جريت سان سوچ ويچار ڪرڻ وارو ناول لکڻ لاءِ

آشا درگاپوريءَ جي اَدبي مضمونن جي مجموعي 'ساهت درپڻ' ۾ هڪ ليک آهي 'وشو اُپنياس ساهتيہ : هڪ سرسري نظر'. هن ليک ۾ آشا درگاپوريءَ گوبند مالهي، رام پنجواڻي، موهن ڪلپنا، پوپٽي هيراننداڻي، سندري اُتمچنداڻي، هري همٿاڻي وغيره جو ذڪر ڪندي سنڌي اُپنياس ساهتيہ کي وشو اُپنياس ساهتيہ جي قطار ۾ بيهڻ لائق نہ مڃيو آهي.

پنهنجي ڪتاب 'راجستان جي سنڌي ساهت جو جائزو' ۾ ڪملا گوڪلاڻيءَ، هري همٿاڻيءَ جي ناولن 'رات جو ٻيون پهر'، 'گل جلن ٿا' ۽ 'روح جا زخم' جو مرڪزي خيال ورهاڱو قرار ڏيندي لکيو آهي تہ اِنهن ناولن ۾ ورهاڱي جو درد گهرائيءَ سان اُڀريو آهي. ڪملا جي انوسار هريءَ جي ناولن ۾ پاڳواد ۽ حالات سان سمجهوتا ئي خاص مدعا هوندا آهن.

'آزاديءَ کانپوءِ سنڌي ساهت جي جاچنا - ناول جا موضوع' عنوان سان لکيل مقالي ۾ ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻيءَ سنڌي ناول ساهت کي ٽن ڌارائن ۾ ورهايو آهي. ترقي پسند ڌارا، پريم تتوَ سان واسطو رکندڙ ۽ شخصي آزاديءَ جي نمائندگي ڪندڙ ڌارا. سندس مقالي ۾ ناولن جي تنقيد تي گهٽ ڌارائن ۾ ورهائي ناولن جي واقفيت ڏيڻ تي وڌيڪ زور رهيو آهي.

ڊاڪٽر ٻلديوَ ٻختراءِ مٽلاڻيءَ جي تحقيقي مضمونن جي مجموعي 'ادب ۽ تحقيق' ۾ چيپل 22 مان 2 ليک سنڌي ناول نسبت آهن. 'ناولنگار پوپٽي هيراننداڻي' ۾ پوپٽيءَ جي لکيل چئني ناولن جي ڪٿ ڪئي ويئي آهي. 'منجهُو' ۾ موضوع جي نواڻ ۽ ٺهڪندڙ ڪردارنگاري؛ 'حسرتن جي تربت' ۾ اِنساني ڀاونائن جو دلسوز بيان، تز ٻوليءَ ۽ مظلوم عوّرت جو فيلسوفاڻا چيد؛ 'جيءَ ۾ جهوري، تن ۾ تات' ۾ سماجڪ رومان، منظرنگاري ۽ بيان جو ڏانءُ؛ 'سيلاب زندگيءَ جو' ۾ عوّرت جي مختلف روپن جي منووگيانڪ پيشڪش ٻلدوَ کي بيحد متاثر ڪيو آهي. ڪجهہ جڳهين تي صورتختيءَ جي چوڪن کان سواءِ

ناولن تي ليک شامل آهن. ڪردار، وشيه، شخصي زندگيءَ جي اَثر، سنڌيت جو جذبو، سماج سڌار، مارڪسزم، رومان، ديش ڀڳتي، ٻولي ۽ ماحول جهڙن مدعن تي وستار سان ويچار ڪرڻ کانپوءِ هنس اِن نتيجي تي پهتو آهي ته مالهي نه صرف سنڌي ٻولي پر ڪردارنگاري، واقع نگاري، سهڻي عبارت، رواني ۽ بهتريءَ ۾ پروسي سبب ساراه جوڳا ناول لکيا آهن. وارداتن ۾ حقيقت شناسيءَ جي ڪميءَ کي مثال ڏيئي هنس ثابت ڪيو آهي ته ڪڏهن ڪڏهن مارڪسواد جي اَثر هيٺ اَچي مالهي ليکڪ بدران پرچارڪ بڻجي ٿو وڃي.

اَپريل جون 2007 جي 'رچنا' جو ڪور ڪرشن کٽواڻيءَ جي فوٽوگراف سان سينگاريو ويو آهي. هن پرچي ۾ شايع ٿيل ڪرشن جي ليک 'هند ۾ سنڌي ناول نويسي' ۾ چئن ناولن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. گوبند مالهيءَ جي ناول 'پکيئڙا ولر کان وڇڙيا' کي ڪرشن يادگار ناول ۽ سنڌيت جي اِتهاس جو هڪ باب ٿو سمجهي. سندري اُتمچندا ڻيءَ جو ناول 'ڪرنڊڙ ديوارون' سندس آڏو ٻوليءَ ۾ مڌرتا ڀريل سادگيءَ وارو سٺو ناول آهي. موهن ڪلپنا جو ناول 'ڪانءُ ۽ سمنڊ' نياري ذات جي ڪلاڪار جو اهڙو ناول آهي، جنهن ۾ هرهنڌ هو فقط پاڻ ڏسڻ ۾ ٿو اچي. 'ڪاهيءَ جي چؤطرف' سندس ويچار ۾ شيام جئسنگهاڻيءَ جو مڪمل ناول آهي. ساڳئي پرچي ۾ 'چپ ڳائڻو ساهتيڪار : ڪرشن کٽواڻي' ۾ شيام جئسنگهاڻيءَ ڪرشن جي ڇهن ئي ناولن تي تعريفنما عبارت لکي آهي.

'اَدبي چمن' 2008 ۾ سنڌي ناول سان لاڳاپو رکندڙ ٽي ليک شايع ٿيا آهن. 'گذريل ڏهن سالن ۾ معياري اَدب ۾ سنڌي ليکڪائن جي حصيداري' ۾ هيرو ٺڪر 1999 کان 2009 جي وچ ۾ ڇپيل سنڌي ليکڪائن جي معياري ناولن جو ذڪر ڪيو آهي. ليک ۾ تارا ميرچنداڻيءَ، ڪلا پرڪاش ۽ ريتا شهاڻيءَ جي ناولن تي وستار سان روشني وڌل آهي. ڪٿا وستوءَ، ٻولي، ڪردار نگاري، گفتگو، اِظهار،

آنند کي داد ڏنو ڏئي. هري همٿاڻيءَ جي ناول ’ماضيءَ جا ڏنگ‘ کي هو شاهڪار ناول ٿو مڃي. گوپ ڪمل جي ناول ’زندگيءَ چار ڏينهن‘ جا ڪردار سطحي پاسندي ۽ نامديوَ ناول کي الڳ درشٽيءَ واري ڪامياب رچنا ٿو تسليم ڪري.

نامديوَ تاراچنداڻيءَ جي سمپادن ۾ سهيڙيل ’لعل پشپ هڪ اڀياس‘ جي ناول کنڊ ۾ لعل پشپ جي 1982 تائين شايع ٿيل ڇهن مان ڇئن ناولن تي ٻارهن ليکڪن جا سنڌيءَ ۽ انگريزيءَ ۾ ليک يا خط شامل ڪيا ويا آهن.

لعل جي ناوَل ’هنجي آتم جو مؤت‘ کي هريش واسواڻيءَ، عام پانڪ ڪان پرپيرو پر سمجهه لاءِ دلگير ڪندڙ، نامديوَ تاراچنداڻيءَ هڪ سڄاڳ ڪوشش، ريتا شهاڻيءَ دل کي درد پهچائڻ واري مسخريپڻ جو احساس، ڪرشن کٽواڻيءَ هڪ تجربو، شيام جئسنگهاڻيءَ اينٽي هيرو جي پيشڪش، پرم آبيچنداڻيءَ وهڪڙي جي رچنا، موهن ڪلپنا آناول، ممتاز مهر اعليٰ تخليقي تجربو ۽ موتيلال جوتواڻيءَ بالغ تي ويل سنڌي ناول چيو آهي. هيري شيوڪاڻيءَ لعل جي ناول ’هڪ سرد ديوار‘، ’هنجي آتم جو مؤت‘ ۽ ’تڏهن ۽ هاڻي‘ کي ڪلاتمڪ اٽت ۾ هڪ مسلسل ياترا سڏيو آهي. ’هڪ سرد ديوار‘ کي شيام جئسنگهاڻي نئين ايڊيم جي تلاش، آنند کيماڻي مهتوَ هيٺٽنا کي اُجاگر ڪندڙ، شؤڪت شورو چتي بيباڪي ۽ منگهارام ملڪاڻيءَ سنڌيءَ جو پهريون هستيوادي ناول قرار ٿو ڏئي. ’ڪجهه نه ٿيڻ جو حادثو‘ واسديوَ موهيءَ جي نظر ۾ ڪجهه نه ٿيڻ جو ناول، گوپال ٺڪر جي نظر ۾ غلط پاشا سبب فاحش هئڻ جو وهم پئدا ڪندڙ ناول ۽ شؤڪت حسين شورو جو نظر ۾ لعل پشپ جي سٺن ناولن مان هڪ آهي. نامديو تاراچنداڻي ’اِها ديوار آسمان تائين‘ اِنکري ڪامياب تسليم ٿو ڪري ڇو ته کيس ناول وري پڙهڻ جهڙو ٿو لڳي. گوبند مالهيءَ کي مرڪز ۾ رکي ڪيل هولارام هنس جي اڀياس ’سنڌي ناول ۾ مالهيءَ جي يگاني ڏين‘ ۾ الڳ الڳ ڪُنڊن تان لکيل مالهيءَ جي

اَنند کيماڻيءَ جي ناول 'اڻ لناڙيل پيچرا' ۾ پس جدتي

شڪسپيئر يا ڪاليداس جي دؤر ۾ ڇا ٻئي ڪنهن ڪجهه نه لکيو هو؟ ٻاڻ ٻڌيل نالن کي ڇڏي وقت جي اُنهن وقفن ۾ لکڻ وارن ٻين شخص کي ڪال ڇو پنهنجي غيب جي چولي ۾ گمشدگيءَ جي حدن تائين غائب ڪري ڇڏيو؟ اِنهن سوالن جو مڪمل جواب ڏيڻ شايد ڪڏهن به ممڪن نه ٿيندو. تنهن هوندي به زمان کي اورانگهي ليکڪن ۽ شاعرن جي پيڙ مان اُپري ڪجهه نالا سامهون ايندا رهيا آهن، سامهون ايندا رهندا.

اهڙن رچناڪارن کي عام طور سان پنهنجي جيئندي پڻ گهربل خواه جوڳو ناموس، مرتبو ۽ آدر مليو. دراصل جن جي لکڻيءَ ۾ حال کي ولوڙڻ ۽ مستقبل کي روشن ڪرڻ جي طاقت آهي، وقت لاءِ به تنکي غائب ڪرڻ ڏکيو ڪم آهي. ڪين غيب جي حوالي ڪرڻ ته اڃا وڌيڪ مشڪل ڳالهه آهي. هر زبان، هر ديش، هر سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ کي اِن قسم جا تخليتڪار ضرور نصيب ٿيندا آهن. حدون اورانگهي سندن آواز ۽ اُنجو پڙاڏو ڪيترو پري ٿو وڃي، ڪهڙين علائقن ۽ اُفقن کي سر ٿو ڪري، تنهن لاءِ ڪو قائدو ناهڻ ممڪن نه آهي. اِن وشيه تي مضمون ضرور لکي ٿا سگهجن. پر مختلف ترڪن ۽ دليلن ڪانپوءِ به نتيجي تي پهچڻ لاءِ ضروري عناصر پنهنجي سموريت ۾ ملڻ شايد ناممڪن آهن.

سنڌيءَ جي ناول نويس، ڪهاڻي نويس، شاعر، تنقيدڪار، ترجميڪار ۽ سمپادڪ اَنند کيماڻيءَ ۾ رچنا ۾ وقت کان اڳتي هلڻ

منظرڪشي، ماحول نگاري ۽ ٽيڪنيڪ کي آڌار بڻائي هيري ٺڪر هرهڪ ناول تي تنقيد ڪئي آهي.

’1947 کانپوءِ سنڌي ناول ۾ سنڌي جيون جي عڪاسي‘ ۾ سريتا شرما ورهاڱي کانپوءِ لکيل ناولن کي ٽن دؤرن ۾ ورهايو آهي، ترقي پسند، حقيقي ۽ جديد. رام پنجواڻي، گوبند مالهي، ڪرشن کٽواڻي، سڳن آهوجا، تارا ميرچنداڻي، پوپٽي هيرانندڻي، ڪلا پرڪاش، لڇمڻ ساٿي، چندو جئسنگهاڻي، موهن ڪلپنا، لعل پشپ، آنند کيماڻي، وشنو ڀاٽيا، شيام جئسنگهاڻي، ريتا شهاڻي، رتنا گوديا ’رولاڪ‘، هري موٽواڻي، گوبند خوشحالاڻي ۽ ڪلاڌر مُتوا جي ناولن ۾ سنڌي جيوَن جي عڪاسيءَ سان گڏ سريتا شرما ٻين رڻائن، لاڙن ۽ ماپن جو به ذڪر ڪيو آهي. ’اَدبي چمن‘ 2008 ۾ شايع ٿيون ليک آهي، آشا رنگواڻيءَ جو ’ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ناول ۾ اِستري ليکڪائن جو يوگدان‘. ليک ۾ پوپٽي هيرانندڻي، سندري اُتمچنداڻي، ڪلا پرڪاش، تارا ميرچنداڻي ۽ ريتا شهاڻيءَ جي لکيل هرهڪ ناول تي وستار سان رائزني ڪندي آشا لڳ ڀڳ هر ناول جي تعريف ڪئي آهي.

ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ناول تي ٿيل تنقيد جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو ته سنڌ خواه هند ۾ سنڌي ناول ڪيترين ئي منزلون لتاڙيون آهن. ممڪن آهي تنهن کان پوءِ وچي سنڌي ناول ڀارتيه ڀاشائن ۽ عالمي سطح تي لکيل ناولن جي سامهون منهن مٿي ڪري بيهڻ جي حالت ۾ اچي سگهي.

(ساهتيه اَڪادميءَ پاران ممبئي ۾ 15-14 مئي 2010 تي ٿيل سيمينار ۾ پڙهيل پيپر)

ٿو. پر تعليمي ۽ ذهني نظريي سان هو ايترو وڏيڪ شاهوڪار آهي جو هڪ وڪيل، هڪ ماسترياڻي ۽ هڪ ڊاڪٽر ٻين شهرن مان کهي هن وٽ دهليءَ ۾ فقط ايندڙيون نٿيون رهن، هڪ ئي وقت ساڳئي پلنگ تي ساڻس گڏجي جسماني ناتا به ٿيون جوڙن.

چت جو ذهني ذخيرو اِنهن ٽنهي عورتن کي مانسڪ روپ ۾ سندس ايترو ويجهو ٿو ڇڪي اچي جو جسم بي معنيٰ ٿو ڀاسڻ لڳي، دنيوي سک سهولتيون پسمنظر ۾ ٿا ڌڪجي وڃن ۽ هڪ ٻئي سان جڙي سموري ايڪتا ماڻڻ جي چاهنا وڌندي ٿي وڃي. ناول جي صفحي 176 تي سُريکا ٿي چوي، ”اسين خود بالاتر ذهني طبقي جون عورتون آهيون. عام عورتن وانگر نہ جيڪي ڪنهن پرش جي هلڪي ڦلڪي مذاق تي ڪلڪلائينديون آهن ۽ نہ ئي اوچي طبقي جي اڪثر عوُرتن وانگر جنهجي نگاهہ پُرش جي صرف بئنڪ بئلينس ۽ پراپرٽيءَ تي هوندي آهي. تو ۾ مون لاءِ خوبصورت ساڙهي يا قيمتي زيور جي مقابلي ڪنهن اوچي خيال جي ڪشش وڌيڪ آهي. چِت پهرين اسانجي مانسڪ بک وڌائي ٿو. پوءِ اُنکي پنهنجين ڳالهين سان مِٽائي ٿو. اِئين اسين اَهڙي اُفق ۾ پهچي ٿيون وڃون، جتي نزديڪي خود بہ خود پيدا ٿي ٿي وڃي.“ درحقيقت اِتي اَنند ڪيماڻيءَ جي قلم جو جادو پاڻڪ تي قابض پوڻ ٿو لڳي. جنهن تي عام طور سان پروسو نٿو ڪري سگهجي، تنهنڪي پروسيمند ٻڌائڻ جو فن ڪيس فقط سنڌيءَ نہ ٻين ڀاشائن جي ليکڪن کان پڻ جدا ڪڙو ڪري هڪ خاص مقام ٿو بخشي.

حسد جي باهہ ۾ پچرندڙ اِستري - پُرش ٻوُٽيل اکين سان بہ نظر ايندا هجن. جنهن دنيا ۾، جنس جي چر قتل ڪرڻ کان بہ نہ ڪيٻائيندي هجي جتي، اُتي اَنند ڪيماڻي چت جي زباني، ’اَموُ‘ ۽ ’يا‘ جي سامهون ئي سُريکا کي نينڊ ٿو ڏئي، ”توسان ڀاڳ بي اِنصافي ڪئي آهي. مان توکي بہ يقين ٿو ڏياريان تہ مان تو سان گڏ آهيان ۽ هڪ بي ڳالهہ بہ، جا مان غلط سمجهيو وڃڻ جو خطرو کڻي بہ چوان

جي خصوصيت سبب اُهي سڀ خوبيون آهن، جيڪي ڪلا کي سرڪرڻ
لاءِ ضروري محسوس ٿينديون آهن. گرديوَ رويندر ناٿ ٺاڳور جون
ڪيتريون ئي ڪوتائون معشوقا جي ورهه ۾ لکيل محسوس ٿينديون
آهن. جڏهن ڪِ اِن مثان نظر ايندڙ لباس هيٺان پرماتما لاءِ سندس
آٿميو پيار خوشبوءِ جا وسڪارا ڪندو آهي. اَنند ڪيماڻيءَ جون رچنائون
پڻ ڪٿي جسم، ڪٿي سماجڪ قائدن جي پڄڪڙي، ڪٿي اُصول
اُبتڙي ۽ ڪٿي ٻنڌن جي ڀر جي وڪالت ڪنديون آهن. پر ڏيان سان
ڏسبو تہ اِن وهم جي پاڻياڻي چادر هيٺ وهندڙ ۽ ڪلولون ڪندڙ
ڌارائون ذهينت جي اونچاين، ويچار جي خصوصيتن ۽ چنتن جي
چوٽين کي ڇهنديون نظر اينديون. مثال طور اَنند ڪيماڻيءَ جي ناول
’اڻ لتاڙيل پيچرا‘ جي 158-157 صفحي تي اَموُنءَ جي بيان جون
سٽون آهن، ”منهنجي نگاه ۾ هن ڌرتيءَ تي پيار کان وڏيڪ ڪوئي
سوارٿ نہ آهي. اِنڪري مونکي رتناوليءَ تي خارون آهن. گهور پيار
ڪندڙ پنهنجي پُرش تلسيداس کي طعنو هڻي رام ڏانهن موڙي
ڇڏيائين، گويا رام وٽ اڳي پڳتن جي ڪمي هئي! اِن سوارٿ کي
ڇڏڻ بعد رتناوليءَ جو ڪهڙو حال ٿيو هوندو، اچ بہ سوچي مان ڏجي
ٿي اُٿان.“ ويچار جي اِهائي الحدگي اَنند ڪيماڻيءَ کي سنڌيءَ جي
ٻين ليکڪن کان جدا ڪري ڏسڻ لاءِ مجبور ٿي ڪري.

دروپديءَ جا پنج پتي مهاپارت يگ جو هڪ چاتل سچ
آهن. اَنند ڪيماڻيءَ جي ناول ’اَڻلتاڙيل بيچرا‘ جو چت ٻن جوان
ذهين، تعليم يافت عؤرتن جي سمپرڪ ۾ آهي. اُنهن مان هڪ ’اَموُ
وڪيل آهي. ۽ ٻي ’يا‘ ماسترياڻي. اڳيان هلي ’يا‘ جي جڳهہ وٺند
’سُريکا‘ پنهنجوَ نرسنگہ هوم هلائيندڙ پرپور عقل جي وارث ڊاڪٽ
آهي، چت جو ساٿن جسماني، ذهني ۽ ڀاوناتمڪ ناتو ايترو گهرو آهي
جو سطحي نموني اُن تي ڀروسو نٿو ٿئي. چا اِئين بہ ٿي سگهي ٿو
اِهو سوال ور- ور ڪري سامهون اچي ٿو بيهي. چت هڪ معمولي
سرڪاري ملازم آهي. مالي سطح تي کيس بنه غريب چئي سگهجي

رهندي آهيان تہ ڪا ڇوڪري پسند ڪري شادي ڪري ڇڏ. منهنجو پيار ساڻس تہ بہ قائم رهندو. مان شادي اِنڪري ڪانہ ڪنديس جو مون لاءِ ڇت کان ٻاهر ڪنهن جي ڪلپنا بہ گناهہ آهي ۽ ڇت سان شادي، جيئڻ ٻڌايم، هن رشتي جي رکيا لاءِ ڪان ڪنديس.''

ڇوتہ عام سمجهہ جي پيمانن موجب پاٺڪ جي تياري بهتر ٿيندي تي وڃي تنهنڪري هو اَموُءَ جي ڇيل ڳالهہ کي سوچ جي سطح تي پهچائي ٿو سگهي.

'اڻ لتاڙيل پيچرا' اَنند کيماڻيءَ طرفان لکيل ٽِرلاجي جو ٽيون ناول آهي. ٽِرلاجي ۾ شامل پهرئين ناول 'انتر ياترا' ۽ ٻئين ناول 'رشتن جو ڏنڌ' ۾ بہ ڇت، اَموءَ ۽ پيا جي جسماني خواه ذهني سنٻنڌن کي وشيہ بڻايو ويو آهي. فرق صرف ايترو آهي تہ 'انترياترا' ۾ ٽيئي شاگرد آهن ۽ 'رشتن جي ڏنڌ' ۾ ٽيئي ڪم ڪار جي لحاظ کان ٿانئيڪا ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. تنهين ڪردارن جي وچ ۾ جنسي تعلق، اندروني جڙاءُ ۽ مانسڪ ڪشش ٽِرلاجي جي تنهين ناولن ۾ ديوانگيءَ جي حدن کي اورانگهيندڙ آهي.

چنتنشيل ليکڪ لاءِ ڪنهن ليڪ تي هلندي سرجڻ ڪرڻ ڪڏهن بہ ممڪن نہ ٿيو آهي. اگيہ، ڪرشنا سوبتي، ڪرشڻ بلديوَ ٻئد وغيره جيان اَنند کيماڻيءَ پنهنجي سموري رچنا ڪرم ۾ پريوگ ڪيا آهن. صافگوئيءَ کي هٿيار وانگر نہ، اوزار مثل ڪتب آڻيندي هن رشتن، ناتن، دوستن بابت پڻ پنهنجي عقيدي موجب جاچنائون درج ڪيون آهن. نتيجي طور قداور سرجڪ جي روپ ۾ هو، ليکڪن جي پيڙ ۾ الڳ نظر ٿو اچي. وارداتن ۽ تفصيلن کي لتاڙي ڪيترو ئي اَموُرت ليکن بہ هن ڪيو آهي. اِسمن جي حدبندين کي ٽوڙي اَنند کيماڻيءَ پس جدتيءَ کي رچنائن ۾ ڀرپور جيئڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. خاص ڳالهہ اِها آهي تہ وهندڙ پاڻيءَ جيان آتم وڪاس جي ڏِس ۾ سجاڳ رهي هر نئين رچنا ۾ هن پنهنجي سوچ جو درجو ڪجهہ گرانئون مٿيرو ڪيو آهي.

ٿو تہ ڪڏهن بہ سيڪس جي اروڪ طلب پريشان ڪريئي ۽ مون ڪان سواءِ ڪنهن جي ٻانهن ۾ پاڻ ڦٽو ڪري نہ سگهين تہ دهليءَ مون وٽ هلي اچجانءِ. اِن جنسي ڪامنا پورتيءَ کي مون طرفان پيار ڪري نہ ڪٽجي، يعنيٰ اِها محض Loveless Sex ٿيندي. اِن لاءِ تو وٽ گوالير بہ اچي ٿو سگهان. بشرطيڪ اَمڙ يا پا هت نہ هجن.'' (صفحو 36).

اِهو سڀ اَنند ڪيماڻي شايد تنهنڪري ٿو لکي سگهي ڇو تہ چنتنشيل دماغ ۽ ڪيميائي سوچ کيس ڪنهن وڻ جي ڇانوَ ۾ ويهي ساهہ پٽڻ جي اِجازت نٿو ڏي. سندس ليکڪ اونداهن ڪمرن جي اٽڪيل ڪنڊن ۾ دهشتناڪ نوع ۾ بيٺل - ويٺل پنهنجي پاٺڪ کي تز ۽ نواڻ ڀريل روشنيءَ سان ڀري ٿو ڇڏي. اٽسوچيل نظارا پسي هو ڪڏهن تعجب ۾ ٿو ٻڏي وڃي ۽ ڪڏهن اِئين ٿو لڳيس ڄڻ اهڙيءَ دنيا ۾ اچي ويو آهي، جنهنکي هن ڪڏهن خواب ۾ بہ نہ ڏٺو هو. صفحي ستين تي اَمڙ ٿي چوي، ''۽ شريڪا تون غلط آهين تہ هنکي صرف منهنجي ئي جسم ۾ راحت ملندي. جسم جي راحت تہ کيس يا عطا ڪندي آهي. پر اُنکان بہ وڌيڪ راحت هو تڏهن محسوس ڪندو آهي، جڏهن سندس پير ۾ مان بي - شبد ليٽي پيئي هجان ۽ سندس منهن منهنجي وارن سان ڍڪيل هجي.'' اَنند ڪيماڻي جڏهن پاٺڪ کي پا جي جسم ۽ اَموءَ جي زلف معرفت ذهنيت جي اٽڪل ملڪ ۾ وٺي ٿو وڃي تہ وائڙن وانگر هوُ احساس جي شدت جو شڪار ٿو بڻجي. اِهو احساس پاٺڪ کي سنسڪارت ٿو ڪري، آهستي آهستي سندس اَندر ٿو وڃي ۽ هنجو نج پنهنجو بڻجي، ڪير ۾ نظر نہ ايندڙ ڪنڊ جي مناس وانگر هڪ ٿو ٿي وڃي.

اَنند ڪيماڻيءَ جو پاٺڪ سچ کي ڀاونا جي سطح تي سويڪار ٿو ڪري. فقط سويڪار نٿو ڪري ڀاونائن جي سطح تي جيئي پڻ ٿو اُن سچ کي. تنهنڪري کيس پڙهڻ ڪان پوءِ پاٺڪ پاڻ کي پهرين جي مقابلي وڌيڪ ذهين ٿو محسوس ڪري. 'اڻ لتاڙيل پيہ چرا' جي صفحي اٺين تي اَمو ظاهر ٿي ڪري، ''چت کي درخواست ڪندي

سنڌي اصلوڪن وڏن ناٽڪن جي اوسر
1981-2013

ناٽڪ ۽ نرتيہ کي ڇڏي اَدب جي ڪنهن بہ شاخ ۽ ڪلا جي ڪنهن بہ ڪيتر ۾ بند ڪمري ۾ ويهي اڪيلي سِر سرجڻ ڪرڻ ممڪن آهي. ڪيتري بہ اونچي اُڏام چون هجي، ڪيتري بہ تياري چون ڪئي ويئي هجي، ڪيترا بہ سروي، ڪيترا بہ حوالا، ڪيترا بہ صلاح مشورن جا دؤر چون ڪتب آندا ويا هجن، پر سرجڻ تہ اَڪيلائپ ۾ ئي ٿيندو آهي. ناٽڪ ۽ نرتيہ لاءِ ٽولي گهرجي. ڊائريڪٽر، ٽيڪنيشن، سيٽ، ڪاسٽيوم ۽ اِسٽيج گهرجن. لائيٽ، سائونڊ ۽ ليزر جا اِفيڪٽ گهرجن. ها، رٿا جي روپ ۾ هڪ اِسڪرپٽ پڻ گهرجي پر ناٽڪ يا نرتيہ جو جيستائين منچن نہ ٿيو آهي، سلسلو پورو نٿو ٿئي. سڀ کان اَهم ڳالهہ تہ ناٽڪ ۽ نرتيہ، درشڪ بنا ٿي ئي نٿا سگهن. فقط اِهي بہ ڪلا ڪيتر آهن، جن ۾ درشڪ جو ترت ردعمل ملڻ جي گنجائش آهي. ٺهڪ، تاڙين، جا ٺهڪا، غمگين ماحول يا جوتن جي اُڇال پيمانا آهن ناٽڪ يا نرتيہ جي پسند پوڻ جا. اخبارن ڇا لکيو، گرين روم ۾ ڪنهن ڪهڙي فتويٰ ڏني، دوستن ڪيتريون ساراهہ جون سُرڪيون پريون يا نڪتهہ چينيون ڪيون، بئروميٽر ڪوبہ ناهي. آئينو تہ هال ۾ درشڪن جو وهنوار ئي مهيو ويندو آهي.

درشڪ آڌارت هوندي بہ ناٽڪ ۽ نرتيہ ۾ مُول فرق آهي. نرتيہ جو مقصد فقط وندر آهي. جڏهن ڪِ ناٽڪ وندر سان گڏ سنديش ڏيڻ جو اثرائتو طريقو آهي. مون اِسٽيٽ بئنڪ آف اِنڊيا مان رٽاير ڪيو آهي. 1973 ۾ شام جو منهنجو هڪ هندي ناٽڪ اِسٽيج تي ڏسڻ کان پوءِ بئي ڏينهن ڪم ۾ غير ضروري دير ٿيڻ سبب ناراض ٿي

اِهو ئي سبب آهي جو شخص هجي يا واد، اِدارو هجي يا ڪيمو، ذات هجي يا پاشا، اِنهن مان ڪجهہ بہ سندس ساهت جو حصو نٿو بڻجي. ڌرم، پنٿ ۽ سياست جو غلام نظر نٿو اچي، هو پنهنجي ساهت ۾. پنهنجي فلسفي، چنتن ۽ ويچار جي سفر ۾ هوُ پاٺڪن کي همسفر ٿو بڻائي. اِن رستي تي هلندي، بنا ملاوت، بنا آگرهہ ۽ بنا دٻاوَ جي سوچڻ لاءِ مجبور ڪندڙ رچنائون ڪٺي جڏهن هوُ پاٺڪن آڏو ٿو اچي تہ ذهنيت وارا پڙهندڙ ڪنهن اڻڏٺل دنيا جا دريون دروازا کلندا محسوس ٿا ڪن.

اِن پسمنظر ۾ 'اڻ لتاڙيل پيچرا' جي ڪٿ ڪئي ويندي تہ آنند کيماڻيءَ جي سرجڻ ياترا جو هيءُ اهڙو دوستاويز پاسندو جنهنکي دل ۽ دماغ ٻئي ساڻ رکي پڙهڻ ضروري آهي. وڌاءُ نہ ٿيندو جيڪڏهن مختصر ۾ چئجي تہ 'اڻ لتاڙيل پيچرا' کي وسارڻ شايد وقت لاءِ بہ ڏکيو ڪم ثابت ٿيندو.

(نئشنل ڪائونسل فار پرموشن آف سنڌي لينگويج پاران دهليءَ ۾ 29-28 آگسٽ 2009 تي ٿيل سيمينار لاءِ لکيل پيپر)

12. واريءَ سندو ڪوٽ	لکمي ڪلاڻي	1987 منچت
13. ڪاڪو ڪلومل	مدن جماڻي	1990 َمنچت
14. پنهنجو دشمن	لکمي ڪلاڻي	1993 منچت
15. اُٺتيهہ ڏينهن چور جا	پرتاپ مينگهراج پرسواڻي	1998 اَمنچت
16. لاڏي لاڏي آندي پَر	واسديو نرمل	1999 منچت
17. مڪتي (باهہ، سيڙپ، مڪتي، پڪارون)	پريم پرڪاش	2001 منچت : باهہ
18. اَما جو پينگهو	واسديو نرمل	2003 َمنچت
19. جيلر هيمون ڪالاڻي	ڪنعيو اگناڻي	2005 اَمنچت
20. ڪوُئا ڦاس	لکمي ڪلاڻي	2007 اَمنچت
21. هيمون ڪالاڻي امر شهيد	راج ڏاسواڻي	2010 اَمنچت

ڪل 21 چپيل اَصلوڪن وڏن ناٽڪن مان 13منچ تي اچي چڪا آهن.

هتي ڇپيل ۽ منچ تي آيل اصلوڪن وڏن ناٽڪن جي صلاحيت جو ذڪر ڪرڻ مناسب ٿيندو. اهڙي نموني ناٽڪن جو سوچ، فڪر ۽ لاڙا سامهون ايندا.

پي. بي. چاند جو 1981ع ۾ ڇپيل ناٽڪ ’سپر اِسٽار جهمٽمل‘ هڪ سنڌي منچ جي فلمي ڪلاڪار جي زندگيءَ تي ٻڌل آهي. ڇوتہ ڪلاڪار فلمن سان پڻ وابستا آهي، تنهنڪري ناٽڪ ۾ فلمي رنگ نظر ٿو اچي. اِها هن ناٽڪ جي خوبي ٻڌجي منچ تي درشڪ کي خاص پسند ٿي پوي. ’سپر اِسٽار جهمٽمل‘ منچ تي ڪاميابيءَ جا جهنڊا جهولائي چڪو آهي. ڀوپال ۾ سنڌي ناٽڪ جي بنياد وجهڻ واري شاعر ڪيئلداس ’فاني‘ جو وڏو ناٽڪ ’پڇتاءَ جا ڳوڙها‘ 1981ع ۾ شايع ٿيو ۽ ساڳئي سال اشوڪ بولاڻيءَ جي هدايتڪاريءَ ۾ ڀوپال ۾ منچت ٿيو. آدرش تي ٻڌل هيءُ سنجيده ناٽڪ ميلو ڊراما جو ناياب نمونو آهي.

سال 1982ع ۾ ڇپيل ماڌو پارومل نيڻواڻيءَ جو ’رهجي وياسين ڪنوارا‘ پاپولر منچ لاءِ لکيل مذاقيہ ناٽڪ آهي. منچ تي درشڪن جو

بئنڪ جي هال ۾ هڪ گراهڪ چيف ڪئشير جو ڳلو بلڪل ساڳئي نموني پڪڙي ورتو هو جيئن ناٽڪ جي هڪ سين ۾ ساڳين حالتن ۾ ڏيکاريو ويو هو. ناٽڪ مان اِن قسم جي ترت ڦرت نتيجن جي اُميد رکي سگهجي ٿي. نرتيہ سميت ساهتيہ ۽ ٻين ڪلائن جا اِسم بيربل جي ڪِچڙيءَ جيان آهستي آهستي سنسڪارت تہ ڪري سگهن ٿا، تڪڙيون تبديليون نٿا آڻي سگهن.

ڊاڪٽر پريم پرڪاش جي ’سنڌي ناٽڪ نويسيءَ جا سؤ سال ۽ ڪجهہ جهلڪيون‘ موجب 1880 ۾ سنڌيءَ ۾ پهريون وڏو ناٽڪ ’ليلا مجنوُ‘ مرزا قليچ بيگ لکيو. تڏهن کان 1947 ۾ ٿيل ورهاڱي تائين 67 سالن ۾ 45 ناٽڪ نويسن 145 وڏا ناٽڪ لکيا. اِنهن مان 77 اَصلوڪا ناٽڪ هئا. 145 مان 113 ناٽڪ منچ تي آيا. فقط 32 ناٽڪن منچ نہ ڏٺو. ورهاڱي کانپوءِ سڀ کان پهرين گووردن ڀارتيءَ جو ناٽڪ ’بگڙيل گهر‘ 1960 ۾ منچ تي آيو. هيءُ ناٽڪ 1972 ۾ ڇپيو. 1947 کان 1980 جي وچ ۾ اٽڪل 13 وڏا اصلوڪا ناٽڪ شايع ٿيا. جن مان ٿلهي ليکي 7 منچ تي آيا. 1981 کان 2013 جي وقفي ۾ 21 وڏا اصلوڪا ناٽڪ ڇپيا اِهي آهن :-

1. سپر اِسٽار جهمٽمل	پي.بي. چاند	1981 منچت
2. پڇتاوَ جا ڳوڙها	ڪيئلداس ’فاني‘	1981 منچت
3. رهجي وياسين ڪنوارا	ماڌو پارومل نيڻواڻي	1982 منچت
4. تو بن زندگي اڌوري	منوهر نهالاڻي	1982 منچت
5. گهر گروءَ جو در	مدن جُماڻي	1982 منچت
6. پالتوُ	ڀڳوان اٽلاڻي	1983 اَمنچت
7. اَمي مَمي	مرليڌر سکواڻي	1983 اَمنچت
8. ڳُڏا ڳُڏيون	لکيمي کلاڻي	1984 منچت
9. ٻِتيا	ڪنعيو اگناڻي	1985 اَمنچت
10. مڪتي	پريم پرڪاش	1985 اَمنچت
11. ڪٿي آيو خئر سان	رام گيانچنداڻي	1985 منچت

جي ذهن تي اُڪيريا آهن. ڪل مسخريءَ سان لبريز نہ هجي ها تہ فقط هڪ پاتر ڪي اِدائي ڪلاڪ لاڳيتو منچ تي برداشت نہ ڪري درشڪ 'ڪاڪو ڪلومل' ڪي بہ سنيل دت جي هڪ پاتري فلم 'يادين' جيان رَد ڪري ڇڏن ها. هيما ٻلديو مٽلاڻيءَ هن ناٽڪ جو هنديءَ ۾ انواد ڪيو آهي.

پڳوان اٽلاڻيءَ جو جديد زندگيءَ کي مرڪز ۾ رکي جديد رنگمنچ جي ڏانوَ جو ناٽڪ 'پالتو' 1983 ۾ پڌرو ٿيو. اَٽلاڻيءَ جي سنڌيءَ ۾ پهرين اِشاعت هئڻ ڪان پوءِ بہ سي.ايچ. ڊي. پاران هن ناٽڪ تي اِنعام عطا ڪيو ويو. پهرئين پيار ۾ ايمانداريءَ هڪ ٻئي سان نباهڻ جي پاونا هوندي آهي. تنهن ڪان پوءِ جسم ۽ ڳٽڳوت حاوي ٿي ويندا آهن. منووگيان جي هن نقطي تي لکيل ناٽڪ 'پالتو' کي ڏانوَ وارو هدايتڪار ئي پيش ڪري سگهي ٿو ۽ سمجهوُ درشڪ ئي ماڻي سگهن ٿا. ناٽڪ کي اجا منچ جو اِنتظار آهي، ڇو تہ منچ جون صلاحتون هوندي بہ 'پالتو' عام درشڪ جو ناٽڪ نہ آهي.

بادل سرڪار جهڙي ناٽڪڪار جي سنگت ۾ رهيل لکمي ڪلاڻيءَ جا لکيل سنجيده ۽ سنڌيت سان وابستا چار اصلوڪا وڏا ناٽڪ آهن- 'ڳُڏا ڳُڏيون' (1984)، 'واريءَ سندو ڪوٽ' (1987)، 'پنهنجو دشمن' (1993) ۽ 'ڪوئاقاس' (2007). سنڌين جي جدا ڳانا ۽ مخصوص هستيءَ لاءِ للڪار بڻيل مدعن کي مرڪز ۾ رکي سنڌي جيوَت تي لکيل هي ناٽڪ مذاق، منورنجن يا پاپولر ٿئيٽر ڪان بلڪل پري رهي عام سنڌيءَ جي من ۾ ولوڙ پئدا ڪرڻ جي قوت رکن ٿا. 'ڳُڏا ڳُڏيون' ۾ شاديءَ ڪان اڳوٽو پريمي، پتيءَ جي پئسي جي لالچ کي اُڪسائي سندس رضامنديءَ سان عورت کي اِستعمال ڪرڻ ٿو چاهي. زال پتيءَ جي گهر کي ڇڏي ٿي ڏئي. پئسي کي سڀ ڪجهہ سمجهڻ جي منورتيءَ تي 'ڳُڏا ڳُڏين' معرفت زبردست حملو ڪيو ويو آهي. 'واريءَ سندو ڪوٽ' ۾ ورهاڱي بعد ڪئمپن ۾ رهي ڪيل سنڌين جي سنگهرش ۽ محنت سان پئسو ڪمائڻ ڪان پوءِ هڪ پاسي ملهن ۾

منورنجن ڪرڻ وارو هيءُ ناٽڪ ڪامياب ويو آهي. سال 1982 ۾ ٿي پڌرو ٿيل منوهر نهالاڻيءَ جو اصلوڪو وڏو ناٽڪ ’تو بن زندگي اڌوري‘ پيار جي ڪٿا تي ٻڌل خوش طبيعت پيشڪش آهي. ڪٽنب جي ضرورت ۽ مرياداءُن کي نهالاڻيءَ هن ناٽڪ ۾ ڀاونائن سان جوڙي پيار جو رنگ ڏنو آهي. هيءُ ناٽڪ پڻ منچ تي مقبول رهيو آهي. سال 1982 ۾ شايع ٿيل ٿيون اصلوڪو ناٽڪ ’گهر گروءَ جو در‘ مشهور معروف ناٽيڪرمي مدن جماڻيءَ جو خلقيل آهي. سماج ۾ نمايان وٿين کي منورنجن ۽ ڪل مسخريءَ جي اُٽت ۾ پيش ڪندڙ هيءُ پاپولر ناٽڪ ٻڍا آشرم ۾ رهندڙ بزرگن جي زندگيءَ جي نمائندگي ٿو ڪري. ناٽڪ ۾ بزرگن لاءِ نئين زماني جي سوچ کي اَپنائڻ جي پيروي منورنجڪ حالتن جي رچنا ڪري هلڪن ڦلڪن سنوادن معرفت اهڙي نموني ڪئي ويئي آهي جيئن درشڪ ملهن جي گراوٽ کي محسوس ڪري پر دماغ تي بوجهه کڻي گهر نه وڃي. ڪجهه ڀاشائن جي رنگمنچ ۾ اڳ ۾ ٿي واپرجندڙ روالنگ اِسٽيج کي اِستعمال ڪري مدن جماڻيءَ سنڌي رنگمنچ کي موجوده دؤر سان جوڙي هڪ نئون باب لکيو. سنڌس هن پريوگ جي درشڪن توڙي سمالوچڪن ڀرپور تعريف ڪئي. ناٽڪ جي آجيان اِنڪري به ٿي چوته 1982 کي سڄيءَ دنيا ۾ ٻڍن جي سال جي روپ ۾ ملهايو ويو هو. ’گهر گروءَ جو در‘ ڪلاتمڪ، صاف سٿرو، درشڪ کي لڙڪ ـ مرڪ ـ منورنجن جي ترويڻيءَ ۾ ٽبي ڏيارڻ وارو ڪامياب ناٽڪ آهي.

1979 ۾ ڦهريون دفعو ۽ ٺنهنڪان پوءِ ڪيترا ئي دفعا منچت ٿيڻ ڪانپوءِ سال 1990 ۾ عربي سنڌي لپيءَ ۾ ڇپيل مدن جماڻيءَ جي ناٽڪ ’ڪاڪو ڪلومل‘ کي 2001 ۾ ڊاڪٽر روي ٽيڪچنداڻيءَ ديوناگريءَ ۾ پڌرو ڪرايو. سنڌيءَ جو هيءُ ڦهريون هڪ پاتري ناٽڪ زندگيءَ ۽ مؤت جو عڪس منورنجن جي چاشنيءَ ۾ ٻوڙي پيش ٿو ڪري. طنز کي ’شگر ڪوٽيڊ ٻٽر پل‘ جيان اِستعمال ڪري مدن جماڻيءَ ’ڪاڪو ڪلومل‘ ۾ سماجڪ ذلتن ۽ لعنتن جا نقش درشڪن

نَشِر ٿي چڪو آهي. ’مڪتي‘ ۽ ’سيڙپ‘ منچ جي خيال کان ڪچ ڏکيا ناٽڪ آهن. هي ٽيئي ناٽڪ منچ تي نہ آيا آهن. ’باهہ‘ جا مختلف شهرن ۾ ڪيترا ئي شو ٿي چڪا آهن. هيءُ ناٽڪ اِنسان جي اڌوري رهيل واسنائن جو پرتيڪاتمڪ ناٽڪ آهي. هڪ گهر ۾ لڳل باهہ کي آڌار بڻائي پاڙيسرين جي وهنوار، سوچ، من، خوشين ۽ غمن جي وچ ۾ پئدا ٿيل ڏارون بيچئني پيدا ڪندڙ آهن. هيءُ ناٽڪ اڳ ۾ ايڪانڪي روپ ۾ پڻ شايع ٿي چڪو آهي. ڪرشن کٽواڻيءَ جو ناٽڪ ’آشيانو‘ جيتوڻيڪ 1976 جي آڪٽوبر - نومبر ۾ شايع ٿيو هو. پر 2004 ۾ پريم پرڪاش لکت ناٽڪ جي اِسڪرپٽ کي منچ جي لحاظ کان وري تيار ڪري سنڌي ڊراما ورڪشاپ احمدآباد پاران هريش ڪکواڻيءَ جي هدايتڪاريءَ ۾ ڪيترن ئي شهرن ۾ منچت ڪرايو ويو. ’آشيانو‘ پوريءَ طرح سنڌي سنسڪرتيءَ کي سمرپت ناٽڪ آهي. ناٽڪ ۾ اثرائتي نموني ڏيکاريو ويو آهي تہ پلي پئسي کي سڀ ڪجهہ سمجهڻ وارا اِنساني قدرن ۾ پروسو رکڻ وارن کي گهٽيندا هجن پر اهڙا شخص بہ آهن، جيڪي گلو ڇڏائي، پرڏيهہ مان سنڌيت لاءِ پيار جو جذبو کڻي موٽي ٿا اچن.

’ڪٿي آيو خئر سان‘ 1985 ۾ رام گيانچنداڻيءَ جو شايع ٿيل وڏو ناٽڪ آهي. سماجڪ ڪُريتين تي ٻڌل هن ڪٽنبي ناٽڪ ۾ ڀرپور منورنجن آهي. ناٽڪ منچ تي اچي چڪو آهي.

سنڌيءَ ۾ سيني کان وڌيڪ وڏن ناٽڪن جو اُلٿو ۽ اَنواد ڪرڻ واري ڪوي ۽ ليکڪ واسديو نرمل جا بہ اَصلوڪا وڏا ناٽڪ شايع ٿيل آهن. سندس ناٽڪ لاڏي ’لاڏي آندي پر‘ 1999 ۾ ۽ ’اَما جو پينگهو‘ 2003 ۾ ڇپيا. ڀريون ناٽڪ منورنجن ۽ مذاق جو مظاهرو آهي. ناٽڪ جا ڪجهہ درشيہ ايڪانڪي ۽ آڪاشواڻي ناٽڪ جي روپ ۾ اڳ ئي سامهون اچي چڪا آهن. ’اَما جو پينگهو‘ ۾ هڪ سنڌي پوڙهي نندي کان وڏي، گهر جي هرهڪ ڀاتيءَ جي زوربار ڪانپوءِ بہ پنهنجي اُن پراڻي پينگهي کي وڪڻڻ يا نيڪال ڪرڻ لاءِ تيار نٿي ٿئي،

عقيدو رکي زندگي گذارڻ واري ۽ ٻئي پاسي اِنسانيت کي ڇڏي ماڊرن زندگيءَ جي سڀني بي غيرت ڪرتوتن ۾ مبتلا هڪ مان ٻه گهر ٽيل سنڌي ڪٽنب جو چٽ آهي. ’پنهنجو دشمن‘ ۾ غلط هٿڪنڊا ڪم ۾ آڻي پئسو ۽ مشهوري حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ حدون اورانگهڻ جو عڪس پيش ڪيو ويو آهي. ٻي قوم جي وزير جي نالائق، بداِخلاق پٽ سان ڌيءَ جي شادي ڪرائي سياست ۾ رتبو وڌائڻ لاءِ هٿ پير هڻڻ واري سنڌي ڪردار جي ڪٽنب جي بربادي جي هيءَ ڪهاڻي ڪجهه سنڌين جي اَفعالن تي روشني ٿي وجهي. ’ڪوٺا ڦاس‘ ۾ ملڪ ڇڏي پئسو ڪمائڻ جي هوَسَ جي شڪار سنڌي مڙس جي بربادي ۽ ڪٽنبي زندگي نيستنابُود ٿيڻ جو اثردار چٽ آهي. ’ڪوٺا ڦاس‘ کي ڇڏي لڪمي ڪلاٽيءَ جا سڀ ناٽڪ پارٽ جي الڳ الڳ شهرن ۾ ڪاميابيءَ سان منچت ٿي سنڌي درشڪن جو ڌيان سنڌيت آڏو بيٺل ٻرندڙ مسئلن ڏانهن ڇڪائيندا رهيا آهن. تعجب جي ڳالهه آهي ته 2007 ۾ شايع ٿي چڪل لڪمي ڪلاٽيءَ جي ناٽڪ ’ڪوٺا ڦاس‘ کي اڃا منچ نه مليو آهي. جڏهن ڪِ ناٽڪ ۾ ڪامياب منچن لاءِ ضروري عناصر موجود آهن.

ڊاڪٽر پريم پرڪاش جو 1985 ۾ ’مڪتي‘ سري سان وڏو ناٽڪ ڇپيو هو. سال 2001 ۾ ساڳئي عنوان سان سندس چئن طويل ناٽڪن جو مجموعو شايع ٿيو. هن مجموعي ۾ ’ٻاهه‘، ’سيڙپ‘، ’مڪتي‘ ۽ ’پڪارون‘ ناٽڪ شامل آهن. ايڪانڪي ناٽڪ جا مجموعا ته ڇپجندا آهن پر ’مڪتي‘ سنڌيءَ جو پهريون وڏن اصلوڪن ناٽڪن جو مجموعو آهي. سڀني ناٽڪن جي مرڪز ۾ عام آدمي آهي. ناٽي، رشتن، سياست ۽ نظام جي چڪرويوهه ۾ ڦاٿل هنن ناٽڪن جو عام آدمي بيوس، لاچار ۽ ويچارو ٻڌجي ڪاٺ کاڌڙن کي برداشت ڪرڻ لاءِ مجبور آهي. ناٽڪن ۾ علامتن کي ڀرپور اِستعمال ڪيل آهي. ’پڪارون‘ ڪڇ جي زلزلي جي دهشتزده حالتن تي لکيل حقيقي ۽ ڌوڏيندڙ ناٽڪ آهي. ’زلزلو‘ عنوان سان هيءُ ناٽڪ آڪاشواڻي، احمدآباد تان

2. ورهاڱي کانپوءِ پارٽ ۾ پهريون اصلوڪو وڏو ناٽڪ 15 سالن کانپوءِ 1962 ۾ شايع ٿيو. پنجن سالن کانپوءِ 1967 ۾ ٻيون ۽ وري پنجن سالن کانپوءِ 1972 ۾ ٽيون اصلوڪو وڏو ناٽڪ پڌرو ٿيو. چئجي، ورهاڱي کان پوءِ پهرين 25 سالن ۾ فقط 3 ناٽڪ ڇپيا. 1999 کان 2013 جي وچ جي 15 سالن ۾ 5 اصلوڪا وڏا ناٽڪ اِشاعت ۾ آيا. يعنيٰ ٽن سالن ۾ سراسري هڪ ناٽڪ. 2010 کانپوءِ وڏو اصلوڪو ناٽڪ ڇپيو ئي نہ آهي.

3. سنڌي ناٽڪ منچت ڪرڻ واريون منڊليون سال در سال گھٽجي رهيون آهن. جيڪي قائم آهن، اُنهن جي ناٽڪ منچت ڪرڻ جي رفتار گهٽ ٿي آهي. ناٽڪ ڪرڻ وارا سنڌي ڪلاڪار، هدايتڪار، ليکڪ، ٽيڪنيشين، پرامپٽر، ميڪ اَپ مئن، سيٽ ڊزائينر، ڪاسٽيوم فڪسر، لائيٽ ۽ سائونڊ اِفيڪٽ جا ماهر وغيرهہ وقت سان گھٽجندا ويا آهن. نئين آمد ۾ ڪوٽ ۽ جهونن جي عمر سبب سنڌي ناٽڪ جو منچ رُڃ ۾ تبديل ٿي رهيو آهي.

4. سنڌي ناٽڪ جو ڪو مخصوص رُخ، ڏارا، لاڙو، نظريو يا فلسفو نظر نٿو اچي. سنڌيت، آدرش، ڪل مسخري، جديديت، رومانس، اِتهاس يا ٻيو ڪجهہ بہ ٿي سگهي ٿو سنڌي ناٽڪ ۾. عام طور سان سنڌي ناٽڪ نہ وقت جي نزاڪت کي سڃاتو آهي ۽ نہ تقاضائن کي توجهہ ڏني آهي. گهڻي ڀاڱي ليکڪ پنهنجيءَ مؤج موجب ناٽڪ لکيو ۽ هدايتڪار پنهنجيءَ مستيءَ ۾ ناٽڪ منچت ڪيو. هدايتڪار جي سامهون بريخت، اِبسن، اَلڪاجي، پانو پارٽي يا ائبسرڊ ناٽڪ پرمپرا جا ڪي ماڻ جڻ تہ آهن ئي نہ. هنن وٽ ڪنهن خاص اِسٽائيل جي پڻ اَڻاٺ محسوس ٿي ڪجي.

آخر ڇو آهي اهڙي نؤبت؟ ڇو ڏسڻا پيا آهن هي ڏينهن؟ ڇو اونداهو نظر اچي رهيو آهي سنڌي ناٽڪ جو مستقبل؟ ڪهڙا سبب آهن اِنجا؟ اِنهن سوالن جا جواب ڳولهيندا سين تہ نوان سوال ڪڙا ٿي ويندا. تڏهن بہ جواب تلاش ڪرڻ ضروري آهي.

نوورٽيءَ جي روپ ۾ جنهن سان سنڌس يادون جڙيل آهن. اولاد جي جنم کان وٺي خاوند جي مؤت تائين سنڌي لوڪ گيتن، لوڪ سنگيت ۽ ڀڳت معرفت سنڌي ريتين رسمن، ڏڻن وارن ۽ سنسڪرتيءَ کي پينگهي جو ڪردار ٻڌائي ٻيڌي پيش ٿي ڪري. ناٽڪ ۾ سنڌي جيوَت ۾ پرمپرائن جو اَثرائتو چٽ آهي. 'لاڏي لاڏي آندي پر' ۽ 'اَما جو پينگهو' منچ تي اچي چڪا آهن.

راج ڏاسواڻيءَ جو پنج فصلو ناٽڪ 'هيمون ڪالاڻي اَمرشهيد' سنڌي عربي ۽ رومن لپيءَ ۾ 2010 ۾ ڇپيو. سنڌي ڀاشا جا ڊائلاگ رومن لپيءَ ۾ شايع ڪرائي راج ڏاسواڻيءَ نئين پيڙهيءَ جي ڀارت ۽ ڀارت کان ٻاهر رهڻ وارن نؤجوانن کي هيمون ڪالاڻيءَ جي شهادت تي فخر ڪرڻ جو موقعو ميسر ڪرايو آهي. هن کان اڳ ۾ هيمون ڪالاڻيءَ جي جيون تي آڌارت ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جو 'سوريءَ سڏ ڪيو'، مدن جماڻيءَ جو 'مان موٽي ايندس'، سريش سنڌوءَ جو 'شهيد هيمون ڪالاڻي' ۽ جيٺي لالواڻيءَ جي 'اَما مان موٽي ايندس' عنوان سان ايڪانڪي ناٽڪ ڇپيل ۽ منچت ٿيل آهن. هري موٽواڻي 'هيمون ڪالاڻي' ٻال فلم پڻ تيار ڪرائي هئي. راج ڏاسواڻيءَ وڏو پنج فصلو ناٽڪ لکي اَمر شهيد کي جدا ڳاتا شرڌانجلي ڏني آهي. ناٽڪ کي اجا منچ نصيب نہ ٿي سگهيو آهي.

مٿي ڪيل خلاصن جي آڌار تي هيٺيون ڪيل جاچنائون سامهون اچن ٿيون :-

1. سنڌ ۾ ناٽڪ جي شروعات 1880 ۾ ٿي. 1947 ۾ ٿيل ورهاڱي تائين گذري چڪيل 67 سالن ۾ اُتي 77 اَصلوڪا وڏا ناٽڪ پڌرا ٿيا. 1947 کان 1980 تائين 13 ۽ 1981 کان 2013 تائين 21 يعني، 1947 کان 2013 تائين 66 سالن ۾ ڀارت ۾ ڪُل 34 اصلوڪا وڏا ناٽڪ ڇاپي ۾ آيا. چئي سگهجي ٿو تہ ورهاڱي کان پهرين جي ڀيٽ ۾ پوءِ واري ساڳئي عرصي ۾ 44% وڏا اصلوڪا ناٽڪ اِشاعت ۾ آيا.

نٽرنيٽ، يوُ ٽيوب، بلاگ، فيس بُڪ وغيره جهڙا منورنجن جا واڌو
سيلا سنڌي ناٽڪ کي ريس ۾ پنيان ڌڪڻ لاءِ تيار بيٺا آهن.

اُنهن رُخنن کان پوءِ بہ جيڪڏهن ڪو اِدارو يا هدايتڪار سنڌي
ناٽڪ ڪرڻ جو اِرادو ڪري ٿو تہ سڀ کان اڳ ۾ ٻاٽي پيٺا خرچ قطار
۾ اِنتظار ڪندا نظر ٿا اچن. هال، ٽيڪنيشين، رهرسل، پراپرٽي،
ڪاسٽيوم، پبليسٽي، فوٽوگرافي ۽ ويڊيوگرافي جهڙن اِسمن تي ٿيڻ
واري خرچ جو بندوبست ايوريسٽ تي چڙهڻ جيترو ڏکيو پلي نہ
هجي پر ڪنهن اُيي جبل تي چڙهڻ ۾ اچڻ وارو پگهر ڳاڙڻ جهڙو
ضرور آهي. عام طور سان ڪنهن بہ پاشا جي ناٽڪ وٽ ڪلاڪارن کي
معاوضي لاءِ ڪشش جهڙو ڪجهہ خاص نہ آهي، پر سنڌي ناٽڪ تہ
ڪنهن کي ورسائڻ جي حالت ۾ بلڪل نہ آهي. ناٽڪ نسبت سرڪار
۽ اڪادمين جي بيرخي ڪوڙهيءَ لاءِ خارس جو ڪم ٿي ڪري.

اِنهن حقيقتن جي پسمنظر ۾، آخر ڇونہ خراب ٿيندي سنڌي
ناٽڪ جي صحت؟

ضروري آهي، اُنهن جنوني شخصن کي ڳولهي سامهون آڻجي
جيڪي انهن حدبندين کي سمجهندي بہ ناٽڪ ڪرڻ جا خواهشمند
آهن. کي اِدارا، کي سمرپت ديواني قسم جا پانڌيئڙا، ناٽڪ لاءِ
ٽيم چرين جي تلاش ڪن. کين ٽريننگ ڏياري، ناٽڪ فيسٽيول ۽
مقابليتيون ڪرائي، اَڪادمين ۽ سرڪار تي زوربار آڻي، دباءُ وجهي
انهن کي ناٽڪ لاءِ سرگرم ڪن. سنڌي ناٽڪ ڪرڻ وارن کي معمولي
ئي صحيح پر اَهميت جو اَحساس ڪرائن. ننڍيون ننڍيون ناٽڪ
منڊليون برپا ڪرائڻ لاءِ جفاڪشي ڪن. ناٽڪ بابت اخبارن ۽ ميڊيا
۾ خبرن سان گڏ ڪلاڪارن وغيره جي پبلسٽيءَ تي ڌيان ڏين.

اِهي اِدارا ۽ اُنهنکي سنڀالڻ وارا چاهہ رکڻ وارن سنڌي پرڏيهين
۽ شاهوڪارن کي ڳولهي سنڌي ناٽڪ ڏانهن مائل ڪن. وقت جي
تقاضائن کي پورو ڪرڻ وارن وشين تي ليکڪن کان ناٽڪ لکائي
هدايتڪارن سان سنڌن تالميل ويهارن.

سنڌي تعليم جو سرشتو ٻارن ۾ لڳ ڀڳ ختم ٿي چڪو آهي. اِنڪري سرڪاري سطح تي ماسترن، آڪاشواڻيءَ ۽ دوردرشن ۾ سنڌيءَ جي نيوز پروگرامن لاءِ آفيسر، انائونسرن، لوڪ سڀا ۽ راڄيه سڀا ۾ ترجمو ڪرڻ وارن ۽ ٻين ڪيترن ئي عهدن لاءِ ضروري لياقت رکڻ وارا شخص ڳولهيا نٿا لڀن. لکي، پڙهي، ڳالهائي نٿا سگهن ته سنڌين لاءِ ڪجهه سنڌي لئنگويج مائنرٽي ڪاليجن ۾ محفوظ جڳهين کي پرڻ لاءِ آڪهه ۾ 'ٽي' جي اِستعمال ڪانسواءِ سنڌي هئڻ جو ڪو ثبوت نٿا ڏيئي سگهن نوجوان. مٿان وري انگريزيءَ ۽ هنديءَ جو پوُٽ ٻارن ڪان سنڌي ڀاشا کَسي رهيو آهي. اهڙين حالتن ۾ سنڌيت جي سڃاڻپ سان گڏ سنڌي ناٽڪ، ساهتيه ۽ ڪلا کي ڪاپاري ڌڪ ڪان بچائڻ ڏکيو ٿيندو ٿو وڃي.

پراڻي وقت جا ليکڪ اندروني يا ٻاهرئين ڪنهن به دٻاءَ ۾ سنڌيءَ ۾ لکن ٿا. اُنهن مان هڪ به فقط ناٽڪ نٿو لکي. منگهارام ملڪاڻيءَ ۽ خانچند درياڻيءَ جهڙا پوريءَ طرح ناٽڪ کي سمرپت ليکڪ ته نه ئي آهن، هدايتڪارن ۽ ناٽڪ لاءِ ضروري ٻين هٿن لاءِ به ناٽڪ ڀهرين اڳرائي نه آهي. اوائلپ ۾ ترجيح ڏيڻ لائق هنن وٽ ٻيا به گهڻائي ڪم آهن. وري ٽڙيل پکڙيل هئڻ سبب ناٽڪ لکڻ وارن ۽ ناٽڪ ڪرڻ وارن ۾ عام طور سان تالميل نٿو رهي. هدايتڪار جي نظرن سان ڏسجي ٿو ته ڪيترائي ناٽڪ جا آليک منچ جون ضرورتون ڌيان ۾ رکي نٿا لکيا وڃن. ڪجهه ڪاڻ ليکڪن ۾ به آهي. ڪجهه ناٽڪ ليکڪن کي منچ ڪلا جي گهربل ڄاڻ نه آهي ۽ نه حاصل ڪرڻ ٿا چاهن.

درشڪ جي اٽان ٻين ڀاشائن، خاص طور سان هندي ناٽڪ کي به للڪاري رهي آهي. معياري ناٽڪ جي ڪمي ۽ پرچار ۾ ڪوتاهي، اُنجا مکيه ڪارڻ آهن. سنڌي رنگمنچ تي پيش ٿيندڙ معياري ناٽڪ گهٽ هئڻ سبب درشڪ چِڪ محسوس نٿو ڪري. ناٽڪ ۾ ٿورو گهڻو چاهه رکڻ وارا سنڌي پڻ سنڌي ناٽڪ جي مقابلي هندي يا ٻين ڀاشائن جو ناٽڪ ڏسڻ پسند ٿا ڪن. ٽيليوزن چئنلن جو وسڪارو،

راجستان جي ڇپيل ناٽڪن جي وڪاس ياترا 1990-2010

چارلس ڊارون اِنسان جي شرير، دماغ ۽ ذهني قوّت جي اچوڪي ڏيٺ ويٺ کي باندر ۽ چمپانجي جي اوسر مڃيو آهي. هڪ سيل جي جيوَ مان ٿيل شروعات ڪيئن تر- تر سرندي مؤجوده اوج تائين پهتي آهي، تنهنجو احوال دلچسپ آهي، پر اُن کان به وڌيڪ وڻندڙ، ڪلا کيتر ۾ اِنسان جي پهرئين قدم جي ڪهاڻي آهي. وندر لاءِ ڪيل اُبتيون سُبتيون حرڪتون آهستي آهستي پُر معنيٰ بڻجنديون ويون. اِشاري ۾ يا علامت ڏيئي چيل ڳالهه کي سؤ سؤ مطلب ملڻ لڳا. ڪنهنجي ڪيل نقُلَ، ناٽڪ جو رُوپ اَختيار ڪيو. بدني پيشڪش، ڪپڙو لٽو، هلت چلت، شخصي انداز ۽ نخرا اڳ ۾ پئروڊي بڻيا ۽ پوءِ سلسليوار، رٿائتي نموني ناٽڪ جو حصو بڻيا. نقل ۽ مِمِڪري يا ترجماني ۽ پئروڊي جو وجود اڄ به جيئن جو تيئن قائم آهي. ڪاليداس سنسڪرت جي ناٽڪن ۾ ۽ شيڪسپيئر انگريزيءَ جي ناٽڪن ۾ خوشنما وندر، ڪِتڪتائي ڪندڙ مذاق، دل ڇهندڙ وارداتون، ڪنبائيندڙ حادثا ۽ دلفريب پيار جا قصا فنائتي نموني پيش ڪري هن اِسم کي رچنا ۽ پيشڪش ٻنهي لحاظن کان هردل عزيز بڻايو. ناٽڪ جي پسنديدا اِسم هئڻ جو سڀ کان وڏو ثبوت لوڪ ناٽڪ آهن. ڀارت جي هر ڀاشا ۾ ئي نه، دنيا جي هرهڪ ملڪ ۾ لوڪ ناٽڪ جي نج پنهنجي مخصوص سڃاڻپ آهي. ويندي جن ذاتين کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ آديواسي ڪوٺيو ٿو وڃي، اُنهن وٽ به لوڪ ناٽڪ جي شاهوڪار ۽ شاندار ورهاست آهي.

ڪجهہ اهڙا اُدم ڪنداسين تہ مٿي اُٿاريل سوالن جا جواب ملي سگهندا. نہ ٿا ٿيندا سين تہ جن سوالن جو جواب وقت اڄ سرگوشين ۾ پڇي رهيو آهي. سياڻي وڏي واڪي پڇندو.

ورهاڱي کانپوءِ سنڌين وٽ ڀارت ۾ پنهنجو پرڳڻو ڪونهي. راڄنيتي، تعليم، سرڪاري عهدا، لقب، ناٽڪ، ڪلا، ساهتيہ، سنسڪرتيءَ جي واڌاري لاءِ جيڪي وجهہ زمين جو پنهنجو ٽڪر سنڌين کي ڏيئي پيو سگهي، اُهي سڀ اسان کان کسجي چڪا آهن. ڀرپور ڪوشش کانپوءِ بہ اُلهاسنگر کي سنڌونگر جو فقط نالو نہ ڏياري سگهيا آهيون اسان ڪنهن بہ پارٽيءَ جي سرڪار کان. پوءِ زمين جو ٽڪر ڀارت جي سنڌين کي ڪير ۽ ڇو ڏيندو؟ پنهنجي ناٽڪ، ڪلا، ساهتيہ، سنسڪرتيءَ کي بچائڻ لاءِ سنڌين کي ٿي سندرو ٻڌڻو پوندو.

سداحيات هيم ناگواڻيءَ جو ’مور نچندا رهن‘ ۾ فقرو آهي، ”ٿر جي سڙندڙ واريءَ مٿان اُس ۾ جڏهن ڪَڪَرَ مڙي ايندا آهن تڏهن مور خوشيءَ ۾ پرجي نچڻ لڳندا آهن.“ سنڌي ناٽڪ جي ٿر جي سڙندڙ واريءَ کي بي صبريءَ سان اُنهن ڪَڪَرَن جو اِنتظار آهي. شال اڄ ۽ مور نچندا رهن.

(ساهتيہ اَڪادمي ۽ دهلي سنڌي اڪادمي پاران دهليءَ ۾ 5-6 ڊسمبر 2013 تي ٿيل سيمينار ۾ پڙهيل پيپر)

ر راجستان ۾ اِشاعت هيٺ آيل ناٽڪن جي وڪاس ياترا جو ذڪر
ڪيو ويو آهي، تنهنڪري پراڻن ۽ نون ناٽڪ ليکڪن جي آڌار تي
ـ رکي سلسلو اِشاعت جي سال کي ڌيان ۾ رکي اڳيان وڌايو ويو
هي. ايشور چندر، سندر اگناڻي ۽ ڀڳوان اَٽلاڻيءَ جهڙن ناٽڪ نويسن
جا ناٽڪ مجموعا 1990 کان پهرين شايع ٿيا آهن. ذڪر جوڳو اَهم
بوگدان هوندي به هت اِنهن ليکڪن جي مجموعن جا حوالا نه آيا
هن. گووردن ڀارتي ته سال 1990۾ ساهتيه اڪادمي اوارڊ ملڻ
انپوءِ ئي لکڻ بند ڪري ايڪانتواس جي شرڻ ۾ هليو ويو هو.

بنا ڪنهن شور شرابي جي ناٽڪ لکڻ وارو جئپور جو ليکڪ
رميش رنگاڻي راجستان جي اُنهن سنڌي ليکڪن مان هڪ آهي،
ڪي ناٽڪن لاءِ پوريءَ طرح سمرپت آهن. ناٽڪ لکڻ، ناٽڪ ڪرڻ
ناٽڪ ڏسڻ چڻ ته سندس زندگيءَ جا اَهم حصا آهن. سال 1990 ۾
رنگاڻيءَ جو سنڌي ايڪانڪي ناٽڪن جو مجموعو شايع ٿيو هو 'جنهنجو
منهن تنهنجو موچڙو'. ڪتاب ۾ ڇهه مذاقي ايڪانڪيون شامل
هن. هي سڀ ايڪانڪيون آڪاشواڻيءَ تان نشر ٿي چڪيون آهن.

مجموعي ۾ شامل پهرين ۽ ٻين ايڪانڪي 'پاڳل' ۽ 'توهانجو
مهمان' ڏيتي ليتيءَ تي لکيل آهن. ٽين ايڪانڪي 'هڪ پنڌ ٽي
ڪم' ڏيتي ليتيءَ کي ڇهندي ڪاري ناڻي کي مرڪز ۾ رکي لکي
وئي آهي. چوٿين ايڪانڪي 'مصيبت جا ماريل' شاديءَ لاءِ ڪا
سنڌي وڏي وِڏ ڪيڏي ڇوڪريون ناپسند ڪرڻ واري پنج ايم يعني
پرچومل مولچنداڻي، ايم.اي.، ايم.ڪام. کي هڪ ڇوڪريءَ طرفان
ذليل سيکت تي ٻڌل آهي. عنوان ايڪانڪي 'جنهنجو منهن تنهنجو
موچڙو' زال ۽ مڙس جي وچ ۾ اَهم جي لڙائيءَ تي لکيل آهي.
مجموعي جي ڇهين ۽ آخري ايڪانڪي آهي 'ڏيکاءُ'، جنهنجي
ڪهاڻي سِري مان ئي ظاهر آهي. رميش رنگاڻيءَ جي هڪ ايڪانڪي
'لفافو' راجستان سنڌي اڪادميءَ جي مخزن 'رهاڻ' ۾ پڻ شايع ٿي
چڪي آهي.

ورهاڱي ڪانپوءِ مهاراشٽر، گجرات، راجسٿان، مڌيہ پرديش، ڇتيسڳڙهہ ۽ دهليءَ ۾ سڀ کان وڌيڪ سنڌي آبادي ٽانئيڪي ٿي. اُترپرديش، پنجاب، هرياڻا، اُترانچل، بهار وغيره جي ڪجهہ شهرن ۾ پڻ سنڌين ڏيرو ڄمايو. ڏکڻ ڀارت ۽ اُتر اوڀر جي پرانتن ۾ گهٽ سنڌين مقام بڻايو. شروعاتي تڪليفن ۽ سُورن کي سهڻ ڪانپوءِ سنڌين جو ڌيان سنڌي ساهتيہ، سنگيت ۽ ناٽڪ ڏانهن ويو. سنڌ ڇاول ليکڪن سان ڪلهي ۾ ڪلهو ملائي ڀارت ۾ جنم ورتل ليکڪن، ڪلاڪارن پاڻ موکيو. ڇيٽي چنڊ سميت ٻين موقعن تي سنگيت ۽ ناٽڪ جا پروگرام ٿيڻ لڳا. جهجهي تعداد ۾ سنڌي ليکڪن ٻين اِسمن سان گڏ گيت ۽ ناٽڪ لکيا. جذبي سان جوڙي ڏسجي تہ مرڪزي ساهتيہ اڪادمي، اين.سي.پي.ايس.ايل.، صوبائي اڪادمين ۽ ٻين اِدارن طرفان ملڻ وارن اِنعامن ۽ اِشاعت لاءِ ملندڙ مالي مدد اِن ۾ اِضافو ڪيو. نتيجي طور ڀارت جي هرهڪ سنڌي آباديءَ واري پرانت ۾ ٻين اِسمن سان گڏ مؤل ناٽڪ ۽ ترجما شايع ٿيا. سکيا جو سرشتو ذري گهٽ زميندوز ٿيڻ ۽ پنهنجو صوبو نہ هئڻ سبب معيار جي سامهون سوال کڙا ٿيڻ کان پوءِ بہ اِشاعت هيٺ اچڻ وارن ناٽڪن جي تعداد وڌندڙ آهي. برابر ناٽڪن جي اِشاعت سنڌي ساهتيہ جي ٻين اِسمن خاص طور سان ڪهاڻي، ڪويتا ۽ مضمون جي مقابلي ۾ ٿورڙپ جي خيال کان گهٽ آهي پر نااُميد ڪندڙ نہ آهي.

ٻين پرانتن جيان راجسٿان ۾ آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ناٽڪ ليکڪن بہ پنهنجا جوهر ڏيکاريا. گوورڌن ڀارتي، ايشور چندر، سندر اگناڻي ۽ لڇمڻ ڀمڀاڻي جهڙن ليکڪن جي سنڌي ناٽڪ ليکن جي پرمپرا کي ڀڳوان اَٽلاڻي، ڪنعيي اَگناڻي، سريش سنڌو، موهن اُداسي وغيره اڳيان وڌايو. راجسٿان جي ليکڪن جا ناٽڪ پنهنجي پرانت ڪانسواءِ ملڪ جي ٻين حصن ۾ منچت ۽ آڪاشواڻي تان نشر ڪيا ويا. سندر اگناڻيءَ ۽ ايشور چندر جو نالو اِن خيال کان ڀهرين صِف ۾ ٿو اچي. ڇو تہ هتي 1990 کان 2010 تائين گڏريل ٻن ڏهاڪن

اندر پردا' شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ آڪاشواڻيءَ تان نشر ٿيل پنج ايڪانڪيون ڇپيل آهن، جنڪي ضروري ڦيربدل ڪري اُداسيءَ منڇ تي آڻڻ جي سگهه ڏني آهي. 'خدار' ۾ گهوٽ جي بيوفائيءَ جو جواب، 'اِنتقام' ۾ رشتن ۾ خوبصورتيءَ کان وڌيڪ تاثير جي اهميت، 'پڇتاءُ' ۾ ٻرگس جي ڪاروبار جا اُگرا نتيجا، 'وصيعتنامو' ۾ ننهن پٽن جو سوارٿ ۽ 'سنڌوءَ جي ساڃهه' ۾ سنڌي ملهن ۽ قدرن جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

جيوتي ڪلا سنستان، ڄئپور جو بانيڪار سريش سنڌو منڇ ناٽڪ جي هدايتڪار، اداڪار ۽ ليکڪ جي روپ ۾ ڄاتل سڃاتل شخصيت آهي. منڇ سان وابستا هئڻ سبب سندس لکيل ناٽڪ ٽيڪنيڪل وسيلن ۽ سهوليتن کي اِستعمال ڪرڻ جي ڏس ۾ پختا هوندا آهن. سريش جي لکيل 'شهيد هيمون ڪالاڻي' ۽ کل مسخريءَ جي ناٽڪ 'مان شادي ڪندس' جي ورائي ڪيل ڪامياب پيشڪش کانپوءِ 1993 ۾ 'آتمڪ' عنوان سان سندس ٽه فصلي ناٽڪ شايع ٿيو. راجا شاهي ۽ راجا طرفان نازل حڪم کي آڌار بڻائي لکيل هن ناٽڪ ۾ سماجڪ ڪُرسمن تي حملو ڪيو ويو آهي. سال 2004 ۾ سريش سنڌوءَ جو ايڪانڪي ناٽڪن جو مجموعو 'وطن جي لاءِ' شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ چار ايڪانڪيون شامل آهن. 'وطن جي لاءِ' ديش ڀڳتيءَ جي جذبي، 'رهرسل' ناٽڪ جي رهرسل ۾ پئدا ٿيل کل مسخري، 'دلگي' ڏيتي ليتيءَ تي مذاق ۽ 'سيٺ جي تجوڙي' ڪنجوس سيٺ جي دلچسپ وارداتن تي ٻڌل ايڪانڪيون آهن.

جوڌپور جو رهواسي هريش ديوناڻي پڻ هدايتڪار، اداڪار ۽ ليکڪ جي روپ ۾ رنگمنڇ سان جڙيل شخصيت آهي. سال 1982 ۾ هاسيه ناٽڪ 'مرغي ڦاٽي' ۽ 1983 ۾ وري هاسيه ناٽڪ 'سنگل اچو ڊبل وڃو' شايع ڪرڻ، منچت ڪرڻ ۽ ساراهه حاصل ڪرڻ کانپوءِ هريش ديوناڻيءَ سال 2000 ۾ 'قتل جي رات' عنوان سان ايڪانڪين

جئپور جي سنڌي ۽ هنديءَ جي گهٽپاسيري ليکڪ ڪنعيالال اگناڻيءَ جا گڏريل ٻن ڏهاڪن ۾ سنڌيءَ ۾ ايڪانڪي ناٽڪن کي شامل ڪري ٽي مجموعا شايع ٿيا آهن. سال 1991 ۾ ڇپيل ڪتاب 'مؤت جي خوشي' ۾ پنج ايڪانڪيون آهن. 'رت جو سؤداگر' ڏيتي ليتيءَ تي، 'هوُ گذاري ويو' نشاخوريءَ تي، 'مؤت جي خوشي' ٻارهي جي روٽيءَ تي، 'حيثيت' ملاوت تي ۽ 'وڏو ماڻهو' ڀرشٽاچار تي لکيل ايڪانڪيون آهن. هن مجموعي تي سال 1992 ۾ ڪيس اين.سي.پي. ايس.ايل. طرفان اِنعام پڻ مليو هو.

1996 ۾ شايع ٿيل ڪنعيالال اگناڻيءَ جي مجموعي 'آڪاڻيءَ ۾ آڪاڻي' ۾ فقط هڪ ايڪانڪي آهي، 'آخري فيصلو'. هن ايڪانڪيءَ ۾ شادين ۾ ٿيندڙ ڏيکاءَ ۽ ڏيتي ليتيءَ کي مرڪز ۾ رکيو ويو آهي. ڪنعيالال اگناڻيءَ جي 2013 ۾ ڇپيل ڪتاب 'آزاديءَ جا ديوانا' ۾ پڻ ڇپيل هڪ ايڪانڪي 'پلي جمن ڏيئرن' شامل آهي. 2006 ۾ ڪنعيالال اگناڻيءَ جو ايڪانڪي ناٽڪن جو ٽيون مجموعو شايع ٿيو. 'نئين روشني'. هن مجموعي ۾ پنج ايڪانڪيون شامل آهن. 'ڪوُهه تي فراسي' ۾ شاديءَ ۾ ڪيل ڏيک ويک ۾ لڪ لڪان ۽ ڪوُڙ سچ، 'بندرا چڙهيا پهاڙ تي' ۾ ناٽي کي خدا سمجهڻ جا نتيجا، 'نئين روشني' ۾ اَڇن داغن جو مسئلو،'بس، ڪارا ڪري ٿو اڇان' ۾ ڏيکاءُ ۽ 'راڪيش هاڻي سنڌي ڳالهائيندو' ۾ ٻارن کي سنڌي سيکارڻ نسبت مائٽن جي ڪوتاهي وشيہ بڻيل آهن. ڪنعيالال اگناڻيءَ کي 'نئين روشني' مجموعي تي راجستان سنڌي اڪادميءَ اِنعام عطا ڪيو هو. سندس ايڪانڪيون آڪاشواڻيءَ تان نشر ٿينديون رهنديون آهن.

سداحيات موهن اُداسي مؤل روپ سان شاعر هو. سندس شاعري ۽ شاعريءَ جا مجموعا سنڌي ساهتيہ جڳت ۾ عزت جي نظر سان ڏٺا ويندا آهن. 1986 ۾ شايع ٿيل 'نئين روشني نئين لهر' ڪانپوءِ 1992 ۾ سندس لکيل ايڪانڪي ناٽڪن جو ٻيون مجموعو 'پردي

جو سمپادن لڇمڻ ڀمياڻيءَ ڪيو. ڪتاب ۾ ٽي ايڪانڪيون راجستان جي ليکڪن جون آهن. ’پر‘ ايشور چندر جي لکيل فلم اِسڪرپٽ آهي، جنهن ۾ طوطي کي سامهون رکي اڪيلائپ جي درد کي بيان ڪيو ويو آهي. ’اگني سنسڪار‘ سندر اگناڻيءَ جي بيحد مقبول ايڪانڪي آهي. لڇمڻ ڀمياڻيءَ جي 2000 ۾ ساڳئي عنوان سان شايع ٿيل مجموعي جي ايڪانڪي ’اڍائي اکر پريم جا‘ کي پڻ سمپادت مجموعي ’سنڌي ايڪانڪي‘ ۾ جڳهه ڏني وئي آهي.

ڪشن رتناڻي مول روپ سان اجمير جو، پر لمبي وقت کان ڪوٽا ۾ رهندڙ آهي. هو هندي ۽ سنڌيءَ ۾ ڪهاڻي پڻ لکندو آهي. خاص ڳالهه اِها آهي ته سندس ڪتنب جا سڀ پاتي ٿورو يا گهڻو لکندا آهن. سال 2001 ۾ ڪشن رتناڻي جو ايڪانڪي ناٽڪن جو مجموعو ’سپني جو سچ‘ شايع ٿيو. مجموعي ۾ پنج ايڪانڪيون شامل آهن. ’سپني جو سچ‘ ۾ چوڏهن ڪردارن معرفت ڇوڪرين جي احساس کي باريڪبينيءَ سان بيان ڪيو ويو آهي. ’نارد ويدنا‘ ۾ کل مسخريءَ ذريعي دنيا جي حقيقت پيش ڪئي وئي آهي. ’جيون دان‘ ۾ سَچيت ڪيو ويو آهي ته ايڊس ڇتهي بيماري نه آهي. ’اُلٽي سونوگرافي‘ ۾ گرڀ ۾ ڌيءَ يا پٽ جي جاچ کي نِنديو ويو آهي. بزرگن سان نندن جي خراب وهنوار کي مَنَ جو سوچ پيدا ڪندڙ ويچار ’آپريشن بابا‘ جو مکيه وشيه آهن. 2015۾ ڪشن رتناڻيءَ جو ڇهن ايڪانڪي ناٽڪن جو مجموعو ’برهم گياني‘ شايع ٿيو آهي.

ڪوٽا ۾ ئي سڄي عمر ٻارن کي اِسڪول ۾ پڙهائيندڙ مراري لال ڪٽاريا جو 2007 ۾ ايڪانڪي ناٽڪن جو مجموعو ’ڪرسي تنهنجا رنگ انيڪ‘ شايع ٿيل آهي. ڪتاب ۾ ست ايڪانڪيون ڇپيل آهن. ’يمراج جي دربار‘ ۾ ڊاڪٽر ۽ نيتائن وغيره تي طنز ڪندي سنڌيت جو سنديش ڏنل آهي. ’پنهنجا پنهنجا عڪس‘، جاڪي رهي ڀاونا جئسي تن ديکي صورت پريو تئسي جي نمائندگي ڪندڙ آهي. ’ڪئنچي‘ ۾ ڀرشٽاچارين کي سڱ سوڌو پڪڙڻ جا

جو مجموعو پڌرو ڪرايو. ڪتاب ۾ شامل ڪُل چئن ايڪانڪين مان پهرين ’قتل جي رات‘ رهسيہ ۽ سسپينس پيدا ٿي ڪري. ٻين ايڪانڪي ’هيءُ چا ٿيو‘ ڏيتي ليتيءَ تي آڌارت آهي. ٽين ايڪانڪي چوري ۽ پرشتار ڪي ٻنجو ڏيئي ديش پڳتي تي سيکاري. چوٿين ايڪانڪي ’محنت جو ڦل‘ ۾ جانور ڪردار ذريعي محنت جي اهميت کي ڏيکاريو ويو آهي. سال 1997 ۾ هن ڊاڪٽر ارجن ديوَ چارڻ جي راجستاني ناٽڪ ’چنت چور‘ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. طنز ڪندي هيءُ ناٽڪ چور ڪردار کان سچ ڳالهائڻ جو قسم کڻائي، ڪوُڙ جو پردوفاش ٿو ڪري.

ڪهاڻي نويس، طنز لکڻ ۾ ماهر ۽ ناٽڪ سان ويجهو جڙيل جئپور جي لڇمڻ ڀمڀاڻيءَ جو سال 2000 ۾ ايڪانڪي ناٽڪن جو مجموعو ’اڍائي اکر پريم جا‘ شايع ٿيو. ڪتاب ۾ شامل سڀيئي ست ايڪانڪيون منچ جي ضرورتن کي ڌيان ۾ رکي گوناگون سماجڪ وشين تي لکيل آهن. ’اڍائي اکر پريم جا‘ ۾ پيڙهين جي ٽڪراوَ تي روشني وڌي ويئي آهي. پيءُ جي پنهنجي شاديءَ وقت ذات پات جي آڌار تي ٿيل وروڌ پٽ جي معاملي ۾ بہ سامهون ٿو اچي. ’اُهوئي سوال اُهو ئي جواب‘ ۾ دليلون ڏيئي پٽ همٿ سان حالتن جو مقابلو ٿو ڪري. ’پنهنجا ٿيا پراوا‘ ۾ پٽن ۽ ننهرن جي وڏڙيءَ سان ڪيل خراب وهنوار جو چٽ آهي. ’آءٌ تہ پرچون پاڻ ۾‘ رُٺل زال مڙس جي ناهہ جي ڪهاڻي آهي. هفتا وصوليءَ جي مخالفت ڪندي قتل ٿيندڙ شخص جي پوين سان همدردي ڏيکاري پشيماني ظاهر ڪرڻ جو جذبو ’اونداهي چؤراهي تي‘ ۾ اوتيل آهي. ’تاش جو محل‘ ۾ نؤڪري ڪندڙ پتي پتنيءَ جون ٻيجا اُڏامون سندن نؤڪر ٿو روڪي. مجموعي جي آخري ايڪانڪي’سپنا ۽ سُڏڪا‘ ۾ چار پٽ هوندي بہ اُميدون ٽٽڻ سبب سپنن جي سڏڪن ۾ تبديل ٿيڻ جي ڪهاڻي آهي.

2007 ۾ ساهتيہ اڪادميءَ طرفان ڇپيل ’سنڌي ايڪانڪي‘

1. گذريل ٻہ ڏهاڪا يعني هئڻ گهرجن 2010-1991 جا ويهہ سال. 2010-1990 جي حساب سان ٿيا ايڪويهہ سال. انهن ايڪويهن سالن ۾ نون ليکڪن جا ٻارهان مجموعا ڇپيا. 2010-1991 جي آڌار تي ڳڻپ ڪبي تہ ٿيندا، انن ليکڪن جا يارهان مجموعا.

2. جيڪڏهن گذريل ويهن سالن 1996 کان 2015 تائين ۽ نہ ڪِ گذريل ٻن ڏهاڪن جي آڌار تي ڳڻبو تہ اَٺن ليکڪن جا فقط نون مجموعا بيهندا، يعنيٖ ٻہ مجموعا گهٽ ڇئي سگهجي ٿو تہ وقت گذرڻ سان ناٽڪن جا مجموعا گهٽ تعداد ۾ ڇپجي رهيا آهن.

3. نون مان فقط ٻن ليکڪن لڇمڻ ڀمپاڻي ۽ موهن اُداسي جا ڪتاب عربي سنڌيءَ ۾، ٻچيل ستن جا مجموعا ديوناگري لپيءَ ۾ شايع ٿيا آهن. ٻن مان ٻہ هڪ هاڻي حيات نہ آهي.

4. ٻن ڏهاڪن ۾ فقط هڪ ڪتاب سمپادت ۽ هڪ ڪتاب ترجمو ٿيل آهي.

5. نون ناٽڪ نويسن مان ٽي 55 جي آسپاس ۽ باقي ڇهہ سٺ کان وڌيڪ عمر جا آهن. ظاهر آهي، 55 کان گهٽ عمر جو هڪ بہ ناٽڪ نويس راجستان ۾ نہ آهي.

6. نون مان فقط ٻہ ناٽڪ لاءِ سمرپت ليکڪ آهن. ٻچيل ست ٻين اسمن ۾ پڻ قلم هلائن ٿا.

7. راجستان جا ناٽڪ نويس، جاتل سڃاتل وشين تي ناٽڪ لکي رهيا آهن. نوان پريوگ، مؤجوده دؤر جي ضرورتن، نکڙ ناٽڪن، شيڊو ۽ پپيٽ پلي، سولو پلي لکڻ ڏانهن هڪ ليکڪ جو بہ ڌيان نہ ويو آهي.

8. نون مان ڇهن ليکڪن هڪ يا هڪ کان وڌيڪ ناٽڪ ڏيتي ليتيءَ تي لکيا آهن. سنڌي ڀاشا ۽ سنڌين کي وشيہ بڻائي ناٽڪ لکڻ وارا فقط ٻہ ليکڪ آهن.

طريقا ٻڌايل آهن. سڄي عمر ڪيل غلط ڪمن جو اَحساس ’پڇتاءُ‘ ۾ نمايان ٿيو آهي. شاديءَ کي واپار ۽ خريد فروخت ۾ تبديل ڪرڻ جي خلاف لکيل ايڪانڪي آهي ’سؤدو‘. ٻُڌيءَ کان نوَن تائين انگ ڳڻي ’اَسان سڀ هڪ آهيون‘ ۾ قؤمي ايڪتا جو سنديش ڏنل آهي. عنوان ايڪانڪي ’ڪرسي تنهنجا رنگ انيڪ‘ ۾ پرنسيپال کي آڌار بڻائي ڪري ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي تہ هرڪو عملدار پنهنجي سوچ کي مڙهڻ ۾ لڳل آهي. واسطيدارن جي سمُوري وڪاس ڏانهن ڪنهنجو بہ ڌيان نٿو وڃي. مراري لال ڪٽاريا جو ٽن ايڪانڪين جو مجموعو سال 2013 ۾ ’شاهہ جون سورميون‘ عنوان سان ڇپيو آهي.

اجمير جي هدايتڪار، اداڪار، ناٽڪ نويس ۽ ترجما ڪندڙ ليکڪ سريش ٻبلاڻيءَ ڪهاڻيون ۽ ليک پڻ لکيا آهن. سال 2008 ۾ سندس ستن ايڪانڪي ناٽڪن جو مجموعو شايع ٿيو هو ’جذبو‘. ’مون توهانجو ڇا بگاڙيو‘ ۾ سمجهدار ٿيڻ کانپوءِ ٻار مائٽن کان سنڌي ڀاشا جي روپ ۾ مليل ورثو کسڻ جو سبب ٿو پڇي. ’جڙ جي تلاش‘ ۾ سنڌيت سان جوڙڻ لاءِ مائٽن کي مجبور ڪرڻ جي ڏس ۾ ٻارن جي زوربار جو ذڪر آهي. ’اِنسانيت زنده آهي‘ اِن وهم جي ڀڃڪڙيءَ جو ناٽڪ آهي جنهن مُوجب سنڌين کي فقط پئسي جو پوڄاري مڃيو ٿو وڃي. ’جذبو‘ سنڌين جي تياڳ جي ڀاونا جو اِظهار آهي. ’ڇا مون نيڪ ڪيو‘ ۽ ’ائگريمينٽ‘ ۾ فرض پورا نہ ڪرڻ واري سنتان کي سڌو ڪرڻ جو منتر ڏنو ويو آهي. آخري ايڪانڪي ’اُڏامندڙ اَرمان‘ کل مذاق پرڏان آهي ۽ حقيقت شناس ٿيڻ جو سنديش ٿي ڏئي. سريش ٻبلاڻيءَ جي ايڪانڪين کي راجستان سنڌي اڪادمي اِنعامن سان نوازي چڪي آهي.

مٿي ذڪر هيٺ آيل راجستان جي نون ناٽڪ نويسين جي اِشاعت هيٺ (1990-2010) آيل ڪتابن جي اوک ڊوک ڪرڻ سان هيٺ ڏنل نتيجا نڪرندا :-

انواد پرڪريا جو رنگ روپ

هندي، سنڌي، انگريزي، تمل، تيلگو وغيره ڪنهن بہ هڪ ڀاشا مان ٻيءَ ڀاشا ۾ اُلٿو ڇا آهي؟ هڪ ڀاشا جو لباس لاهي ٻيءَ ڀاشا جو لباس پهرائڻ؟ ترجمو ڪري پاٺڪن کي مُول ڀاشا جي سواد کان واقف ڪرائڻ؟ مُول ڀاشا جي رچنا کي ٻي ڀاشا جي پسمنظر ۾ نئون روپ ڏيڻ؟ مُول ڀاشا جي پيشڪش کي نئين سرجڻ، سنسڪار ۽ وياڪرڻ کي ڌيان ۾ رکي مُول رچنا ۾ تبديليون آڻي پرائيپڻ جو احساس ختم ڪرڻ؟ پُنر رچنا ڪري مُول ۽ اَنواد جا ويڇا ختم ڪرڻ؟ ڪنهن بہ انواد يا ترجمو ڪرڻ واري جي سامهون اِهي سوال چنؤتيون ٻڻجي کڙا ٿيندا آهن. هرهڪ ترجمان پنهنجي نموني اِنهن سوالن سان سينو سهائيندو آهي.

مان هنديءَ ۽ سنڌيءَ ۾ ڪهاڻيون، ناول وغيره لکندو آهيان. هن وقت تائين ارڙهان ڪتاب، سوين نشر ۽ هزارين ڇپيل رچنائون منهنجي جهوپڙيءَ کي روشن ڪري چڪيون آهن. مُول ليکڪ لاءِ مشهور چوڻيءَ جي انوسار هڪ پيچ لکندو آهيان تہ ڳهٽ ۾ ڳهٽ سؤ پيج پڙهندو آهيان. ايڏي فرصت نہ ملندي آهي جو ترجمو ڪرڻ جي ڳالهہ سوچ جي مٿئين سطح تي رکي سگهان. تنهن هوندي بہ ٿي ترجمو ڪيل ڪتاب ۽ ايڪانڪيون، ڪويتائون بطور انوادڪ منهنجي ساهتيہ ذخيري ۾ شامل آهن. ڪڏهن ڪڏهن پنهنجا ڪيل ترجما تعجب ۾ وجهندا آهن. منهنجي سرجڪ ۽ رچناڪار ڪيئن خلقيو اُن مخصوص من اِستٿيءَ کي جنهن سان مان ترجما ڪري سگهيس؟ مزي جي ڳالهہ تہ هڪ پل لاءِ بہ ڪڏهن نہ لڳو، انواد ڪرڻ ۾ لڳايل وقت کي مُول رچناڪرم ۾ صرفُ نہ ڪري مون ڪو غلط ڪم ڪيو

راجستان جا ليکڪ برابر ناٽڪ لکي ۽ منچت ڪري رهيا آهن پر صاف نظريعي جي اڻاٺ ۽ ٻين ڀاشائن جي ناٽڪ سان ٻي واسطيداريءَ کين محدود دائري ۾ قئد ڪري ڇڏيو آهي. اِهي تنگ گهٽيون لڇمڻ ڀمياٽيءَ جهڙن ليکڪن جي سنڌي ۽ مهاوريدار سنڌيءَ کي ٻه عام فهم ٿيڻ ۾ رڪاوٽ پئدا ٿيون ڪن.

سنڌي ڀاشا ۽ سنڌي ناٽڪ لاءِ حالتون ناسازگار آهن، تنهن هوندي ٻه هن پرچم کي اونچو رکڻ لاءِ هڪ ناٽڪ نويس جيڪڏهن گهٽ ۾ گهٽ هڪ نئين ليکڪ کي رهبري ڏئي ته اِن حالت کي مٽي، سنڌي ناٽڪ لکڻ جي ڏس ۾ گهڻو ڪجهه ڪري سگهجي ٿو. في اِلحال ايترو ئي چئي سگهجي ٿو ته راجستان جي ليکڪ ۾ جذبو آهي. سندس پنيان ويندڙ قدم لمبي ڇلانگ جي تياري آهن. جڏهن هوُ اُڏام ڀريندو ته دنيا ساڻس رشڪ ڪندي.

اسان بي صبريءَ سان اُن شاندار وقت جو اِنتظار ڪري رهيا آهيون.

(ساهتيه اَڪادميءَ پاران بيڪانير ۾ 23 آگست 2015 تي ٿيل سيمينار ۾ پڙهيل پيپر)

ٽئين ڏينهن ڪوريئر سان موهيءَ جو سنڌيءَ ۾ ڇپيل تيرهن ڪهاڻين جو مجموعو ’ڇيڪ بُڪ‘ منهنجن هٿن ۾ هو. ٻن ڏينهن کان پوءِ ساهتيه اڪادميءَ جي ڪاريه شالا ۾ ڀهرو وٺڻ لاءِ مونکي جمون ڪشمير ۾ پٽنيٽاپ وڃڻو هو. ڪتاب گڏ کڻي ويس ۽ اُتي مليل ڇئن ڏينهن ۾ جيترو وقت هٿ آيو، ڪهاڻين جو ترجمو ڪيم. موٽي ڪري پڻ اِن سلسلي کي جاري رکيم. پورا چاليهه ڏينهن لڳا. چوٿين سيپٽمبر 2012 تي پٽينٽاپ ۾ شروع ڪيل انواد جو ڪم تيرهين آڪٽوبر 2012 تي جئپور ۾ پورو ٿي ويو. اِن وچ ۾ سڀ ڪجهه ڪندي به مون اهڙو ڪو ڪم نه ڪيو جنهن سان سُرُ ٽُٽي. ترجمي ڪانسواءِ ڪجهه ڪندي دٻاوَ جو احساس ۽ اَنواد ڪرڻ وقت پوريءَ طرح ٻڏل هئڻ جي اِستٿي ۽ سڪون منهنجا اٽٽر ساٿي هئا.

مُول لکڻ جي سلسلي ۾ به حالتون ذري گهٽ ساڳيون هونديون آهن، نديءَ جي ٻئين ڪناري جهڙيون. پڙهڻ وقت ڪا رچنا من، ويچار، ڀاونائن کي ڇهندي آهي يا ذهن ۾ ولوڙ پئدا ٿيندي آهي ته منهنجي رچناڪار کي ترجميڪار جي روپ ۾ نديءَ جو هڪ ڪنارو پاڪر ۾ پيڪوڙيندو آهي. ماحول، حالتون، پنهنجي وڏي يا ڪنهن ٻئي سان ٿيل واردات ڇهندي آهي ته نديءَ جو ٻيو ڪنارو مُول سرجڪ کي سڏ ڪندو آهي. ڪهاڻي، ناول، مضمون، ايڪانڪي يا ناٽڪ لکڻ لاءِ پيڙه جو ڀهريون پٿر رکجي ويندو آهي. ترجمو ڪرڻ جي فيصلي ۽ ترجمي جي وچ جي وقت جو وقفو شايد ئي هوندو آهي. ٻئي پاسي ڪنهن به اِسم ۾ لکڻ لاءِ وشيه جي چونڊ کان پوءِ عام طور سان ترت ميز تي وڃڻ ممڪن هوندو آهي. وشيه کي پچائي تيار ڪرڻ ۾ ذهن کي وقت لڳندو آهي. اِهو وقت ڪيترا دفع سالن ۾ تبديل ٿي ويندو آهي. رچنا جي هر ڪنڊ، هر پاسو، هر پهلوُ، هر نقطو جيستائين ٺاهينڪو نه ٿي ويندو آهي. مان لکڻ شروع نه ڪندو آهيان. هن خاص قسم جي تفاوت کي ڇڏجي ته انواد ۽ مُول سرجڻ مونکي رچناشيلتا جا به روپ لڳندا آهن. ٻنهي اِسمن جيان ترجمو

آهي. هميشه اهڙو ئي سک ۽ سنتوش ملندو رهيو آهي ترجمو ڪرڻ ڪانپوءِ به جهڙوڪ ڪهاڻي، ناول، ناٽڪ يا مضمون لکڻ ڪانپوءِ ملندو آهي. مُول لکان ها ته شايد بهتر ڪيان ها. اِهو ويچار ضرور ايندو آهي پر انواد ڪري ٺيڪ ڪم نه ڪيو يا هن دفعي پلي ڪيو هجي، اهڙتي نه ڪندس، اِن طرح جي سوچ جا سلا ڪڏهن نه اُپرندا آهن.

ترجمي ۽ مُول لکڻ جي ترتيب توڙي ترڪيب نديءَ جي تيز وهڪري کي ٻڌڻ وارن ٻن ڪنارن جيان لڳاتار پڇڻ جو اَحساس آهي. پڙهڻ وقت جيڪا رچنا من کي ڇهي ٿي ۽ گهرائيءَ سان ٿبي ڏيڻ جي اُڪير ٿي پئدا ڪري، تنهنجو ترجمو ڪرڻ جي چاهنا روڪڻ نه سولو آهي ۽ نه اُن لاءِ اِنتظار ٿو ڪرڻو پوي. جيڪو پڙهيل ڇهي ٿو، جيڪڏهن هنديءَ يا انگريزيءَ ۾ آهي ته سنڌيءَ ۾ ۽ جيڪڏهن سنڌيءَ يا انگريزيءَ ۾ آهي ته هنديءَ ۾ ترجمو ڪرڻ لاءِ مان ترت ميز جي سامهون پهچي ويندو آهيان.

اَحمدآباد جو رهواسي سنڌيءَ جو ليکڪ واسديو موهي مکيه روپ سان ڪويتائون ۽ غزلون لکندو آهي. ساهتيه اڪادمي اوارڊ پڻ ڪيس ڪويتائن جي مجموعي تي مليو هو. سنڌي ساهتيه ۾ موهيءَ کي مقبول ڪويءَ ناتي وڏيڪ ڄاتو سڃاتو ويو آهي. پر 2011 کان سنڌيءَ جي مشهور معروف مخزنن ۾ سندس لکيل ڪهاڻيون پڙهڻ لاءِ ملي رهيون هيون. هرهڪ ڪهاڻي اثردار، ڪنهن نه ڪنهن نقطي سبب دل کي ڇهڻ واري ۽ يادن ۾ واسو ڪرڻ قابل هئي. آگسٽ 2012 جي ٽئين هفتي ۾ سنڌيءَ جي هڪ مخزن ۾ موهيءَ جي ڪهاڻي پڙهڻ کان پوءِ ويچار اُپريو ته سندس ڪهاڻين جو هنديءَ ۾ ترجمو ڪري مجموعو ڇپارائڻ گهرجي. فون ڪيم. پڇيم ته هيل تائين گهڻيون ڪهاڻيون شايع ٿيون اٿس؟ جواب مليو، ”تيرهان ڪهاڻيون شايع ٿي چڪيون آهن ۽ سنڌيءَ ۾ مجموعو ڇپجي ويو آهي. هفتي ڏهن ڏينهن ۾ تو وٽ پهچي ويندو. انواد لاءِ منظوري وٺي مون موهيءَ کي ترت مجموعو ڏياري موڪلڻ لاءِ عرض ڪيو.

جي دائري ۾ فقط مؤل رچناڪرم کي رکڻ گهرجي، ترجمي کي نہ؟ جنهنکي مؤلڪ تو چئجي، ڪيترو مؤلڪ آهي؟ ڪائنات جي شروعات کان اڄ تائين ڦهليل ويچار جي مهاجار ۾ پيهي ڪري بہ اُن کي سڃاڻڻ ممڪن نہ آهي. جنهنجي اسانکي ڄاڻ نہ آهي سو مؤلڪ ۽ جيڪو لفظ، جذبو، ڀاڃو يا اِسم روپ مٿي ظاهران ظهور، سامهون هجي سو ترجمو؟ مان هن خلاصي سان شاملراءِ نہ آهيان.

هر ڀاشا جو پنهنجو وياڪرڻ، سنسڪار ۽ پنهنجي سڳنڌ آهي. ترجمي معرفت هڪ ڀاشا جي رچنا ٻيءَ ڀاشا جو لباس ٿي پهري. ترجمو ڪيل ڀاشا کي پڙهڻ، سمجهڻ، ڳالهائڻ وارن جي قد بُت موجب تبدليون ۽ ڦير گهير نہ ڪئي ويئي تہ نئون ۽ پراڻو ٻئي چولا بدصورت محسوس ٿيندا. هر ڀاشا جي لغت ۾ اهڙا لفظ ۽ وهنوار ۾ اهڙا پهاڪا هوندا آهن جيڪي جيئن جو تيئن ٻين ڀاشائن ۾ نہ هوندا آهن. مثال طور سنڌيءَ جي لفظ ’ڄڃ‘ کي هنديءَ ۾ ’بارات‘ تو چئجي. ٻئي لفظ اُن لوازمي لاءِ ڪتب ايندا آهن جيڪو ور يا ڇوڪري وارن طرفان شاديءَ وقت ڇوڪريءَ وارن وٽ ويندو آهي. جيڪڏهن ڪنوار يا ڇوڪريءَ وارا شاديءَ لاءِ ڇوڪري وارن وٽ ويندا آهن تہ سنڌيءَ ۾ اُن لوازمي کي ’مڃ‘ چئبو آهي. هنديءَ ۾ ’مڃ‘ جو پور وچوٽ وارو لفظ ندارد آهي. سنڌي سماج ۾ ورهاڱي کان اڳ پهرين سنڌ ۾ ۽ هاڻي ڀارت ۾ گهڻي ڀاڱي ڪنواريتا شاديءَ ۽ ڪنيادان لاءِ گهوٽيتن جي شهر يا ڳوٺ ۾ ويندا رهيا آهن. سياويڪ آهي تہ وڏي پئماني تي وهنوار ۾ ايندڙ هن رسم کي سنڌيءَ ۾ ’مڃ‘ جو لقب مليو. سموري هندي علائقي ۾ گهوٽيتا ئي شاديءَ لاءِ ڪنواريتن وٽ ويندا آهن. تنهنڪري هنديءَ ۾ ’مڃ‘ لفظ جي ضرورت محسوس نہ ڪئي ويئي. هاڻي جيڪڏهن سنڌيءَ جي ڪنهن ڪهاڻيءَ ۾ ’مڃ‘ لفظ اِستعمال ٿيو آهي تہ ترجمو ڪرڻ واري کي سوچي سمجهي هڪ لفظ ’مڃ‘ جي جڳهہ تي ڪجهہ لفظن جو سهارو وٺي پاٺڪ تائين معنيٰ کي پهچائڻو پوندو. هندي علائقي جي پاٺڪ

پڻ مونکي رچنا جو هڪ روپ، هڪ وستار ۽ احساس جي پيشڪش جو هڪ ذريعو لڳندو آهي.

عام طور انواد کي سرجڻ يا سرجڻ جو روپ نہ مڃيو ويندو آهي. مُول رچناڪار کي شايد اِنڪري سرجڪ تسليم ڪيو ٿو وڃي ڇو تہ جيڪو بہ هو لکي ٿو تنهن تي ڪنهن بہ روُپ ۾، نہ سڌو ۽ نہ اڻسڌو، ڪنهن ٻيءَ رچنا جو اثر نہ هوندو آهي. دراصل پوريءَ طرح ڪنهن اَثر کان آجو دنيا ۾ ئي نہ، ڪائنات ۾ بہ ڪجهہ نہ آهي. سج، چنڊ، تارا، گرهہ، جيو - نرجيوَ جو ڳانڍاپو ۽ وهنوار، ذرو ذرو، آئنسٽائين جي لا آف رليٽيوٽي سان ٻڌل آهي. ماحول ۾ برپا ايٿر جون لهرون ڪڏهن بہ ڪٿي بہ اُپجيل هر ظاهر - غير ظاهر ويچار کي جذب ڪنديون آهن. ڪنهن شخص جي ويچار جي لهرن جو پوريءَ طرح تالميل ٿيڻ تي ايٿر ذريعي اُن ويچار جون لهرون واسطيدار اِنسان ۾ گهاٽيون ٿيڻ لڳنديون آهن. اِهو ئي سبب آهي جو پئدا ٿيندي ئي هڪ ويچار سفر ڪرڻ لڳندو آهي. لهر جي ڊيگهہ گهٽ هوندي تہ ويچار جو سفر ننڍو ٿيندو، نہ تہ اڻميا فاصلا طئہ ٿيندا ويندا، جنهنڪي اسان دماغ جي زرخيزي ۽ ڪلپنا جي اُڏام ٿا چئون، سچ پچ اُنهن ترنگن جي ڊيگهہ تي منحصر ٿي ڪري جيڪي ايٿر ۾ مؤجود لهرن سان مشابهت ٿيون ڪن. سڌي سنواٽي دليل جي آڌار تي بہ مڃتا جو ڪو سبب نہ آهي تہ ڪائنات جي شروعات کان اڄ تائين ڪو خاص ويچار ڪنهنجي دماغ ۾ آيو ئي نہ هوندو. جيڪو ويچار هاڻي ڪنهن شخص جي دماغ ۾ پئدا ٿيو آهي، تنهنجون ترنگون اڳ ۾ ئي پئدا ٿيل ساڳئي ويچار جي لهرن سان مشابهت ويهاري ويچار کي اڳيان ٿيون وڌائن.

هن سمجهاڻيءَ جي پسمنظر ۾ چئي سگهجي ٿو تہ ڪو بہ ويچار، سوچ، نظريو يا سڌانت مؤلڪ نہ آهي. پوءِ مُول کي رچنا جي معرفت پيش ڪرڻ واري مڃوتيءَ کي آڌار بڻائي انواد کي مُول رچنا کان ڪمتر سمجهندي ڪيئن ٿو منظور ڪري سگهجي تہ سرجڻ

هوندو آهي، پر لفظ، جملي ۽ پئراگراف کان اڳيان وڌي ڪٿا جي سلسلي ۾ به ڪيس سجاڳ رهي اهو سڀ ڪجهه ڪرڻو پوندو آهي جيڪو پاٺڪ کي ڌيان ۾ رکندي ترجمو ڪيل ڀاشا سان نياءُ ڪرڻ لاءِ ضروري آهي. مُول رچنا ۾ جيڪڏهن نالن، وارداتن يا حقيقتن ۾ مشابهت نه آهي ته ترجمو ڪرڻ واري کي پنهنجي ترجمي مان اِهي گهنج ۽ منجهه ڪڍي ڪٿا کي اهڙي نموني سامهون آڻڻو پوندو آهي جيئن پاٺڪ کي هيڏانهن هوڏانهن ٿاڦوڙا هڻڻا نه پون. مُول ڀاشا ۾ لکيل ڳالهه ٻولهه جي سياويڪتا کي ڇيهو نه رسي، اِن لحاظ کان اَنواد ڪرڻ واري کي ڳالهه ٻولهه جي شئلي، لفظن جي اُٿت ۽ ٻيهڪ جي نيشانين جي ڏس ۾ دست اندازي ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿي سگهي ٿي.

وهنوارڪتا ۽ حقيقت شناسيءَ جي غير موجودگيءَ ۾ پختن ليکڪن جون ورنا معياري رچنائون پڻ ڪيترا دفعا زميندوز ٿي وينديون آهن. ٻنهي ڀاشائن جي ويجهي ڄاڻ سان گڏ ترجمو ڪرڻ واري کي مُول رچنا جي وشيه جي سموري نه ته به ايتري ڄاڻ هئڻ لازمي آهي، جيئن انواد ۾ حقيقت شناس ٿي سگهي. سچ آهي ته ڪنهن هڪ شخص لاءِ هرهڪ وشيه ۾ مهارت حاصل ڪرڻ ممڪن نه آهي. مُول رچنا ۾ ليکڪ وشيه سان واسطو رکندڙ جيڪي چوڪون ڪيون آهن، تسليم ڪري سگهجي ٿو ته سندس پنهنجو وشيه نه هئڻ سبب اُهي پلون رچنا ۾ گُهس پئٺ ڪري ويون. پر جنهن وشيه جي ڄاڻ گهٽ يا اڌوري آهي، واسطيدار ماهرن کان پختي ڄاڻ حاصل ڪرڻ کانپوءِ ئي اُن کي مُول رچنا ۾ شامل ڪرڻ مناسب آهي. جيڪڏهن مُول رچنا جي ليکڪ چوڪ ڪئي آهي ته اَنواد ڪرڻ واري جي ذميواري اجان به وڌي ٿي وڃي. پنهنجي عام سمجهه جي آڌار تي چوڪ کي سڌاري انواد ڪيل رچنا ۾ مناسب تبديل ڪرڻ ترجمي جي اَهم ضرورت آهي. جيڪا اُميد مُول رچنا جي ليکڪ کان ٿي رکجي، انواد ڪرڻ واري کي به ساڳيءَ ڳالهه جو ڌيان رکڻ گهرجي. حقيقي ڪميءَ کي سڌاري، وشيه جي ماهرن کان صلاح وٺڻ کانپوءِ ئي ترجمو ڪرڻ وارو

ڪي سنڌي سماج جي هن رسم جي ڄاڻ نہ آهي تنهنڪري انواد ڪرڻ واري کي ڪنهن نہ ڪنهن نموني اِهو بہ واضع ڪرڻو پوندو تہ ڪنواريتن جو شاديءَ لاءِ گهوٽيتن جي شهر يا ڳوٺ ۾ وڃڻ سنڌي سماج جي حوالي ۾ اهميت ڀري ڳالهہ نہ آهي.

ساڳي ڳالهہ ڪجهہ ڏٺن، ريتين رواجن ۽ هلت چلت جي سلسلي ۾ ٿي سگهي ٿي. سنڌي سماج ۾ ڌيءَ ڪڏهن پيءُ کي پيري نہ پوندي آهي. سنڌيءَ جي ڪهاڻيءَ ۾ ٻئي شهر مان ماءُ پيءُ جي گهر آيل ڌيءَ پيري نہ پئي، پيءُ سان ڀاڪر پائي ٿي گڏجي تہ هنديءَ جي پاٺڪ کي ڪوڙو سمجهہ ۾ نٿو اچي. ڪهاڻيءَ ۾ پوئي سهج نموني سنڌي سماج جي هن روايت يا وهنوار جي طريقي کي هنديءَ جي پاٺڪ تائين پهچائڻ جي اُميد انواد ڪرڻ واري کان ڪرڻ مناسب مڃيٽي پوندي.

ظاهر آهي تہ فقط لفظي ترجمو ڪري مول ڀاشا جي ڀاونا کي انواد ڪيل ڀاشا جي پاٺڪ تائين نٿو ڪٽي وڃي سگهي. ڪيترا دفعا ترجمي جي ڀاشا ۾ ساڳئي معنيٰ جو لفظ تہ ملندو آهي پر مُول ڀاشا ۾ ڪتب آندل ويچار، ڀاوَ يا جذبي جي نمائندگي ڪرڻ ۾ اُهو لفظ مقبول نہ هوندو اهي. ترجمو ڪرڻ وارو، لفظي انواد نہ ڪري ترجمي جي ڀاشا ۾ مناسب لفظ ڪم ۾ آڻيندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن مُول ڀاشا ۾ ڪنهن ڳالهہ کي اِن ڍنگ سان ظاهر ڪيل هوندو آهي جو يا تہ اُنجا ٻتا مطلب نڪرندا آهن يا وري پاٺڪ کي منجهائيندي آهي. ترجمو ڪرڻ وارو هڪ مطلب جي ۽ مونجهاري کان بچائيندڙ پيشڪش لاءِ مُول رچنا ۾ اِستعمال ٿيل لفظن، سٽن ۽ جملن کي گهٽائيندو وڌائيندو آهي، اُنهن ۾ تبديلي آڻيندو آهي. اِن مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ترجمو ڪرڻ واري کي ڪيترا ڀيرا پورا پئراگراف اڳيان پنيان ڪرڻا، جوڙڻا، ڪاٽڻا يا سڌارڻا پوندا آهن. تنهنڪري ترجمو لفظن، ڀاوناڻن ۽ اثر جي گڏيل ۽ سموري روپ ۾ پيشڪش بڻجي سامهون ايندو آهي، اَنواد ڪرڻ وارو مُول رچنا سان زميني سطح تي تہ وابستا

وارن لاءِ ساڳي رچنا کي سمجهڻ، هنڊائڻ يا ماڻڻ ممکن نہ آهي. ذهني معيار طئہ ڪندي تہ کهڙي رچنا جا پاٺڪ کهڙي طبقي جا ٿي سگهندا. ڪٿ، ماحول ۽ ڪردارن موجب رچنا جي پهچ جو فيصلو ٿيندو. رچنا کي جنهن طبقي جي پاٺڪن وٽ وڃڻو آهي، تنهن کي ڌيان ۾ رکي اُٿت، لفظن جي چونڊ، جملن جي ڊيگهہ ۽ اُپمائون طئہ ٿينديون. رچنا جي پاٺڪ تائين سولي پهچ پختي ڪرڻ لاءِ هرڪو ليکڪ اِنهن مدعن کي ذهن ۾ رکندو آهي. ترجمي لاءِ ضروري آهي تہ رچنا جي فطرت کي ڌيان ۾ رکيو وڃي. رچنا ۾ پرويل اُنهن سروڪارن جي پسمنظر ۾ ترجمو ڪيو وڃي، جيڪي مؤل رچنا جي ليکڪ جي ذهن ۾ رهيا آهن. تنهن موجب شئليءَ ۾ گنڀيرتا، طنز، کِل مذاق، فلسفي ۽ رومان جا عناصر شامل ڪري انواد ڪرڻ وارو، بيءَ ڀاشا ۾ رچنا کي خلقيندو آهي. سولن، ڏکين، چيدن يا ٽيڪنيڪل لفظن کي اِستعمال ڪندو آهي. گهٽ يا وڌيڪ لفظن وارا جملا گهڙيندو آهي. ننڍن يا وڏن فقرن ۾ جملن ۽ تحرير کي ورهائيندو آهي. هيءُ سلسلو چئجي، مؤل ليکڪ کي هڪ آتما ۽ ٻہ شرير يا هڪ سوچ ۽ ٻہ قلم جي فلسفي موجب، ترجمو ڪرڻ واري سان يڪمشت ڪندو آهي. ويچارن جو لهرون هڪ ٿي انواد ڪرڻ واري ۽ مؤل ليکڪ جي سوچ، سندن چنتن ۽ چنتا کي ايڏو ويجهو ڪٺي ايندیون آهن جو اُنهن ۾ فرق ڪرڻ قريب ناممکن ٿي ويندو آهي. ڏکيو ٿي ويندو آهي، آگر ڏيکاري ٻڌائڻ تہ ٻنهين مان ڪير مؤل ليکڪ آهي ۽ ڪنهن ترجمو ڪيو آهي. انواد پڙهي هڪ پل لاءِ بہ محسوس نہ ٿيندو آهي تہ مؤل رچنا ۽ ترجمي ۾ ڪنهن بہ سطح تي ڪو ويڇو آهي. جيڪڏهن مؤل ليکڪ ۽ انواد ڪرڻ واري جا نالا نہ ٻڌايا وڃن تہ سڃاڻڻ شايد ممکن نہ ٿي سگهي تہ پاٺڪ انواد پڙهي رهيو آهي يا مؤل رچنا.

ترجمي جي دؤران اِنهن سلسلن سان مڪاميل ٿيندي مونکي محسوس ٿيندو آهي تہ فقط مؤل رچنا ڪرم ئي سرجڻ نہ آهي. انواد

مؤل رچنا جي انواد ۾ تبديليون ڪندو آهي. جيڪڏهن هوُ مؤل ليکڪ جي چوُڪ کي انواد ۾ قائم ٿو رکي تہ اَنواد ڪيل ڀاشا جي پاٺڪ جي نظرن ۾ تہ ڏوهي بڻجي ٿي ٿو، مؤل ليکڪ کي پڻ گنهگار ثابت ٿو ڪري.

هت واسديو موهيءَ جي مؤل سنڌي ڪهاڻي 'چيڪ بڪ' جو ذڪر ڪرڻ مناسب ٿيندو. ڪهاڻيءَ ۾ اَمبا بين مالي سطح تي هيٺئين طبقي جي عؤرت آهي. ٻهاري باسڻ ڪري پنهنجو ۽ ڪٽنب جو گذارو ٿي هلائي. پهرئين گهوٽ جي چالاڪي ڪانپوء سندس زال جي روپ ۾ اِنشورينس ڪمپنيءَ ۾ نالو هئڻ سبب اَمبا بين جهجهيءَ رقم جي حقدار آهي. ڪيس موجوده گهوٽ وٽان اڳوڻي گهوٽ جي گهر آندو ٿو وڃي. وڏوا جي ناتي روُپا بين جي پراڻي نالي سان رهي ڪيس اِنشورينس جي رقم وٺڻ جي لحاظ کان ثابت ٿو ڪرڻو پوي تہ هوءَ ئي اصلي ۽ جائز حقدار آهي. رقم ملي وڃڻ کان پوء ۽ فوت گهوٽ مان ڄاول، ڪاليج ۾ پڙهندڙ نؤجوان پٽ جي وهاڻي جي ير ۾ چيڪ بڪ چڏي هوءَ خاموشيءَ سان موٽي ٿي وڃي. مؤل ڪهاڻيءَ ۾ اَمبابين هرهڪ چيڪ تي آڱوٺي جو نشان ٿي لڳائي. قائدي موجب آڱوٺو هڻڻ وارن کي بئنڪ چيڪ بڪ جاري ئي نہ ڪندا آهن. خود بئنڪ ۾ حاضر ٿي فوٽو سان تصديق ڪرائڻ ڪانپوء ودڊرال سلپ تي آڱوٺي جو نشان لڳائي رقم وٺڻي هوندي آهي. ڪهاڻيءَ جي تقاضا کي ڌيان ۾ رکندي اَمبا بين کي صحيح ڪرڻ لائق ڏيکارڻ ضروري هو. ڪهاڻيءَ جي تاڃي پيٽي کي بچائڻ لاءِ اِهو اِشارو ڏيڻ پڻ ضروري هو تہ صحيح برابر ڪري ڄاڻي، هونئن اَمبا بين پڙهڻ لکڻ ۾ ٻُڙي آهي. تڏهن ئي بئنڪ مان ڪيس چيڪ بوڪ ملندي. تڏهن ئي هوءَ پٽ جي مٿاهينئن وٽ صحيح ڪيل چيڪ بوڪ ڇڏي سگهندي.

هر رچنا جو مخصوص پاٺڪ سنسار هوندو آهي. ٻارن جي عمر موجب، گهٽ پڙهيلن لاءِ، نوڪري ڪرڻ وارن لاءِ، ٽيڪنو ڪريٽس لاءِ، واپارين، ماسترن، گهرڌياڻين، بزرگن ۽ هارين توڙي ڳوٺن ۾ رهڻ

سنڌي ٻوليءَ جي گھٽجندڙ واھپي جا ڪارڻ

ڪنھن بہ ذات جي سڀ کان اوائلي سڃاڻپ ٻوليءَ جي آڌار تي ٿيندي آھي. ٻولي ڪيتري شاھوڪار آھي؟ لغت ۾ شامل لفظن جي ڪُل تعداد گھٽي آھي؟ ڇا روزمره جي ڪم جا مخصوص لفظ ٻوليءَ وٽ آھن؟ ٻين ٻولين جي خزاني ۾ شامل لفظن جا پوُر وچوٿي ھم سفر اُن ٻوليءَ ۾ آھن يا نہ؟ ٻوليءَ سان واسطو رکڻ وارن جي سڀيتا، سنسڪرتي، ڏڻ وار، رسمون، جاگرافي، سونھن، وارثت ۽ لوڪ وھنوار وغيره سان ٿھڪندڙ لفظن جي موجودگيءَ جھڙا عناصر طئہ ڪندا آھن تہ ڪا خاص ذات سڀيتا جي پئماني تي ڪيتري اڳتي بيٺي آھي.

ھند ۾ سنڌي ٻولي انگريزيءَ، ھنديءَ ۽ مڪاني ٻولين جي اثر ھيٺ پنھنجي سونھن، سلوُڻي ڪشش ۽ شاھوڪاري تيزيءَ سان وڃائي رھي آھي. سنڌ ۾ سنڌيءَ سان ساڳي ويڌن اُردوءَ جي ڪري آھي. سنڌي ٻولي وقت سان ويڇاري ۽ ويڳاڻي ٿيندي ويئي آھي. لکڻ، پڙھڻ ۽ ڳالھائڻ، ٽنھي سطحن تي سنڌي ٻوليءَ جو وھڪرو ريگستان ڏانھن وڌي رھيو آھي. سنڌي ٻوليءَ جي ڪنارن جو بيحد ويڪرو وستار ڪنھن کوھہ جھڙو نظر اچي ٿو. ان کان اڳ ۾ مناسب ٿيندو تہ اِنجا ڪارڻ سمجھڻ جي ڪوشش ڪجي. سَبَبَن جي ڄاڻ ملندي تہ سنڌي ٻوليءَ جي گھٽجندڙ واھپي کي وري رفتار ڏيڻ ممڪن ٿي سگھندي.

سنڌي ڀارت ۾ عربي ۽ ديوناگري ٻن لپين ۾ وڌيڪ لکي ويندي آھي. سنڌي لپيءَ جون اِھو ٻئي لپيون ڀارت سرڪار پڻ تسليم ڪيون

پڻ اوترو ئي سرجڻ آهي، جيترو مؤل کي عام طور سان مڃيو ويندو آهي. جهڙي نموني ليکڪ مؤل رچنا کي ٻيون، ٽيون يا چوٿون دفعو لکي تراشيندو هي، اهڙي ئي ڍنگ سان ترجمو ڪرڻ وارو مؤل رچنا سان گڏ انواد کي وري وري رچيندو آهي. جيئن ترجمو وڏيڪ پڙهڻ جوڳو وڏيڪ منپسند ۽ وڌي حقيقت شناس بڻجي سگهي. سرجڻ جي هڪ مُناري جي روپ ۾ اَنواد اُن جوان پٽ جيان آهي، جيڪو پيءُ جي ڪلهي سان ڪلهو ۽ قدم سان قدم ملائي هلندو آهي. ٻنهين جي حيسيت جو مؤل آڌار ساڳيا ڪروموسوم آهن. اِن ۾ ئي انواد جي سرجڻ هئڻ جي طاقت لڪل آهي.

(واسديوَ موهيءَ جي ’چيڪ بڪ‘ ۾ شامل 13 سنڌي ڪهاڻين جي 2017 ۾ هنديءَ ۾ ڇپيل ترجمي ’دوات‘ لاءِ خاص لکيل ليک)

پر سنڌي اُنهن ۾ گهٽ شرڪت ٿا ڪن. وندر جا وسيلا ميسر آهن. سنڌي فلمن جا، گيتن ۽ نرتيہ جا سي.ڊي.، ڊي.وي.ڊي. آهن. آڪاشواڻي ۽ دوردرشن تان سنڌي پروگرام نشر ٿين ٿا، سنڌي اُنهن کي گهٽ ٿا ڏسن - ٻڌن. معيار جي ڪمي هڪ ڪارڻ ٿي سگهي ٿو، جيڪو اِنهن سيني ۾ چاهہ وڌڻ کان عام سنڌيءَ کي روڪي ٿو. ڏٺو ويو آهي تہ ناٽڪ، گيت سنگيت ۽ سنڌي ناچ سان گڏ ساهتيڪ چٽاپيٽيون ڪرائي، جيڪڏهن مٺيرو ٿي اُيرڻ وارن کي اِنعام ڏنا ٿا وڃن تہ ننڍن توڙي وڏن جو ڌيان وڌيڪ ٿو ڇڪجي. چٽاپيٽيون ۽ مقابلا اوترا نٿا ڪرايا وڃن، جيترا سنڌي ٻوليءَ جو واهپو وڌائڻ لاءِ ضروري آهن. ٽي.وي. تي سنڌيءَ ۾ خبرون نشر نہ ٿيڻ ۽ نج سنڌي چئنل جو نہ هئڻ بہ سنڌي ٻوليءَ جي گهٽجندڙ واهپي جا ڪارڻ آهن.

سنڌي سڄي ڀارت ۾ ٽڙيل پکڙيل آهن. ڪجھ شهرن ۾ پاڪيٽ پلي هجن، پر ڪل ملائي سنڌي ٻوليءَ کي هم‌ٿائڻ وارو ماحول گ هٽ نظر ٿو اچي. اِسڪولن کان شروع ڪري پاڙي، ڌنڌي ۽ آفيس ۾ سنڌين کي غير سنڌين ۾ اٿڻو ويهڻو ٿو پوي. گهر کان سواءِ سنڌي ٻوليءَ جو اِستعمال ذري گهٽ ناممڪن ٿي پيو آهي. هندي يا انگريزي، سنڌيءَ جي مقابلي وڌيڪ ضروري محسوس ٿيڻ لڳي آهي. سياويڪ آهي تہ هندي، انگريزي يا مڪاني ڀاشا آٿر ۽ فائدي جي خيال کان سنڌي ٻوليءَ جي ڀيٽ ۾ گوءِ کڻي وڃي. 1947 ۾ ٿيل ورهاڱي کان ترت پوءِ ڄاول، ڀارت ۾ پڙهيل ۽ نپيل ٻار ڪڏهوڪو سينئر سٽيزن بڻجي چڪا آهن. سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي سنگهاسن تان بيدخل ڪرڻ ۾ اِهي سڀ سنڌي ٿورو يا گهڻو يوگدان ڏيئي رهيا آهن.

ڀارت جي ڪجھ ٻڻ ڳٽيل شهرن کي ڇڏي سنڌي لکڻ لاءِ عربي لپيءَ جا ڪامپيوٽر پروگرام ميسر نہ آهن. اَجمير، اَحمدآباد، اُلهاس نگر، آديپور ۽ دهليءَ کي ڇڏي هرهند سنڌي اِها اڻاٺ محسوس

آهن. نئين ٿهي نندڙن درجن کان هندي ديوناگري لپيءَ ۾ ٿي پڙهي. تنهنڪري عام طور سان مڃيو ويندو آهي ته سنڌي ٻوليءَ کي زنده رکڻ لاءِ ديوناگري لپيءَ جو سهارو وٺڻ ضروري آهي. پر گهرن ۾ سنڌيءَ ۾ نه ڳالهائڻ، پرانتن موجب اُچارن ۾ ڦير گهير ۽ سنڌي ٻوليءَ جي پڪش ۾ ماحول نه هئڻ سبب ديوناگري لپيءَ ۾ سنڌي گهٽ لکي پڙهي ٿي وڃي. پراڻو سنڌي ساهتيه ته عربي لپيءَ ۾ آهي ئي، نوان ڪتاب پڻ گهڻي ڀاڱي عربي لپيءَ ۾ ٿا ڇپجن.

مثال وري ساهتيه اڪادميءَ طرفان فقط عربي لپيءَ کي مليل منظوريءَ نئين ٿهيءَ کي ساهتيه کان پري ڪيو آهي. ساهتيه اڪادمي پنجٽيهن سالن کان گهٽ عمر جي هڪ ليکڪ کي پنهنجي تسليم شده چوويهن ڀاشائن ۾ هر سال پنجاهه هزار روپين جو اِنعام ڏيندي آهي. سنڌيءَ جي ڪنهن به ليکڪ کي اجا تائين اِهو اِنعام نه مليو آهي. ڇو جو عربي لپيءَ ۾ لکيل هڪ به ڪتاب ڇپائيءَ لاءِ نه پهتو هو.

عربي لپيءَ جي ڪتابن جو ديوناگريءَ ۾ اُلٿو پڻ ڏاڍو گهٽ ٿيو آهي. ضروري آهي ته سنڌيءَ جي سکيا جو سرشتو مضبوط ڪيو وڃي ۽ جيڪي پڙهائي پوري ڪري چڪا آهن، اُنهنکي سنڌي سيکارڻ جو بندوبست ڪيو وڃي. ڀلي هندي يا انگريزيءَ ۾ جواب ڏين پر سنڌي نه ڳالهائڻ وارن ٻارن سان به مائٽ سنڌيءَ ۾ ئي ڳالهائن. خاص طور سان ڇوڪرين سان ته سنڌيءَ ۾ ڳالهائن ئي، جيئن ايندڙ نسل جي مادري زبان سنڌي ٿي سگهي. ڀلي نياڻين ۽ پٽن ۾ ڪو فرق نه سمجهندا هجون، پر ڇوڪرين جي سنڌي ٻولي، سنڌيءَ ۽ سنڌيت کي قائم دائم رکڻ لاءِ ضروري آهي، اِن ڳالهه کي نه وساريون. بدقسمتيءَ سان اِهو پاسو اڻڏٺو ڪرڻ سبب نئين ٿهيءَ لاءِ سنڌي ٻولي پرائي ٿي ويئي آهي.

سنڌيءَ ۾ فلمون نهن ٿيون، ناٽڪ منچت ٿين ٿا، گيت لکجن ٿا، پر سنڌي گهربل دلچسپي نٿا ڏيکارن. سنڌي پروگرام پڻ ٿين ٿا

هنديءَ يا انگريزيءَ يا مڪاني ڀاشا ۾ هلائي سنڌي ٻولي کي همٿائڻ جي جڳهه تي ترو ڪڍي رهيون آهن.

سنڌي پڙهڻ ڪانپوءِ آڪاشواڻي، دوردرشن، لوڪ سڀا ۽ راجيه سڀا سڇواليه ۾ ترجمان، اِسڪول ۽ ڪاليج ۾ اُستاد، يو.پي.ايس.سي. ۽ صوبن ۾ مقرر سروس ڪميشن معرفت ملڻ واريون اوچ درجن جون نوڪريون ڪجهه مثال آهن اُنهن فائدن جا جيڪي جوڙجڪ جي ائين شڊيول ۾ شامل هئڻ سبب سنڌيءَ کي مليل آهن. مائٽن ۽ نئين ٽهيءَ کي سڄاڳ ڪري سنڌي پڙهڻ لاءِ همٿائڻ جون ڪوششون سمنڊ ۾ ڦڙيءِ جيتريون ٿيون ڪيون وڃن.

ڀارت ۾ سنڌين وٽ زمين جو پنهنجو ڪوبه مخصوص ٽڪر نه آهي. هجي ها ته سنڌي ٻوليءَ جي آڌار تي نوجوانن کي روزگار جا اڪيچار موقعا ملن ها. پنهنجيءَ اِن ڪميءَ کي پورو ڪرڻ جي اسان خاص ڪوشش نه ڪئي آهي. زمين جي ٽڪر جي غير موجودگيءَ سبب راڄنيتڪ، سماجڪ، سانسڪرتڪ ۽ سيپيتڪ سطح تي ٿيندڙ نقصانن سان گڏ سڪيا جو سرشتو پڻ اڇي پٽ پيو آهي. ڇو ته سنڌي ٻوليءَ جو سڪيا سان سڌو ۽ نه ڪ اڻسڌو واسطو آهي، تنهنڪري ٻوليءَ کي لڳاتار ڇيهو رسي رهيو آهي.

سنڌي ٻولي اڄ مسئلن جي منهن ۾ آهي. ڪارڻ اسانجي سامهون آهن. پڪتي اِرادي سان اُدم ڪنداسين ته طوفانن ۾ ڦاٿل سنڌي ٻوليءَ جي ٻيڙيءَ کي ڪناري لڳائڻ ۾ ضرور ڪامياب ٿينداسين. فقط گهرج آهي، وقت جي سڏ کي ٻڌڻ ۽ گنڀيرتا سان اونائڻ جي. سوڀ جا فرشتا اسانجو اِنتظار ڪري رهيا آهن.

(نئشنل ڪائونسل فار پرموشن آف سنڌي لئنگويج ۽ ڪي.سي. ڪاليج پاران ممبئيءَ ۾ 15-14 فيبروري 2014 تي ٿيل سيمينار ۾ پڙهيل پيپر)

ڪري رهيا آهن. اِئين ناهي تہ ٻين شهرن ۾ سنڌين وٽ پنهنجا ڪمپيوٽر نہ آهن يا سنڌي واپاري ڪمپيوٽر تي هندي، انگريزي ۽ مڪاني ڀاشائن ۾ ڊي.ٽي.پي. نٿا ڪن، پر اصلي تڪليف آهي، ڪمپيوٽر تي عربي سنڌيءَ ۾ ڪم ڪرڻ وارن جي غير موجودگي. جيڪڏهن ڪو سنڌي آپريٽر عربي سکي بہ ٿو تہ ايترو ڪم نٿو ملي جنهن سان ڪيس سٺي ڪمائي ٿئي.

جنکي عربي سنڌي اچي ٿي، نئين ٿهيءَ يا وڏي عمر جا جيڪي سنڌي، ديوناگريءَ ۾ سنڌي پڙهي سگهن ٿا، اُهي بہ سنڌي مخزنون، رسالا، اخبار ۽ ڪتاب نٿا پڙهن. بيحد گهٽ تعداد ۾ سنڌي، خريد ڪري سنڌي ساهتيہ ڪي پڙهن ٿا. خرچ نٿا ڪري سگهن، اِئين نہ آهي. اِنهن اِسمن تي خرچ ڪرڻ نٿا چاهيون. جيترا شاهوڪار آهيون، ساهتيہ لاءِ خرچ ڪرڻ جي ڏِس ۾ اوترائي غريب آهيون.

شايد ئي ڪنهن ذات يا سماج وارا ايترن ٺڪاڻن، مَنَن، مڙهين، پنٿن ۽ آشرمن ۾ عقيدو رکندا هوندا، جيترن ۾ سنڌين جو وشواس آهي. غير سنڌين تي پنهنجو اثر وڌائڻ جي مقصد سان اِنهن مان لڳ ڀڳ هرهڪ ڌرمگروءَ جون سرگرميون هنديءَ يا غير سنڌي ڀاشائن ۾ هلنديون آهن. سنڌن پوئلڳن جو ڌرم ۽ ڌرمگُرن ۾ ٻئي ڪنهن کان بہ وڌيڪ عقيدو آهي پر سنڌي هوندي بہ هوُ پاڻ سنڌي ٻولي ڪتب نٿا آڻن. پوءِ سنڌن پوئلڳ ڇو وهنوار ڪندا سنڌيءَ ۾؟

وقت، فئشن، روايت ۽ جنهن علائقي ۾ رهن ٿا، تنهن موجب شادين، غمين ۽ ٻين رسمن کي اَنجام ڏيڻ جي ريس ۾ سنڌي لاڏا، سنڌي شبد، سنڌي پروچن، سنڌي ستسنگ سڀ ڪجهہ تڙي ڪڍڻ جي جڻ تہ ڇتاڀيٽي هلي رهي آهي. اِن ڪارڻ سان سنڌين جي شخصي زندگيءَ مان سنڌي ٻولي نيڪال ٿي رهي آهي.

مثال وري سنڌي اِدارا، پئنچائتون ۽ ٻيون خانگي توڙي سرڪاري سنستائون چنيون هنديءَ يا انگريزيءَ ۾ جاري ڪري، نينڊ پتر هنديءَ يا انگريزيءَ ۾ ڇپارائي، پروگرامن جي ڪارروائي

۾ ۽ پوءِ شهر جي سياستدانن، پوُنجيپتين ۽ سرڪاري عملدارن جي ڀرپوُر مخالفت جو مُقابلو ڪندي، هريءَ جهڙي نموني ’مهراڻ‘ کي مسائيل بڻائي جنگ جيتي ڏيکاري، اخبار نوسيءَ جي تواريخ اُن کي وساري نہ سگهندي.

”سنڌي ساهتيہ جو وسامندڙ ڏيئو ۽ سنڌين جا فرض“ وشيہ پڻ هريءَ جي جذبي ، جانبازي ۽ سچ لاءِ ٽڪرائي وڃڻ جي همٿ جو نتيجو آهي. ’مهراڻ‘ جي ويهين ساليانی جلسي ۾ پيش ڪرڻ لاءِ عام روايت موجب هوُ ڪو اهڙو وشيہ بہ رکي پئي سگهيو، جنهنجو مواد خود-بہ-خود ’مهراڻ‘ جي واڪاڻ ڪندڙ هجي. ڇوتہ هريءَ جي ڪويتائن، ڪهاڻين ۽ ليکن جا چار ڪتاب شايع ٿيل آهن، آڪاشواڻي ۽ دوردرشن جي هڪ کان وڌيڪ ڪيندرن تان پروگرام پرسارت ٿيندا رهيا آهن، تنهنڪري ساهتيہ کي پترڪارتا کان جدا نہ ڪري ’مهراڻ‘ جي ويهين ساليانی جلسي جي موقعي تي هوُ هڪ مقالو ساهتڪ وشيہ تي بہ لکائي ٿو. اِنڪري جو هريءَ جو هڏ سنڌي سماج لاءِ ڪُرڪي ٿو، تنهنڪري پيڇرن ۽ اوڙاهن جا سرناما اُن ۾ پوئي ٿو ڇڏي. هن موقعي تي هريءَ ۽ ’مهراڻ‘ کي وڌي آورجا سان گڏ هميشهہ سنڌي سماج ۽ ساهت لاءِ سڀ ڪجهہ قربان ڪرڻ جو جذبو سلامت رکڻ لاءِ دلي شڀ ڪامنائن جو گُلدستو پيش ڪرڻ کان مان پاڻ کي روڪي نٿو سگهان.

1965 کان جوڙجڪ جي اَٺين شيڊيوُل ۾ شامل ڀاشائن مان هڪ ۾ رچيل ساهتيہ جي ليکڪ کي گيان پيٺ اِنعام ڏنو ويندو آهي. 2004 تائين 42ليکڪن کي گيان پيٺ اِنعام ملي چڪو آهي، پر سنڌيءَ جو ڪو هڪ ليکڪ بہ اِنهن ۾ ڪونهي. ساهتيہ اڪادمي هر سال 24 ڀارتيہ ڀاشائن کي اِنعام ڏيندي آهي. ظاهر آهي تہ سنڌيءَ جو هڪ ليکڪ هر سال اڪادميءَ جو اِنعام حاصل ڪندو آهي. پر ٻين ڀاشائن جي مقابلي سنڌي ساهتيہ جي اِنعام کٽندڙ ڪتاب جي معيار سامهون ڪيترا ئي دفعا سوال کڙا ٿيندا آهن. سنڌي دنيا جي شاهوُڪار

سنڌي ساهتيہ جو وسامندڙ ڏيئو
۽ سنڌين جا فرض

ويهہ سال اڳ، هري ٿنواڻي ’نماڻو‘ نالي هڪ جذباتي نوجوان فقط اَٺيهن ورهين جي عمر ۾ بنا ڪنهن مال متاع جي، ڪٽنب جون سموريون ذميواريون مٿان هوندي بہ سنڌي - انگريزيءَ ۾ هفتيوار اخبار ’مهراڻ‘ ڪڍڻ جو فيصلو ڪيو. 1970 کان هو زررو بئنڪ آف اِنڊيا ۾ ملازم هو. پر ڪويتائون، ڪهاڻيون ۽ ليک ضرور لکندو هو.

1970 ۽ 1983 جي وچ ۾ ڪويتائن ۽ ڪهاڻين جا مجموعا بہ شايع ٿيا هئس، پر اخبار نويس جي ناتي 1983 کان 1986 تائين معنيٰ ڪُل چئن سالن ۾ چئن اخبارن رسالن سان وابستہ رهيو. 1987 ۾ ’مهراڻ‘ سج جي روشني ڏٺي. ’مهراڻ‘ کي سچائي ۽ اِنصاف جو پيرووڪار بڻائڻ جو هريءَ جو جنوُن اُن وقت حدون اورانگهي ويو جڏهن 1991 ۾ هن بئنڪ جي ايڪانامڪ اَسسٽنٽ جو چولو ٿيا ڳيِ، سڄي طاقت ۽ وقت اخبار کي ارپڻ ڪري ڇڏيو. سندس اِهو قدم ترڻ جي پختي ڄاڻ ۽ جوڳن وسيلن بنا سمنڊ ۾ ٽپو ڏيڻ مثل هو! هريءَ جي دُساهس کي اڄ، ’مهراڻ‘ جي مقبوليت جي پسمنظر ۾ دليري چوڻ وارن مان نہ ڄاڻ ڪيترن تڏهن کُلئي ۽ ڳجهي نموني کيس بيوقوف جو لقب ڏنو هوندو. ڪوئي ڪجهہ بہ چوي، پر هريءَ ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ پختي اِرادي سان محنت ڪرڻ وارن کي ڪاميابيءَ جا جبل لتاڙڻ کان روڪي نٿو سگهجي.

اِن لاءِ هڪ ئي مثال ڪافي آهي. اُلهاس نگر جي 855 اَڏاوتن کي نيست-وَ-نابوُد ڪرڻ جي مُمبئي هاءِ ڪورٽ جي حڪم کان اڳ

سطح تي سکڻ جو سلسلو اڳيان نٿو وڌي. ٻيون ڀاشائون سنڌيءَ کان وڌيڪ آءُ آدر ڏين ٿيون. مخزنن جا سمپادڪ سنڌ ليکڪن سان رابطو ٿا رکن. رچنا ڇپجڻ کان پوءِ معاوضو ملي ٿو. سنڌيءَ جا ليکڪ، سمپادڪ جيڪو مُمڪن ڪونهي پلي نہ ڪن، پر جيڪو ڪري سگهن ٿا، عام طور سان اُهو بہ نٿا ڪن. پوءِ ڀلا سنڌي ساهتيہ جي ڏيئي جي لاٽ ڪمزور ڇونہ ٿيندي؟

جن ۾ سنڌي، سنڌيت ۽ سنڌ لاءِ حُب آهي، سي سنڌيءَ ۾ لکن ٿا. پر جن سنڌ ڏني ڪانهي، اُنهن مان اهڙي اُميد رکڻ شايد مناسب نہ آهي. سماج ۾ پئسي ۽ سياست وارن کي سرمور مڃڻ جي وڌندڙ پرورتيءَ سبب ساهت سان ناتو رکڻ وارن جا احساس زخميا آهن. پئسي ۽ ڪُرسيءَ جي ٻل تي جڏهن ڪُڏا ڪم ڪرڻ وارا ، ناسمجهہ قسم جا شخص ليکڪن ۽ ٻُڌيوانن کي اُپديش ڏيندا آهن تہ لڳندو آهي، مينهن ڳانءِ کي اَڇو ٿيڻ لاءِ چتائي رهي آهي. اَهميت، آءُ، آدر، جوڳي مُعاوضي جي بنهہ غير موجودگيءَ سبب سنڌي ليکڪ جو لاڙو ٻين ڀاشائڻ ڏانهن وڌي ٿو.

سنڌي ساهت جي اِشاعت لاءِ ڪو دمدار پبلشر ڪونهي. ڪيئن هوندو؟ ڪو سنڌي ڪتاب خريد ڪندو هجي تہ پبلشر هجي. گذريل سال 2005 ۾ گوئا جي هڪ سيمينار ۾ تمل جي مشهور بزرگ ليکڪ کي. راجن ۽ مان ساڳئي ڪمري ۾ هئاسين. راجن تمل مان هنديءَ ۾ ۽ هنديءَ مان تمل ۾ ترجما بہ ڪندو آهي. منهنجين هندي ڪهاڻين جو تمل ۾ ترجمو ڪرڻ جي مرضي ڏيکاريندي، هن مونکان ڪهاڻين جو مجموعو گهريو، جو تہ ڪتاب مون وٽ هو، اُن وقت ئي جوڳي عبارت لکي مون کيس نظر ڪيو. ڪتاب مستڪ سان لڳائي، راجن قيمت ڏني ۽ پرس ڪڍي مونکي پئسا ڏيڻ لڳو. پتو پيو تہ تمل ۾ ليکڪ وموچن جو ڏينهن يا وقت مقرر ڪري، پبلشر جي دڪان تي ويهي پاٺڪن کي ڪتاب صحيح ڪري ڏيندو آهي. خريد ڪيل اهڙن ڪتابن لاءِ پاٺڪ بي صبريءَ سان اِنتظار ڪندا آهن. مون

پاشائن ۾ شُمار ٿيندي آهي. پر آخر ڇو سنڌي ساهتيہ جو ڏيئو، گهٽ ۾ گهٽ معيار جي ڏس ۾، وسامندو ٿو نظر اچي.

10 اپريل 1967 تي سنڌيءَ کي جوڙجڪ جي انين شيڊيوُل ۾ پندرهين پاشا جي روپ ۾ شامل ڪيو ويو. قانون موجب تنهن کان پوءِ سنڌي ٻارن کي پرائيمري سطح تائين تعليم مادري پاشا ۾ ملڻ کپندي هئي. پر اِئين ڪونہ ٿيو. مٿان وري مُصيبت اِها تہ سنڌي پارت جي جنهن پرڳٽي ۾ رهي ٿو، تنهنجي مڪاني پاشا، هندي ۽ انگريزيءَ کي سنڌيءَ جي مقابلي ترجيح جو دٻاءُ ڪيس پاڻ يا ٻارن کي سنڌيءَ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ - ڪرائڻ کان روڪي ٿو. هندي، گجراتي، مرهٽي ۽ ٻين پارتيہ پاشائن ۾ لکڻ وارن اُنهن سنڌي پاشين جي چڱي ڳٽپ آهي، جنکي راشٽريہ فلڪ تي عزت ملي ٿي. جيا جادواڻي، آنند سنگيت، هريش واسواڻي، جينت ريلواڻي، ڪنعيو اگناڻي کان شروع ڪري، اِن فهرست ۾ ويهارو کن نالا شامل ڪري سگهجن ٿا. پدم شري موتيلال جوتواڻي، سرڳواسي ايشور چندر ۽ ڀڳوان اٽلاڻيءَ کي تہ سندن پرڳٽن جون هندي اڪادميون بہ پنهنجي سڀ کان وڏي سنمان سان نوازي چڪيون آهن. سنڌي تعليم جو ٽُٽل ڦُٽل سرشتو ۽ سنڌي سکڻ پڙهڻ ۾ چاهہ جي ڪميءَ سبب پاشا تي اَڏڪار گهٽجڻ لازمي آهي.

سنڌيءَ جي مقابلي ٻي ڪا پاشا وڌيڪ پنهنجي لڳندي تہ ظاهر آهي يا تہ سنڌيءَ ۾ لکيو نہ ويندو ۽ جيڪڏهن لکيو ويندو تہ سنڌي لغت ۽ گرامر جي گهٽ ڄاڻ هئڻ سبب ٽُڙ بياني ڏوُر جو ڏونگر ثابت ٿيندي. گهرن ۾ ٻول چال جي سطح تي گهٽجندڙ سنڌيءَ جو واهپو حالتن کي بدتر ٿو بڻائي.

سنڌيءَ ۾ شايع ٿيڻ وارن رسالن، مخزنن ۽ اخبارن جو تعداد 60 کان وڌيڪ آهي. پر اُنهنجا سمپادڪ يا تہ پاڻ سنڌي پاشا جا ڄاڻو ڪونہ آهن يا اُنهن مان گهٽي پاڳي اهڙا آهن، جيڪي ڇپائيءَ کان اڳ ۾ رچنا ۾ جوڳيون درستيون نٿا ڪن. نتيجي طور پاشا وغيره جي

گهٽ آهي. اِنعامن جو تعداد وڌيڪ هئڻ سبب هر ليکڪ کونہ کو اِنعام، ڪڏهن نہ ڪڏهن ملڻ جي اُميد رکي سگهي ٿو. اَکل ڀارت توڙي مڪاني سطح تي خانگي اِدارا چڱي تعداد ۾ فقط آهن ئي نہ، سرگرم پڻ رهن ٿا. متيپيد آهن، پر ايڏا وڏا نہ جو ساهتيہ کي نقصان پهچي. ڀارت سرڪار عربي ۽ ديوناگري لپي ٻنهي کي تسليم ڪيو آهي. جنڪي عربي لپي نٿي اچي، اُهي بہ ديوناگريءَ لپيءَ ۾ ساهتيہ جو سرجڻ ڪري، ڪتاب ڇپارائي سگهن ٿا. مواد مخزنن کي گهرجي، تنهنڪري شايد ئي ڪنهن سنڌي ليکڪ جي رچنا اڻڇپيل رهجي ويندي هجي. اِنٽينسو ڪيئر يونٽ ۾ پرتي سنڌي ساهتيہ لاءِ اِهي سڀ مُدعا گڏجي وينٽيليٽر جو ڪم ڪري رهيا آهن، پر ڪنهن مريض کي وينٽيليٽر تي آخر ڪيترو وقت رکي سگهجي ٿو؟

تلسيداس چيو آهي تہ ساهتيہ بنا اِنسان پڇ ۽ سڱن رهت هڪ جانور آهي. سنڌي ساهتيہ ۾ قدرن ۽ مُلهن جي اثر سبب غئبي-اڻ غئبي، سڌي-اڻسڌي، ڇاٽل-اڻڇاٽل، ڪليل-لڪل نموني اوچ قسم جا ٻُڌيمان سنڌي اڄ بہ سماج ۾ موجود آهن. سمجهو ڀِتِ تي لکيل عبارت پڙهڻ ۾ ويرم نہ ڪندا آهن. قديمي ورثي کي قائم رکڻ لاءِ سنڌي ساهتيہ جي ڏيئي کي روشن رکڻ ضروري آهي. ڪم ڏکيو آهي، ناممڪن ڪونهي.

ورهاڱي جي ڪاپاري ڌڪ کي سهسائي، ڀارت ۾ سنڌين جيڪو مقامُ حاصل ڪيو آهي تنهن سبب هرڪا سياسي پارٽي چندي لاءِ سنڌي سيٺين ڏانهن ڏسڻ لاءِ مجبور آهي. اڄ تائين سنڌي سيٺين چندي جي بدلي شخصي ڪم ڪرايا آهن. جيڪڏهن بااثر سنڌي سيٺيون پنهنجي پرڳڻي جي سرڪار تي زوربار آڻن تہ سنڌيءَ جي تعليمي سکيا جو سرشتو قائم ڪرائي سگهجي ٿو. سچ اِهو آهي تہ آڪاشواڻي، دوردرشن، لوڪ سڀا، راجيہ سڀا سڇواليہ، وڏان سڀائون، پرڳڻن توڙي ڪيندر سرڪار جا قانوني محڪما، اِسڪول، ڪاليج، يونيورسٽيون وغيره اڪيچار اِدارا آهن جتي سنڌيءَ ۾ جوڳيون

صحيح ڪري ڪيس ڪتاب ڏنو، تنهن لاءِ احسانمند محسوس ڪندي، هن مونکي ڪتاب جي قيمت وٺڻ لاءِ چئي تہ مجبور ڪري ڇڏيو! اِنجا اُبتا مثال تہ هر سنڌي ليکڪ کي سوَن جي تعداد ۾ ياد هوندا، پر راجن جهڙو هڪ بہ مثال شايد اسان نہ ڏيئي سگهون.

سنڌي هونئن ئي گهٽ ٿا پڙهن. منووگيانڪن موجب، مُفت ۾ مليل ڪتاب، مخزن، اخبار يا رسالو پڙهڻ جو تہ سوال ئي نٿو اُٿي. پانڪ نہ هوندا تہ ليکڪ ڪنهنجي لاءِ لکندو؟ بنا وَٽِ، تيل ڏيئو گهٽي دير ٻرندو آخر؟ پبلشر نہ هئڻ سبب ليکڪ ڪتاب پاڻ ٿو ڇپارائي. پنهنجو ٻار هر ماءُ - پيءُ کي سُهڻو لڳندو آهي. پنهنجي رچنا هر ليکڪ جي نظر ۾ هڪ شاهڪار هوندي آهي. نتيجي طور، سُني معيار جا ڪتاب گهٽ ٿا ڇپجن ۽ ساهتيہ جي ڏيئي جي روشني ڏينهون پوءِ ڏينهن وڌيڪ پيلي ٿيندي ٿي وڃي.

ڪجھ عرصي کان صوبائي اَڪادميون، نئشنل ڪانونسل فار پرموشن آف سنڌي لئنگويج، اِنڊس اِنڊ فائونڊيشن وغيره ڪتاب ڇپارائڻ لاءِ مالي اِمداد ڏيڻ لڳيون آهن. ليکڪن کي اِنعام -اِڪرام جهجها ملڻ لڳا آهن. سرڪاري اِدارا اي.سي. ڪلاس جا ڀاڙا ڏيئي، سيمينارن ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ نيڊ ڏيڻ لڳا آهن. سياسي آڌار تي مقرر سرڪاري اِدارن جا ڪرتا-ڌرتا ڪوُئن کي هئڊ ڳڙي ڏيئي، نوان-نوان پساري پئدا ڪرڻ ۾ مشغول آهن. سنڌي ساهتيہ جي ٻيڙيءَ جي پتوار ٻڌجڻ جي قوت جنِ ۾ آهي، اُنهنکي پاسيرو ڪرڻ جي هرممڪن ڪوشش ٿي رهي آهي. ڪو اَياڻو بہ سمجهي سگهي ٿو تہ اِنهن چؤطرفن طوفانن جي وچ ۾ سنڌي ساهتيہ جي ڏيئي جو حشر ڪهڙو ٿيندو؟

نيڪ آهي تہ سنڌ ۾ چاول اَنيڪ ليکڪ روشن مناري جيان اَجا اسانجي وچ ۾ آهن. اِدارا اِشاعت لاءِ اِمداد ڏين ٿا، تنهنڪري پئسي جي اَڻاٺ سبب سامهون اَچڻ ۾ قاصر معياري ڪتاب بہ سچ جي روشني ڏسي ٿا سگهن. سنڌيءَ ۾ لکڻ وارا گهٽ، سرڪاري يوجنائون وڌيڪ آهن ۽ تنهنڪري ٻين ڀاشائن جي مُقابلي ۾، سنڌيءَ ۾ ڇاپيتي

ڳھڻو ڪجھہ حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ بہ اسان پئسو ڪمائڻ جي حَوس
کان آجا نہ ٿي سگھيا آھيون. اسان کان شايد وسري ويو آھي تہ تاريخ
پئسي وارن کي نہ، ذات ڏٽين کي ياد رکندي آھي. پئسو اوزار ٿي
سگھي ٿو، پر اُنجو جوڳو اِستعمال ٻُڌي ئي ڪندي آھي. پئسي ۽ پد
کي ٻُڌيءَ کان مٿي سمجھنداسين تہ خوشي ڪنارو ڪري ويندي،
ٻُڌيءَ کي آدر ڏينداسين تہ ساھتيہ ۽ ساھتيڪار، سماج کي جوڳي دشا
ڏيکاري سگھندا.

شايد احساس ڪمتري ھئي، جنھن ڪنھن وقت سپاھيملاڻين
کي سِپي، چيناننداڻين کي چينا ۽ ڪُراڻين کي ڪُروُ بڻايو ھو. وڌيل
مالي ۽ سماجي حيثيت سبب ھاڻي سنڌي پاڻ کي سنڌي چوارائڻ
کان نٿا ڪيٻائن، پر ضروري آھي تہ ھر سنڌي پنھنجي دائري،
ڪالوني يا شھر ۾ سنڌي ڏڻ-وار ڌام ڌوم سان ملھائي، سنڌي ھئڻ
جي احساس کي فخر ۾ تبديل ڪري. سنڌي ھئڻ جو فخر اسانکي
پنھنجي جڳ مشھور سيپتا ۽ سنسڪرتيءَ کي ڄاڻڻ-سمجھڻ جي
پريرڻا ڏيندو. اِن قسم جي پريرڻا سڌي نموني عام سنڌيءَ کي ساھتيہ
سان جوڙيندي.

سنڌي سماج ۾ ايترو آتم ٻَلُ آھي جو ٽئہ ڪرڻ ڪانپوءِ سنڌي
ساھتيہ کي آءِ.سي.يوُ. ۾ وينٽيليٽر تي رکڻ جي ضرورت ئي نہ پوندي.
ھڪ دفعو سنڌي پنھنجا فرض پورا ڪرڻ جو عھد ٻئي ڪنھن سان نہ،
پر پاڻ سان ڪن تہ پوءِ دنيا جي ڪابہ آنڌي سنڌي ساھتيہ جي ڏيئي
کي وسائي نہ سگھندي، آمين.

(ھفتيوار 'مھراڻ' جي جولاءِ 2006 ۾ اُلھاس نگر ۾ ٿيل ويھين
ساليانی جلسي لاءِ لکيل خاص ليک جيڪو 15 آگسٽ 2006 تي شايع
ٿيل ساليانی شماري ۾ ڇپيو)

ڏگريون حاصل اُميدوارن جي نہ هئڻ سبب پد خالي رهن ٿا. يوُ.پي.ايس.سي. ۾ ڪجهہ پرڳڻن جي پي.ايس.سيءَ جا اِمتحان سنڌي وشيہ کڻي ڏيئي سگهجن ٿا. جيڪڏهن دانشور سنڌي سماج کي اِنهن حقيقتن کان واقف ڪرائن تہ قائم ڪرايل تعليمي سکيا جي سرشتي جو فائدو عام سنڌي ضرور وٺڻ چاهيندو، سنڌي ڀاشا ۾ گرامر جي تعليم، ساهتيہ لکڻ ۾ پڙهڻ وارن جو تعداد بہ وڌائيندي تہ لکيل ساهتيہ جو معيار بہ اونچو ٿيندو.

سنڌي سماج جي هوُند واري طبقي کي گهر ۾ سنڌي ڳالهائڻ جو سلسلو وري شروع ڪرڻو پوندو. سروي ٻڌائن ٿا تہ سنڌي سماج جو غريب طبقو اڄ بہ گهر ۾ سنڌي ڀاشا کي محفوظ رکي وينو آهي. گهٽو-گهٽو وچون ۾ مٿيون طبقو وڌو چوارائڻ جي چاهہ ۾ پنهنجو پاڻ ئي سنڌيءَ ڏانهن مُنهن ڪندو. سنڌي ڳالهائڻ سان سنڌي پڙهڻ جا، سنڌي پڙهڻ سان سنڌي تعليم جا ۽ سنڌي تعليم سان سنڌي ساهتيہ جا رستا روشن ٿيندا. سنڌي ڳالهائي پنهنجي شاهوڪار سڀيتا کي اوڙاهہ ۾ وڃڻ کان تہ سنڌي بچائيندا ئي، هن ڀهوُڀاشي مُلڪ ۾ پنهنجي سڃاڻپ پڻ قائم رکي سگهندا.

سنڌ ۾ ڌرمائو ڪڍڻ جي پرمپرا هئي. ڀارت ۾ آهستي آهستي سنڌين ڌرمائو ڪڍڻ بند ڪري ڇڏيو آهي. ڌرمائو، خوشيءَ سان ڪمائيءَ جو خاص حصو ڪنهن سُٺي ڪم ۾ خرچ ڪرڻ جو هڪ سلسلو هو. چندا، دان سڀ اڄ بہ ڏيون ٿا، پر اُنهنجو گهٽو حصو مجبوريءَ ۾ ٿا ڏيون. چونہ سؤ سوا سؤ روپيا مهني جي ننڍڙي رقم ڌرمائو سمجهي اسان سنڌي ڪتاب، سنڌي اخبارون، رسالا ۽ مخزنون خريد ڪرڻ جو فيصلو ڪيون؟ هر سنڌي ڪٽنب پنهنجي وِتَ آهر گهٽ يا وڌيڪ رقم هر مهني سنڌي ساهتيہ خريد ڪرڻ لاءِ خرچ ڪندو تہ ڪو سبب ڪونهي جو سُٺو ساهتيہ، معياري رسالا، مخزنون ۽ اَخبارون وڏي تعداد ۾ نہ ڇپجندا. خريد ڪري پڙهڻ وارا پاٺڪ هوندا تہ پرڪاشڪ بہ اڳيان ايندا ۽ معياري ساهتيہ ڇپارائيندا.

اِستعمال ڪرڻ سندس نظرن ۾ اهڙو گناهہ هو، جنهنکي درگذر يا معاف ڪرڻ بنهہ ناممڪن هو. بي باڪيءَ سان مثال ڏيئي پنهنجي ڳالهہ کي ثابت ڪرڻ پرم جي سڀاءَ جو حصو هو. گوڙ ڪري، رڙيون واڪا ۽ مظاهرا ڪري دٻاءُ ناهڻ وارن کي للڪارڻ لاءِ هوُ پرزور نموني ورونڌ درج ڪرائيندو هو.

ساهتيہ اڪادميءَ جي ٻماهي انگريزي رسالي 'اِنڊين لٽريچر' جي سيپٽمبر - آڪٽوبر 1998 ۾ شايع ٿيل انڪ 137 ۾ سنڌي ساهتيہ کي مرڪز ۾ رکي مواد جي چونڊ ڪئي ويئي هئي. مخزن جي ايڊيٽورل 'هيئر اينڊ ناءُ' ۾ سمپادڪ ايچ.ايس. شو پرڪاش ظاهر ڪيو آهي تہ مواد جي چونڊ، سنڌيءَ مان انگريزيءَ ۾ ترجمو ۽ جديد سنڌي ساهت جو سروي سنڌيءَ جي ڄاتل سڃاتل آلوچڪ ۽ ليکڪ پرم ابيچنداڻيءَ ڪيو آهي. 'اِنڊين لٽريچر' جي سمپادڪ شو پرڪاش ايڊيٽوريل ۾ اِن ڳالهہ لاءِ پرم جي تعريف پڻ ڪئي آهي تہ هُن نيايہ جي تقاضن کي ڌيان ۾ رکي لکيل سروي توڙي چونڊ ۾ نہ پنهنجي رچنا شامل ڪئي آهي ۽ نہ پنهنجو ذڪر ڪيو آهي. سروي ۾ پرم ڪميونٽس ويچارڌارا جي ساهتيہ جي دؤر جو ذڪر ڪندي، اُن سموري لکڻيءَ کي ساهتيہ مڃڻ کان اِن آڌار تي اِنڪار ڪيو آهي جو تہ جهنڊابردار ليکڪن اي.جي.اُتم، گوبند مالهي ۽ ڪيرت ٻاٻاڻي وغيره جيڪو لکيو تنهنجي پٺيان سندن مُراد ساهتيہ معرفت ڪميونزم جو پرچار ڪرڻ هئي. پرم رچنائن جي چونڊ ۾ بہ ڪميونسٽ لابيءَ جي فقط هڪ ليکڪا سندري اُتمچنداڻيءَ جي ڪهاڻي شامل ٿيل آهي، جو تہ سندريءَ پيلي ويچارڌارا متاثر لکيو هجي پر ويچارڌارا جي پرچار جي مقصد سان نہ لکيو آهي. ديوناگري لپيءَ جي حمايتي ليکڪن سان هٿ ملائي ڪميونسٽ ويچار ڌارا جي اڳوان ليکڪ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي رهنمائيءَ ۾ گهٽڪندي مُهم شروع ڪئي ويئي. هندواسي، ڪوُنج ۽ جهولي لال ۾ ليک لکيا ويا. 'اِنڊين لٽريچر' کي خط موڪليا ويا. ساهتيہ اڪادميءَ کي 27سنڌي ليکڪن جو صحيح

پرم ابيچنداڻيءَ جو ساهتيڪ نظريو ۽ هنُ سان وابستا وواد

واتسيايان 'ڪام سُوتر' ۾ اِسترين کي چئن حصن ۾ ورهايو آهي، پدمني، چترڻي، شنکني ۽ هستني. اِها ورهاست هن جسماني آڌار تي ڪئي آهي. جيڪڏهن واتسيايان جي ورهاست ۾ جسم جي جڳهه تي ٻُڌيءَ ۽ عقل کي اهميت ڏني وڃي ها تہ زالن سان گڏ اُها جيئن جو تيئن مڙدن تي پڻ لاڳو ٿي سگهي ها. هونئن زال فقط جسم تہ نہ آهي! وئدڪ يُگ کان اڄ تائين مڙد رشين ۽ ودوانن سان گڏ انيڪ اِستريون گيان جي اونچاين جون حقدار رهيون آهن. پر ٻڌي ۽ مڙد واتسيايان جي اوک ٻوک جي دائري ۾ هجن ها تہ مؤجوده دؤر ۾ جيڪو نالو پدمني سان مشابهت ڪري ها، اُهو آهي پرم ابيچنداڻي. اهڙي شخصيت جيڪا نَهن کان چوٽيءَ تائين گيان، چنتن، پريوگ ۽ سچ جي کوج ۾ ٻڏل هئي.

پرم ابيچنداڻي اُنهن شخصن ۾ شامل نہ هو. جيڪي ڪنهن خاص ويچار يا ويچارڌارا جا اَنڌا پوئلڳ هوندا آهن. کليل دماغ ۽ بي ريائي سندس پڪا پختا جگري دوست رهيا. پاڻ کي ڪنهن طئـ شده کانچي ۾ قيد ڪري فيصلا وٺڻ کيس منظور نہ هو. نتيجن ڪٽر ڪميونسٽ چشمي سان ساهت کي ڏسڻ يا پيش ڪرڻ وارا هميشه هنجي آلوچنا جي دائري ۾ رهيا. پرم کُلي ڪري اعلان ڪيو هو تَرڪن ۽ دليلن جي آڌار تي پنهنجو نظريو صحيح ثابت ڪري سگهو ٿا تہ سامهون اَچو! هوُ ساهت کي نج ساهت جي روپ ۾ ڏسڻ چاهيندو هو. ساهت کي ڪنهن خاص ويچارڌارا جي پرچار جو ذريعو بڻائي

جو تعداد وڏائي ساهتيہ اَڪادميءَ کي هيسائڻ ۽ مونکي بلئڪميل ڪرڻ ۾ ڪامياب وڃي؟''

ظاهر آهي تہ ڪرشڻ راهيءَ معرفت ڪيرت ٻاٻاڻيءَ تي ڪيل ڀرم جي حملي ٻاهہ کي پنيت ٻڏايو هوندو. ڪيرت تي ئي پيج 17 تي حملو ڪندي ساهتيہ اَڪادميءَ جي اِنعام بابت هن لکيو آهي، ''ترقي پسندن جي حرفتبازيءَ ڪري ئي لڇمڻ ڀاٽيا جهڙن غير اديبن کي بہ اِنعام ملي سگهن ٿا، تہ پوءِ جيڪڏهن سوڊو ليکڪ ڪيرت خود پنهنجي لاءِ اِهو اِنعام اِستيج مئنيج ڪري ڪٽي ٿو تہ مونکي ۽ مون جهڙن ٻين کي ڪهڙو اعتراض ٿي سگهي ٿو. مونکي عجب فقط اِهو ٿو لڳي تہ هيل تائين هنُ پاڻ کي اِهو اِنعام ڇو ڪين ڏياريو آهي.''

سنڌيءَ جي ديوناگري لپيءَ جي حمايتن تي طنز ڪندي پيج 20 تي ڀرم لکي ٿو، ''هو (ترقي پسند) چون ٿا تہ لپيءَ سان هٿ چراند خلاف هنن جبري جنگ جوٽي اَهم رول اَدا ڪيو. اعتراض نامي تي ديوناگري لپيءَ ۾ هلچل سان وابستہ جن ليکڪن، خاص ڪري هيرو ٺڪر ۽ موتي جوتواڻي، صحيح ڪئي آهي، ظاهر آهي تہ مٿي ڄيل ٻن ڳالهين سان سهمت ٿيندي اعلان ڪيو آهي تہ ٻوليءَ جي تسليميءَ جو جس ترقي پسندن کي ملڻ گهرجي ۽ ٻيو تہ هوُ ديوناگري لپيءَ جي هلچل تان هٿ ٿا ڪڍن، ڇاڪاڻ تہ ترقي پسندن اِن خلاف جبري جنگ جوٽي اُن کي ختم ڪري ڇڏيو آهي. ظاهر آهي تہ چند مُفاد حاصل ڪرڻ لاءِ هي شخص پنهنجا اُصول بہ قربان ڪري ٿا ڇڏن.''

ڀرم جي ساهتيڪ قوت تي ڀروسو ظاهر ڪندي 'نظر ۽ نظريو' جي پيج 52 تي آنند کيماڻي چوي ٿو، ''ڀرم ۾ ايترو دم آهي جو اَدبي سطح تي ٿيهہ تہ ڇا ٿن سوَن جو مقابلو ڪري سگهي ٿو. اِنڪري اِن جدوجهد ۾ ڀرم جي مدد ڪري، آخر ۾ ڀرم کي ملڻ واري ڪريڊٽ کي مان شيئر ڪرڻ نہ چاهيندس.'' پيج 44 تي پنهنجي

ڪيل اعتراض نامو سؤنپيو ويو. ’اِنڊين لٽريچر‘ ۽ ساهتيه اَڪادميءَ پرم ڪان جواب ورتو ۽ سنتشٽ ٿيا پر هندواسي، ڪُونج ۽ جهولي لال سندس جواب ڇاپڻ ڪان ڪُلي ڪري اِنڪار ڪيو.

آنند کيماڻيءَ جهڙن دوستن جي راءِ مختلف هوندي به 25 آگسٽ 1999 ڪان مارچ 2005 تائين ستن قسطن ۾ پرم ڇؤپڙيون ڇاپي بيءَ ڌُر جي لڳايل اِلزامن جا جواب ڏنا. آگسٽ 2005 ۾ هن ڇؤپڙين ۾ شايع ليک ۽ ’اِنڊين لٽريچر‘ ۾ ظاهر سروي کي ’نظر ۽ نظريو‘ عنوان سان ڪتاب جي صورت ۾ شايع ڪيو. اَيمنيوءَ وانگر پنهنجن جي وچ ۾ گهيريل پرم جي اُن وقت جي ذهني حالت کي ڪو به حساس شخص بخوبي محسوس ڪري سگهي ٿو.

’نظر ۽ نظريو‘ ۾ اُن هرهڪ اِلزام جا وستار سان جواب ڏنا ويا آهن، جيڪي مخزنن، ’اِنڊين لٽريچر‘ کي لکيل خط ۽ ساهتيه اڪاڊميءَ کي موڪليل اعتراض نامي معرفت هن تي لڳايا ويا هئا. کيرت ٻاٻاڻي، لڇمڻ ڀاٽيا ڪومل، ڪرشن راهي، پوپٽي هيراننداڻي، موتيلال جوتواڻي، هري موٽواڻي، لعل پشپ ۽ هيرو ٺڪر لاءِ پرم پنهنجا تاثرات لکندي ڪٿي حملاور ٿو لڳي، ڪٿي نهن ڪان چوٽيءَ تائين ساهتيه ۾ غوطا ٿو هڻي ۽ ڪٿي نراسا جي گهٽاٽوپ انڌڪار ۾ پختي اِرادي جو روشن ترورو ٿو ڀاسي. چاهي ها ته هوُ خاموش رهي، پئدا ڪيل هڙراد طوفان جا ٿاڦوڙا برداشت ڪري ها پر ضمير اهڙي اِجازت ڪيس نه ڏني.

’نظر ۽ نظريي‘ ۾ پيج 15 تي پرم جون ستون ڪيس حملاور نوع ۾ پيش ٿيون ڪن، ”ترقي پسند ڪِلڪَ جي هڪ فرد ڪرشن راهيءَ، پر هفتي (مئي-جون 1983 انڪ) ۾ لکيو آهي ته جنهن کي صحيح معنيٰ ۾ ساهتيڪار چئجي اهڙا اسان وٽ 55-50 ساهتيڪار ئي آهن. جي اِئين آهي ته پوءِ سندس گروُ کيرت ٻاٻاڻي اِنڊين لٽريچر جي مذڪور اَنڪ جي خلاف سرڪيولر جاري ڪري گهٽگهرن ڪان صحيح ڇو ٿو وٺي؟ اِن لاءِ نه ته هوُ هڙرادو نموني صحيح ڪندڙن

اتي نظر اَچي ٿو. سال 2006 جي ڳالهه آهي. گيانپيٺ اوراڌ جي سنڌي صلاحڪار سمتيءَ ۾ مان، پرم ۽ شيام جئسنگهاڻي دهليءَ ۾ گيان پيٺ جي آفيس ۾ گڏيا هئاسين. اَڪائونٽنٽ پرم کي دهليءَ ۾ گهر کان ٽئڪسيءَ ۾ اچڻ تي ٿيل سمورو خرچ ڏيڻ کان آناڪاني ڪئي. پرم نه اُگرو ٿيو، نه بحث ڪيائين. ٽڏي آواز ۾ رسيد تي صحيح ڪرڻ کان منع ڪري رقم وٺڻ کان اِنڪار ڪري ڇڏيائين. ڪِڪو - وِڪو اڪائونٽنٽ اُن وقت ته موٽي ويو پر پوءِ اچي نهٺائيءَ سان معافي گهري پرم کي گهربل رقم ڏيئي ويو. ڪير ڇا چوندو، ڪير ڇا سوچيندو ۽ ڪير ڇا سمجهندو جي پرواه نه ڪري نيايه لاءِ مورچو سنڀالڻ جي همت ڏيکارڻ هرڪنهن جي ٻُوتي ۾ نه هوندي آهي!

دنيا جي ڪنهن به ملڪ ۾، ڪنهن به ڀاشا ۾ ڏيان ڏيڻ جوڳو جيڪو ڪتاب يا ساهتيه سامهون ايندو، پرم کي تنهنجي ڄاڻ ضرور هوندي. دنيا ۾ ساهتيه جا واد ۽ ڌارائون پرم لاءِ ڀلي ڀانت ڄاتل سڃاتل هونديون. مارچ 2001 ۾ حيدرآباد مان موٽندي جئپور لاءِ فلائيٽ اٽڪل ڇهن ڪلاڪن جي وقفي کان پوءِ ملڻي هئي. اِن وچ ۾ پرم سان گڏجڻ جو پروگرام هو. جئپور موٽي مونکي دهلي سنڌي اڪاڊميءَ جي سيمينار لاءِ ’سنڌي ساهت ۾ جنس‘ وشيه تي پيپر لکڻو هو. پرم کان خاص نقطن لاءِ پڇيم ته هُن اُن وقت ئي اٽڪل اڌ ڪلاڪ يڪساهي سنسڪرت ساهت، وشو ساهت ۽ سنڌي ساهت ۾ جنس تي ڄڻ ته وياکيان ڏنو. هُن مونکي اُنهن ڪتابن جا حوالا پڻ ڏنا ۽ ٻڌايا، جيڪي مقالو لکڻ جي لحاظ کان مددگار ٿي پيا سگهن. اِئين بيني ڪنهن به وشيه تي وستار سان ڄاڻ ڏيڻ جي سگهه سندس اَڀياس ۽ کيل اَڀياس کي پچائڻ جو ئي نتيجو آهي.

سال 2016۾ ساهتيه اَڪادميءَ ’ڀارتيه ساهتيه ڪي نرماتا پرم ابيچنداڻي‘ عنوان سان مونوگراف شايع ڪيو آهي. هنديءَ ۾ ڇپيل پرم نسبت مواد جو سمپادن نامديو تاراچنداڻيءَ ڪيو آهي. ڪتاب جي باب ’پرم ابيچنداڻي جيون جهلڪ‘ ۾ نامديو لکي ٿو،

مُهم ۾ مَحڪَم عقيدو ظاهر ڪندي پرم لکي ٿو، ”پرم ابيچنداڻي اڄ هڪ اهڙي موڙ تي بيٺو آهي جتان هُنکي پنهنجي بندوءَ کان سُري پري ٿي وڃڻ جو ڪو جائز سبب نہ آهي.“

هڪ پاسي پرم ابيچنداڻي ساهتيہ ۾ اُنهن شخص سان ٽو ٽڪرائي جنکي عام طور سان ٽسينگ مچيو ويندو آهي ۽ ٻئي پاسي اُسرندڙ پر ذهين ۽ اُميدون جاڳائيندڙ ليکڪن کي همٿائڻ لاءِ انگد جو پير ٻڌڻ ۾ ويرم نہ ڪندو هو. سي.ايچ.ڊي. پاران 1985 ۾ منهنجي ناٽڪ ’پالتوُ‘ کي سال جي پنجن ڪتابن مان هڪ سٺي ڪتاب جو اِنعام مليو هو. ’پالتوُ‘ سنڌيءَ ۾ منهنجو پهريون ڪتاب نہ هو ئي، سنڌي ليکڪ جي روپ ۾ مان بلڪل اڻڄاتل ۽ اڻسڃاتل هوس. ناٽڪ جو مهاڳ ضرور پريم پرڪاش لکيو هو. موهن ڪلپنا ۽ ايشور چندر جهڙن مقبول ليکڪن جا ڪتاب بہ اِنعام حاصل ڪرڻ وارن ۾ شامل هئا.

اِنعام وٺڻ اُلهاس نگر ويس تہ ٻين سنڌي ليکڪن سان گڏ پرم ابيچنداڻيءَ سان بہ ملاقات ٿي. هُن ٻڌايو تہ فيصلي وقت ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جو چوڻ هو تہ پيڳوان اٿلاڻيءَ جو نالو ڪڏهن نہ ٻڌو آهي. مواد ضرور چورايلُ آهي. پرم جواب ڏنس تہ پريم پرڪاش جو لکيل مهاڳ ثبوت آهي. ڪتاب پيڳوان اٿلاڻيءَ جو ئي لکيل آهي. ڪيرت جي ٻي دليل هئي، بلکل نئين ليکڪ جي پهرئين ڪتاب تي اِنعام ڏيڻ مناسب نہ آهي. پرم جو زور اِن ڳالهہ تي هو تہ اِنعام ليکڪ جي نہ، ڪتاب جي آڌار تي ڏنو ويندو. تنهن کان پوءِ اهڙا اَکيچار مثال سامهون ايندا رهيا، جيکي پرم جي اِن جذبي جي پوئواري ڪندڙ هئا. لياقت رکندڙ نئين ٿهي سنڌي ساهتيہ ۾ اڳيان وڌي، تنهن لاءِ پرم ڪجهہ بہ ڪرڻ لاءِ تيار رهندو هو، رهنمائيءَ کان شروع ڪري سرپرستيءَ تائين.

سچ سان ٻانهن ٻيلي ٿيڻ ۽ غلط جي برخلاف مضبوطيءَ سان ڏورا ڏيکارڻ جو پرم جو جذبو ساهت ۾ ئي نہ زندگيءَ جي هر قدم

نئين روايت جو ڪهاڻيڪار گلزار

نظمون، غزلون، ڪويتائون، ڪهاڻيون، سنسمرڻ، مضمون وغيره گڏوگڏ لکڻ وارا ذهين قلمڪار پنهنجي فن جو جوهر عام طور سان ڪنهن هڪ اِسم ۾ وڌيڪ تجليدار نموني ظاهر ڪري سگهندا آهن. رابيندرناٿ ٽئگور اڳ ۾ ڪوي هو، تنهنڪان پوءِ ناول نويس، ڪهاڻي نويس، ناٽڪ نويس، چترڪار يا سنگيتڪار هو. هريونشراءِ بچن هجي چاهي رامڌاري سنگهه دنڪر يا جئشنڪر پرساد ۽ ڀارتيندو هريشچندر، ڪنهن هڪ اِسم ۾ کين مهارت حاصل هئي. وقت جي تقاضن کي ڏيان ۾ رکي پلي هڪ کان وڌيڪ اِسم، ليڪن جي ويچارن کي نمايان ڪيو هجي پر پسند خواه مقبوليت جي خيال کان کين فقط هڪ اِسم سان جوڙي ياد ڪيو ويو آهي.

ليکڪ ۾ سگهه گهٽڻ اِسمن ۾ خلقڻ جي چونڊ هجي، سندس مٿان ڪو هڪ اِسم چڙهي نازل ٿيندو آهي، هن تي. نه ته پڙهڻ لکڻ جي خيال کان پوريءَ طرح ناسازگار ماحول ۾ ليکڪ پئدا نه ٿين ها! اُس، هوا ۽ پاڻيءَ جي اَڻاٽ ٻوٽن کي اُسرڻ نه ڏيندي آهي. پر ساهتيه جي 'س' ٻه جنجي لاءِ پرائي هئي، اُنهنجي وچ ۾ ذهين ليکڪ، سنويدنشيل ڪوي ۽ تکي نظر رکڻ وارو فلم ڪار فقط جاڳو ۽ نپنوئي نه، اهڙين بلندين تي ٻه پهتو جن جي خواب کان پڻ وانجهيل هئا سندس آسپاس رهندڙ. هاڻي پاڪستان جي صوبي پنجاب جي ضلع جهيلم جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ دينا ۾ رهندڙ سِکَ ڪٽنب ۾ مکڻ سنگهه ڪالرا ۽ سُجان ڪؤر جي گهر ۾ 18 آگسٽ 1934 تي ڄاول ٻار سمپورڻ سنگهه ليکڪ ۽ فلمڪار بڻجندو، ڪير پيو سوچي سگهي اِها ڳالهه؟ ورهاڱي کانپوءِ ممبئيءَ ۾ گئراج ۾ ڪار مئڪينڪ جي روپ ۾

''विश्व साहित्य के प्रवाह से भलीभांति परिचित रहने वाले परम अबीचन्दानी संस्कृत साहित्य एवं संस्कृत काव्य शास्त्र से भी उतनी ही निकटता एवं आत्मीयता रखते थे। उनकी समालोचनाओं में यत्र-तत्र संस्कृत आचार्यों का निरन्तर उल्लेख ही नहीं, कई बार टिप्पणियां भी मिलती हैं। उनके द्वारा संस्कृत आचार्यों, उनकी कई प्रसिद्ध-अप्रसिद्ध रचनाओं या साहित्य प्रवाहों पर स्वतंत्र सुदीर्घ आलेख व अभ्यास लेख भी मिलते हैं। यह बात भी उन्हें सिन्धी भाषा के उनके समकालीन विद्वानों में 'विशेष' स्थान दिलाती है।''

لاڳيتي اڀياس سبب پرم کي ساهتيہ ۾ نئون سوچ، سوچ جون نيون ڏارائون ۽ ڏارائن جو اڻ ڇهيل وهڪرو هميشهہ متاثر ڪندو هو. سندس لکيل ناول ۽ ڪهاڻيون تہ اِن ڳالهہ جو ثبوت آهن ئي، آلوچنا ۾ بہ اِهو لاڙو نمايان آهي. آنند کيماڻيءَ طنز ۾ پرم کي 'جينٽلمئن آلوچڪ' جو لقب ڏنو آهي. سچ پچ هوُ آلوچنا ۾ لفظن ۽ بيانن جي ڏس ۾ شائستگي وارو، خطرا کڻي وهڪري کي نوان موڙ ڏيڻ وارو 'اي جينٽلمئن ٽريڪر آلوچڪ' هو. ضروري هجي تہ ٻانهن موڙي ۽ ڪن ڇِڪي اوڻايون سامهون آڻڻ ۾ هن ڪڏهن بہ پرهيز نہ ڪئي. جوڳي ساراه ڪرڻ ۾ بہ هوُ ڪڏهن پٺيان نہ رهيو. پرم جي آلوچنا جو آڌار دوستي، ناتا، دشمني، وير يا پسند-ناپسند جي جڳهہ تي ليکڪ جي رچناشيلتا هئي.

عام ليکڪن کان سندس هستي بلڪل جدا هئي. جيئن واتسياين 'ڪام سوُتر' جي رچنا ڪري روايت جي برخلاف، خطرو کڻي، وهڪري کي سجاڳ دماغن ۾ قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، اهڙي ئي نموني پرم پنهنجي ساهت، وهنوار ۽ هلت چلت معرفت هڪ نئين ليک ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي.

نون رستن کي اَڏڻ وارن سان وواد نہ جڙن، اِهو بہ ٿيو آهي ڪڏهن ڀلا؟

(دهلي سنڌي اڪادميءَ پاران دهليءَ ۾ 11-10 فيبروري 2018 تي ٿيل سيمينار ۾ پڙهيل پيپر)

لفظن جي عام فهم اِستعمال سبب پريم چند جي پرمپرا جو ليکڪ آهي. گلزار جي ساهتيہ جي ٻوليءَ جي سطح تي اپيل پريمچند جي ساهتيہ جي اثر جهڙي آهي. هوُ ٻئي هڪ ٻِئي سان ايترا ويجها آهن جو صحيح ڪري گلزار خود پنهنجو هرهڪ ڪتاب پوَن جها کي پيٽ ڪيو آهي. پنهنجي مطالع کي اڳيان وڌائيندي پوَن جها چوي ٿو تہ ٻوليءَ ۽ چتراتمڪ ورڻن جي خوبين گلزار جي ڪن ڪهاڻين تي فلم ناهڻ لاءِ نرماتائن-نرديشڪن کي پريرت ڪيو. سندس ڪهاڻي 'سيما' تي 'لباس'، گدڊو' تي 'گدڊي' ۽ 'ايل.سي.او' تي 'ڪيا دللي ڪيا لاهور' فلمون ٺهيون. اِنهن ٺنهين فلمن کي ذهين درشڪن جي ڀرپور ساراهہ ملي. ڪيس فلم فيئر، نئشنل ۽ راشٽرپتي اوارڊ ملڻ جي بنياد ۾ اِنهن فلمن جو اَهميت ڀريو ڪردار آهي.

گلزار جي ڪهاڻين جي سڀ کان وڏي خوبي منظرڪشي آهي. فلمن جي خيال کان هن خوبيءَ سبب گلزار جون ڪهاڻيون سنين فلمن لاءِ ڪچو مال ثابت ٿيون آهن. پر ساهتيڪ معيار ۽ اَثريابيءَ جي لحاظ سان منظرڪشي ڪهاڻين جي جذباتي پاسي کي ڇيهو ٿي رسائي. 'گُڊڊو' ۽ 'ايل.او.سي.' تي ٺهيل فلمون جذبات کي ڇُهڻ ۾ جيتريون ڪامياب آهن، ڪهاڻيون اُن درجي تائين پاٺڪن جي اندر نٿيون وڃن. سندس مشهور ڪهاڻيون 'بنٽوارا' (ڪهاڻين جي مجموعي 'سانولي چاندني رات' ۾ 'تقسيم') 'ذئان'، 'خؤف'، 'راوي پار'، 'جامُن ڪا پيڙ'، 'ڪاغذ ڪي ٽوپي' ۽ 'جنگلناما' ساهتيڪ روپ ۾ معياري هوندي بہ پاٺڪ جي ڀاوناٺن ۾ اوتري ولوڙ پئدا نٿيون ڪن جيتري قوت ڪهاڻين جي پيشڪش ۾ آهي. وري ڏسجي تہ چتراتمڪتا گلزار جي ڪهاڻين جي سڀ کان وڏي طاقت سان گڏ سندس مؤل مزاج آهي. تنهنڪري هيءَ خاص ڪنڊ هنجي ڪٿا ساهتيہ کي ٻين ليکڪن جي مقابلي سرس ثابت ٿي ڪري. ڇٽي سگهجي ٿو تہ گلزار جي ڪهاڻين ۾ نمايان درشيہ بنڌ، ٺاهيل فريم ۽ ڪينچيل چتر سندس هندستاني ٻوليءَ جي ڇهاءَ سبب پاٺڪ کي ماندو ضرور ٿا ڪن.

ڪم ڪندي سمپورڻ سنگهه ڪالرا اهڙ گلزار ڏينوي ۽ پوءِ فقط گلزار تخلص سان نظمون لکڻ لڳو. پيءُ جا دڙڪا به گلزار جي قلم کي مڏو نه ڪري سگهيا.

فلمن جيڏان پنهنجي لکيل اُڌمن ۾ گلزار خوبصورت رنگ ڀري اُنهن کي پڙهڻ کان وڌيڪ درشين ۾ پوئيندو هو. بمل راءِ جي رهبريءَ ۾ ميناڪماري، شئليندر، پوشڻ بنمالي، ڪمليشور، ساحر لڌيانوي وغيره حساس فلم شخصيتن جي صحبت سبب گلزار جي چترميه لکڻيءَ کي بي پناه مقبوليت ملي. مُول روپ سان گلزار اُردوءَ ۾ لکيو آهي. پر سولي ۽ سُپڪ اُردو، مهاتما گانڌيءَ جي زبان ۾، هندستان جي هر عام ۽ خاص کي هندستاني ٻولي ٻڌجي پنهنجي محسوس ٿي. فلمن لاءِ لکيل سندس گيت، اِسڪرين پلي، گفتگو، ڪهاڻيون وٽندڙ تشبيهن، سهڻن لفظن ۾ ڇُهندڙ منظرڪشيءَ سبب درشڪ کي ته دلڪش لڳيون ئي، آلوچڪن کي پڻ موهيندڙ لڳيون. معياري هوندي به، ساهتيڪ پئمانن تي چوويهه ڪئريٽ کري هوندي به گلزار جي نظم ۽ ڪهاڻي فلم جو وقت کي اورانگهيندڙ فريم ٻڌجندي رهي. هُو اَڪيلو شخص آهي جنهنکي هڪ پاسي 2002 ۾ اُردوءَ ۾ ڇپيل ڪهاڻين جي مجموعي 'ڏُئان' لاءِ ساهتيه اڪادميءَ اوارڊ مليو ۽ ٻئي پاسي ويهه دفع نيشنل اوارڊ عطا ٿيا.

گلزار جي هنديءَ ۾ شايع ٿيل ڪهاڻين جي مجموعي 'سانولي چاندني رات' جي سمپادڪ اَشفاق اَحمد صديقي ڪتاب ۾ ڇپيل پنهنجي پوُمڪا 'گلزار ڪا ويڪتيتو' ۾ لکيو آهي،

''गुलज़ार साहब की ये कहानियां बहुत पहले मैंने उर्दू में पढ़ी थीं, फिर इक्का दुक्का हिन्दी में छपने लगी थीं। उनकी ज़बान हिन्दी में पढ़ो तो हिन्दी लगती है, उर्दू में पढ़ो तो उर्दू लगती है।''

گلزار جي ساهتيه، فلمن ۽ زندگيءَ جو ڳوڙهو اڀياسي پوَن جها سندس ٻوليءَ جي اِن خصوصيت کي اُردوءَ ۽ هنديءَ .ـي مشهور ساهتيڪار پريم چند سان جوڙيندي چوي ٿو ته گلزار هندي ۽ اُردو

جو سفر وشواس ۽ پروسي جون حدون ٽوڙي سوالن سان مڪاميل ڪرڻ
ٿو لڳي.

گلزار جو ڪهاڻيون چترميه آهن. پاٺڪن کي پڙهڻ کان وڌيڪ مزو ڏسڻ جو ٿيون ڏين سندس ڪهاڻيون. پر ڪجهه ڪهاڻين کي شبد چتر جو لقب ڏجي ته وڌاءُ نه ٿيندو. ’باس‘ ۾، جهوُپڙپٽي ۾ رهڻ وارن کي سيمنٽ جي نهيل پڪين جڳهين ۾ وسايو ٿو وڃي. وهنوار ۾ ڪنهن به سرڪار جي اِن قدم جي تعريف ڪئي ويندي آهي. گلزار هڪ ڪمري واري پڪيءَ جڳهه ۾ پهچڻ کانپوءِ پيش اچڻ وارين تڪليفن جو اهڙو شبد چتر ’باس‘ ۾ ٺاهيو آهي، جنهنکي پڙهڻ کانپوءِ سرڪار جو قدم جهوپڙ پٽيءَ ۾ رهڻ وارن سان ڪيل گُناهه محسوس ٿيڻ ٿو لڳي. اَميرن لاءِ برسات مزا ماڻڻ جو مؤسم هوندو آهي. ممبئيءَ ۾ ڪولين ۽ ڪچي بستي ۾ رهڻ وارن لاءِ برسات مصيبت جو ٻيو نالو آهي. ’جهڙي‘ ۾ گلزار هڪ ڪچي بستي کي ڪينواس بڻائي آسمان مان پاڻيءَ جي روپ ۾ ڪرندڙ آفت جي، لفظن ۾ هوُبهوُ منظرڪشي ڪئي آهي. ’سارٿي‘ ۾ اِسٽيم بوٽ ۾ ڪم ڪندڙ صفائي ڪرمچاري ماروتيءَ کي مرڪز ۾ رکي هيٺئين طبقي جون ٻاهران نظر نه اچڻ واريون تڪليفون شبد چتر ۾ اُڪيريون ويون آهن. فٽپاٿ تي رهڻ ۽ رات گذارڻ وارن جي زندگيءَ جا اڻڏٺل پاسا گلزار ’فٽپاٿ سي‘ ۾ بيحد باريڪيءَ سان ڏيکاريا آهن.

آتنڪواد جي پئدائش ڪيئن ٿي؟ ظلم ۽ اِنساني حقن جي پڇڪڙيءَ کي آتنڪواد جو ڪارڻ مڃڻ سِڪي جو فقط هڪ پاسو ٿي سگهي ٿو، پر آتنڪواد کي ختم ڪرڻ لاءِ سرڪار طرفان اِستعمال ٿيندڙ طريقا ۽ اُنهن کي اَپنائي سامهون آيل نتيجا، گهرائيءَ سان ويچار ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿا ڪرائن. آتنڪواد جي دؤر ۾ ڪشمير ۾ قهر جي حدن تائين ملٽريءَ جي سختيءَ کي آڌار بڻائي لکيل گلزار جي ڪهاڻي ’تلاش‘ اِن پسمنظر تي ويچار ڪرڻ جي تقاضا پيش ٿي ڪري. اڳوڻي پرڌان منتري راجيو گانڌيءَ جي قتل

گلزار جي ڪهاڻين ۾ ورهاڱي جا ڇِٽ ڀرپور آهن. ’بنٽوارا‘ يا ’نقيسمر‘، ’ايل.او.سي.‘، ’راوي پار‘، ’اوور‘ ۽ ’ڊُمبي‘ ۾ گلزار دهشت جيً دؤر ڪي واردانن جي رنگ ۾ رنگي پاڻڪن آڏو آندو آهي. گلزار ورهاڱي وقت تقسيم ٿيل پنجاب جو منظر اڪين سان ڏٺو ۽ محسوس ڪيو. سندس ڪهاڻين ۾ اُهي ئي آزمودا آهن. پنجاب وانگر اڌ بنگال پڻ ورهاڱي جي نتيجي طور پاڪستان ڪي مليو هو. سنڌ تہ سموري پارت کان جدا ٿي ويئي هئي. پنهنجي نموني ورهاڱي جو قهر اِنهن صوبن جي باشندن تي نازل ٿيو هو. گلزار جي ڪهاڻين ۾ خشونت سنگهہ ۽ ڀيشم ساهني وانگر سندس ڀوڳيل، ڏٺل ۽ محسوس ڪيل ورهاڱو نمايان ٿي، اِها ڳالهہ تہ سمجهہ ۾ اچي ٿي پر ولوڙ پيدا ڪرڻ جي ڏس ۾ بہ سندس ڪهاڻيون اِنهن ڪهاڻيڪارن جي مقابلي پنيان آهن. گلزار جون ورهاڱي تي لکيل ڪهاڻيون پڙهي اُن دؤر جي وحشت تہ نمايان ٿئي ٿي پر اِمڪانن ۽ نتيجن جو درد ڳوڙها بڻجي اکين ۾ نٿو لهي.

گلزار جون ڪهاڻيون ’ساحر اؤر جادو‘، ’ڪلديپ نئير اؤر پير صاحب‘، ’پوشڻ بنمالي‘، ’مِٽي تلي‘، ’شارٽ ڪٽ‘، ’خؤف‘، ’سنسئٽ بُل وارڊ‘، ’بنٽوارا‘ يا ’تقسيم‘، ’بمل دا‘ ۽ ’جامُن ڪا پيڙ‘، گذريل وقت ۾ جيئڻ جي ڪوشش ٿيون ڪن. گلزار جا هندي مجموعي ’پچلي پنني‘ ۾ شامل وِمل راءِ، سِلِل چوڌري، مينا ڪماري، پنچم، گوپيچند نارنگ، احمد نديم قاسمي، جتن داس، باسوُ، شهريار وغيره تي لکيل سنسمرڻ اِن خيال کان خوبصورت ۽ ناياب آهن جو هوُ پاڻ اُنهن ۾ ڪار جي پنئين سيٽ تي ويٺل حساس همسفر کان وڌيڪ نہ آهي. پر گذريل دؤر تي لکيل ڪهاڻين ۾ گلزار جي هٽ مان ترڪي ويل وقت کي ساراهڻ جي ڪوشش، ڪيس اُتينجيوي يا Nostalgic ثابت ٿي ڪري. آزمودا ڪنهن بہ ڪهاڻيڪار جي طاقت هوندا آهن. پر جڏهن ليڪ اُنهن ۾ شدت سان شامل ٿو ٿي وڃي، اُنهنکي ورائي جيئڻ جي اَرمان ۾ مُبتلا ٿو ٿي وڃي تہ رچنا

نظام جي ہمنھائي، ’جامُن ڪا پيڙ‘ ۾ بدلجندڙ ملهن جو نتيجو، ’چؤرس رات‘ ۾ خاموش اِنتظار جي ويڳاڻپ، ’دسِتون ايڇ‘ ۾ طاقتور پرڏيهي دشمنن سان جنگ ۾ مقابلي جي تياري، ’اَننيان‘ ۾ راجنيتي، پوليس سرشتي ۽ گنڊاگرديءَ جي وچ ۾ ڇيپاٽجندڙ عام شخص کي مرڪز ۾ رکي گلزار سماج ۾ مؤجود ڇيندڙ نشترن جي پڙتال ڪئي آهي.

’فصُل‘ ۾ شوشڻ ۽ ’ڊليا‘ ۾ سرمائيدارن طرفان غريب عؤرتن جي ديهه کي زبردستي ڳوهڻ جون وارداتون فنائتي نموني ڪهاڻيءَ جي روپ ۾ بيان ڪيون ويون آهن. ’ڪاغذ ڪي ٽوپي‘، ’سانجهه‘ ۽ ’ايڊجسٽمينٽ‘ ۾ پيار جون گهرايون ناپڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. قدرت جي برخلاف اِنسان جي هٺ ڇُراند تي لکيل گلزار جون ڪهاڻيون ’هابُوُ ڪي آگ‘، ’جنگلناما‘ ۽ ’نارنگي‘ اُن آپدا جا اُهڃاڻ ٿيون ڏين جيڪا سيپتا جي در تي دستڪ ڏيئي رهي آهي.

گلزار جون ٻه ڪهانيون ڪابي يا ساجي پاسي ڏني بنا پارت ۽ پارتيہ سماج جي بهبوديءَ جو رستو ٻڌائيندڙ آهن. ’ايڪتا‘ ۾ ڇئن الڳ الڳ صوبن گجرات، پنجاب، بنگال ۽ مدراس جا رهواسي رات جو جهنگل ۾ ڦاسي ٿا پون. چارئي سوارت ۾ ٻڌل آهن ۽ هڪ ٻئي کان ڊجي رهيا آهن. ڪهاڻيءَ ۾ لکيل لفظن ۾ سنديش ڏنو ويو آهي تہ ايڪتا ڏيکاري ئي هوُ پنهنجو ۽ ملڪ جو پلو ڪري سگهن ٿا. ’ڪپتان چاچا‘ ۾ ترنگي بابت دلچسپ نموني وچوُر ڏيڻ سان گڏ ديش کي سڀ کان مٿي رکي سوچڻ ۽ فيصلا وٺڻ جو سنديش ڏنو ويو آهي. مت، واد، ويچارڌارا ۽ فلسفي کان مٿي وجي گلزار هنن ڪهاڻين کي لکي ثابت ڪيو آهي تہ ڌرم، ڀاشا ۽ سوچ جي سطح تي ڪجهه ٻہ ڇونہ هجون، پر هميشهہ ياد رکڻ گهرجي تہ سڀ سڄاڻپون ملڪ جي بهبوديءَ سان ئي شانائتيون ٿينديون. پارت مضبوط آهي تہ پارت جا رهواسي مضبوط آهن. ملڪ کي اڳيان وٺي وڃڻ لاءِ ايڪتا ۽ ديش لاءِ ڪجهه ڪرڻ جو جذبو بيحد ضروري آهي.

کي ڏيان ۾ رکي، مالا وجهي، پاڻ واري سان گڏ پاڻ کي به بم سان
اُڏائڻ واري عؤرت جي اُڻ-تڻ جي ڪهاڻي 'سويمور' آتنڪوادي
واردات جو من اِستثي سان جوڙي ڪري پيش ڪيل خلاصو آهي.
آتنڪواد جي ٻئي چهري نڪسلواد تي لکيل ڪهاڻي 'ودائي' ۾
گورک پانڊي جي نڪسلوادي مهم جي جذبي ۽ آتم هتيا کي چشم
بنديءَ واري طرز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. اِنهن ڪهاڻين کي هڪ
خاص ويچار جي اُٿت مڃجي تڏهن به بي طرفدار نموني اِنهن تي
غور ڪرڻ جي گهرج محسوس ٿي ٿئي.

فسادن، هندو مسلم دنگن، زوريءَ زناءَ ۽ ڌرم جي آڌار تي
نفرت کي مرڪز ۾ رکي لکيل گلزار جون ڪهاڻيون 'هِلسا'، 'خؤف'
۽ 'ڌُئان' ڀارتيه سماج جي اهڙي ناسُور جو حساب آهن، جنهنجو حل
آزاديءَ جي هيترن سالن کان پوءِ به ڪنهنکي سمجهه ۾ نٿو اچي.
وارداتن جو تعداد ڏينهون ڏينهن وڌندڙ آهي. حقيقتون پيش ڪرڻ
اخبارن جو ڪم آهي. ساهتيڪار کان سماج مسئلي مان ٻاهر نڪرڻ
۽ نجات حاصل ڪرڻ وارو رستو ٻڌائڻ جي اُميد رکندو آهي. گلزار
مسئلن کي ته اثردار طريقي سان ڪهاڻين ۾ اُتاريو آهي پر اُنهن جو
مقابلو ڪرڻ واري مدي تي خاموش رهيو آهي.

سماج ۾ نظر ايندڙ ٻيائي، هيڻائين، مٺائين، غيربرابريءَ جو
وهنوار، غلط رسمون، روايتون، ڌرم يا پئسي جي آڌار تي اِنسان جي
ڪٽ، مرد ۽ عؤرت ۾ ڀيد ڀاءُ، ملهن ۾ وشواس جو سنڪٽ
رشوتخوري ۽ ڏيب جي لالچ جهڙن وشين تي لکيل گلزار جون ڪهاڻيون
بهتريءَ لاءِ ليکڪ جي چنتا جو ثبوت آهي. 'ڪِسڪي ڪهاني' ۾
ليکڪ جي ڀارتيه سماج ۾ حيثيت، 'مرد' ۾ نابالغ پٽ جو ماءُ سان
پيءُ وانگر تاناشاهي وهنوار، 'هاٿ پيلي ڪر دو' ۾ جوان ٿيندي ئي
ڌيءُ جي شادي ڪرڻ نسبت ماءُ جي بيچئني، 'حساب ڪتاب' (بي
عنوان 'سانس ليتا سونا') ۾ پڙهيل ۽ ڪمائيندڙ نهن چوندڻ پنيار
نيمائتو سونو بيضو حاصل ڪرڻ جي مراد، 'مبارڪ هو تُم' ۾ چرچ جي

’مِٽي تلي‘ زلزلي جي شڪار بخاريءَ طرفان اوچتو ٿيل حادثي جي خاموشيءَ ۾ چيل زنده ڪهاڻي آهي. ’شارٽ ڪٽ‘ پهاڙن ۾ رستن جي حالتن، تڪليفن ۽ خطرن کي بيان ٿي ڪري. ’داداجي‘ ۾ دادا جي، جسونت ۽ بنٽيءَ کي ڪردار بڻائي هڪ ڪوڙي حقيقت کي درج ڪيو ويو آهي ته بزرگ پنهنجن آزمودن کي جڏهن هدايتن جو جامو پهرائيندا آهن ته بار پوسرڻ لڳندا آهن. ’ڏت تيري ڪي‘ ۾ بس ۾ مليل ڇوڪريءَ جي مشابهت ناول ۾ پڙهيل ڪردار سان ڪندي وهم ۾ اُلجهڻ جي ڪهاڻي آهي. اِنهن ڪهاڻين کي پڙهڻ کان پوءِ گلزار جي هر طرف ويندڙ نگاهه جو سِڪو مڃڻو ٿو پوي. هوُ هرحال ۾، هرشخص کي اندران ۽ ٻاهران ڏسي ٿو. گلزار جي ليکڪ جو اِهو سگهارو پاسو آهي.

گلزار جي ڪهاڻين جا ٽي مجموعا هنديءَ ۾، هڪ مجموعو اُردوءَ ۾ ۽ ترجمو ٿي ڪري ٻه مجموعا انگريزيءَ ۾ شايع ٿيل آهن. هنديءَ ۾ ’ڊيوڙي‘، ’راوي پار‘ ۽ ’سانولي چاندني رات‘، اُردوءَ ۾ ’ڌئان‘ ۽ انگريزيءَ ۾ ترجما 'My Favourite Stories : Bosky's Panchtantra' ۽ 'Half a Rupee' ظاهر ٿيا آهن. اِنهن مجموعن ۾ ڪل 57 ڪهاڻيون آهن.

ڪجهه مجموعن جي مهاڳ ۾ ڪجهه ڪهاڻين ۾ اهڙيون هڪ ٻئي کي ڪٽيندڙ يا اٽڪندڙ ڳالهيون آهن، جيڪي ڌيان ڇڪائن. مجموعي ’راوي پار‘ جي مهاڳ ۾ هڪ هنڌ گلزار لکيو آهي،

''कुछ अफ़साने यूं हुए कि फोड़ों की तरह निकले। वह हालात, माहौल और सोसाइटी के दिए हुए थे। कभी नज़्म कह के ख़ून थूक लिया और कभी अफ़साना लिखकर ज़ख़्म पर मिट्टी बांध दी।''

آخري سٽ پڙهي ڪري سوال ٿو پيدا ٿئي ته ڇا ڪهاڻي حالتن جي ڏنل ڦٽن تي پٽي ٻڌل مثل، ڦٽن کي ڇٽائڻ ۽ نيڪ ڪرڻ جو ڪم سچ پچ ڪندي آهي؟ ساڳئي نموني ’سانولي چاندني رات‘ عنوان سان شايع ٿيل ڪهاڻين جي هندي مجموعي جي مهاڳ ’مئن ڪچھ ڪهتا نهين خود سي‘ ۾ گلزار لکي ٿو،

پوُتن، پريتن، قسمت ۽ گرهن، ستارن تي آڌارت گلزار جون
ڪهاڻيون پاٺڪ کي بلڪل ٻيءَ دنيا ۾ وٺي ٿيون وڃن. هن دنيا ۾
ترڪ ۽ دليل کان پاسيرو ٿي فقط وشواس ۽ پروسي جي آڌار تي ڪو
۾ ٽپو ڏيڻ جو رستو ڏيکاريو ويو آهي. 'نجوم'، 'ليڪن'، 'زندگي اڙ
موُت'، 'گارگي اڙر شپرمئن'، ۽ 'گرهڪٽ' ۾ گلزار ڪرم ۽ اُدم کي
قسمت جي سامهون جاَمڙو ظاهر ڪيو آهي. پوُتن کي پڻ اهميت ڏني
آهي. اِنهن ڪهاڻين کي ممڪن آهي ته گلزار ڏٺل ۽ پوڳيل جي آڌار
تي لکيو هجي، پر پڙهڻ کان پوءِ پاٺڪ جو وشواس ڊانواڊول ٿو ٿئي
اِئين ناهي ته گلزار ڪهاڻين کي نِسوري ڪلپنا ڪري لکيو هوندو پر
ماهر ليکڪ مان ايتري واجب اُميد ته رکي ٿي سگهجي ٿي ته هوُ غير
پروسيمند کي به وشواس جوڳو بڻائي ڇڏيندو.
ڪيترين ئي ڪهاڻين گلزار گوناگوُن وشين تي لکيون آهن
'مائڪل اينجلو' ساڳئي شخص مارسوليني کي نِنديڻ ۾ عيسيٰ ۽ وڏ
ٿيڻ کانپوءِ يهودا جي روپ ۾ چٽڻ جي ڪهاڻي آهي. 'جينا يهاں' هڪ
بيمار رهڻ واري خوُددار راجائي پٽ سمير جي آتم هتيا جي ڪهاڻي
آهي. 'اَدِڏا' هڪ جامڙي جي حساسپڻي ۽ اِنسانيت جي ڪهاڻي آهي
'دَس پئسي اڙر دادي' اُن ٻار جي ڪهاڻي آهي، جنهنکي گهر مان
پڇڻ کانپوءِ فقيرياڻيءَ جو موُت ڏسي ناراضپي جو سبب بڻيل ڏهن
پئسن جي اهميت محسوس ٿي ٿئي ۽ هوُ ڏاڏيءَ وٽ واپس ٿو موٽي
اچي. 'سترنگا' سيني جا ننڍا ننڍا ڪم ڪرڻ واري خيروءَ جي
ڪهاڻي آهي، جنهنجي دنيا مُکيءَ جي ٿڦ لڳڻ ۽ ڪانئس حرامخو
ٻڌڻ کان پوءِ بدلجي ٿي وڃي. 'سانولي چاندني رات' ۾ چڪو
جيئن جيئن ڳائڻ ۽ سنگيت جي هدايتڪاريءَ جي ڪيتر ۾ مٿي
چڙهندو ٿو وڃي، سندس سياهُ متجندو ٿو وڃي. هيءَ اِنسان جي
فطرت سان وابستا ڪهاڻي آهي. 'گُهگوُ اڙر جامني' اُن ٻار گُهگوُءَ جي
سنويدنائن جي سيلاب جي ڪهاڻي آهي، جيڪو جهڙن رنگ جي
آسمان ۾ اُڏندڙ لغڙ سان پاوناتمڪ سطح تي پاڻ کي جوڙي ٿو ڇڏي

ڀڳوان اٽلاڻي

10مارچ1945، لاڙڪاڻو (سنڌ) اڳوڻو صدر، راجستان سنڌي اڪادمي

شايع ٿيل ڪتاب

سنڌي

1. پالنڌُ (ناٽڪ) — پهريون ڇاپو — 1983
   ٻيون ڇاپو — 1986
2. پنڌارو (ايڪانڪين جو مجموعو) 1987
3. ڪنڌن جا ٻج (ڪهاڻين جو مجموعو) 1987
4. اَلوداع (ريڊيو ناٽڪن جو مجموعو) 1989
5. سنڌيت وڏي يا ملڪ (مضمونن جو مجموعو) 2004
6. مٺي ٻٽي سونُ (ٻارڙن لاءِ ڪهاڻي) 2007
7. جيئڙي مَڪ (ڪهاڻين جو مجموعو) 2013
8. اُڏامندڙ تير (ڪهاڻين جو مجموعو) 2013
9. سنڌي ڪهاڻيءَ جي حيثيت (مقالن جو مجموعو) 2017

هندي

1. بند آسمان ڪا آخري دروازا (ڪهاڻين جو مجموعو) 1987
2. پالنڌُ (ناٽڪ) 1988
3. حاشيا گواهہ (ناوَل) 1989
4. اِندرڌنش ڪشتج ڪي (ناوَل) 1989
5. موهہ ڀنگ (ڪهاڻين جو مجموعو) 1992
6. اَپني اَپني مريچڪا (ناوَل) 1993
7. ڀڳوان اٽلاڻي پرتينڌي رچنائين 1995
8. اَننت ناد (ناٽڪ) 1997
9. اِڇا (ڪهاڻين جو مجموعو) 1999
10. گونجتي سورون ڪا نيپٿيہ (ڪهاڻين جو مجموعو) 2002
11. اَتيت ڪي پئماني (مضمونن جو مجموعو) 2011
12. سپنو ڪي سوغات (ايڪانڪين جو مجموعو) 2012
13. ڀڳوان اَٽلاڻي ڪي لوڪپريہ ڪهانيان 2018

''मेरा रिश्ता ख़ुद से बड़ा अजब है.... मैं होरी भी हूं और धनिया भी।''

وري سوال ٿو اُٿي تہ گلزار کي پنهنجي فطرت بيان ڪرڻ لاءِ هڪ تہ مُنشي پريمچند جو سهارو وٺڻ جي ڪهڙي گهرج هئي ۽ ٻيو هوري ۽ ڌنيا مُنشي پريمچند جا ٻہ الڳ الڳ ڪردار آهن. گلزار هوري ۽ ڌينا کي پاڻ ۾ جذب ڪري هڪ ڪردار ڪيئن ٿو بڻائي سگهي؟

'هاٿ پيلي ڪر دو' ڪهاڻيءَ ۾ گلزار جو چوڻ آهي،

''मुर्ग़ियां पल भर को गर्दन उठाकर देखतीं हैं, कुछ कुड़कुड़ करतीं हैं और फिर किनारे पर बिखर जाती हैं।''

ڌوٻين جي مرغين سان مشابهت هن جملي ۾ صاف طور سان اُڀٽهڪندڙ آهي. 'مائيڪل اينجلو' ۾ رنگن جي ٻين رنگن سان ملي متجڻ يا رنگ ڇڏڻ جي ڀيٽ گلزار سنگمرمر جي رنگ سان ٿو ڪري. ظاهر آهي، رنگن ۽ پٿر کي هڪ ئي تارازيءَ ۾ نٿو توري سگهجي. 'ايڊجسٽمينٽ' جو نانو زال جي مرڻ کان پوءِ سندس زبان ۾ ٿو ڳالهائي، سندس ڪپڙا ٿو پائي. گلزار جي ڪهاڻيءَ ۾ نانا لاءِ نوع تعريف ڪندڙ آهي، جڏهن ڪِ هوُ زال جي صدمي سبب بيمار آهي. 'جنگلناما' ۾ نديءَ ۾ اُڇلڻ ڪانپوءِ بہ لاش جي جسم تي خون جي مؤجودگي ۽ 'هابوُ ڪي آگ' ۾ ذڪر ڪيل پندرهان لک سالن جو آڌار ۽ جانور بنام اِنسان ۾ فرق جا نقطا پڻ سوال کڙا ڪندڙ آهن.

گلزار جي شاعري سندس ڪهاڻين جي مقابلي وڌيڪ مقبول آهي. ڪهاڻين ۾ چتراتمڪتا ۽ اُنهنکي فلم جيان فريم ۾ رکي ڏسي سگهڻ جي سگهہ گلزار کي علحدو ڪهاڻيڪار ٿي بڻائي. اِهو پاسو ٻين ڀهوُڳٽي ليکڪن ۽ ڪلاڪارن جي مقابلي گلزار کي نرالو مقام ٿو بخشي. عام فهم ٻولي سندس ڪهاڻين جي اِن خوبيءَ ۾ ايترو وڌيڪ اِضافو ٿي ڪري جو پاٺڪ ديوانگيءَ جي حدن تائين گلزار کي پيار ٿا ڪن.

(چانديبائي همتمل منسکاڻي ڪاليج، اُلهاس نگر پاران اُلهاس نگر ۾ 22 جنوري 2015 تي ٿيل سيمينار ۾ پڙهيل پيپر)